
اکئين ڏٺم جو
عاشق منگي
اکئين ڏٺم جو
عاشق منگي
ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي
56

# اڪئين ڏٺم جو

عاشق منگي

ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي
قنبر ــــ ٢٠١٧ع

**ڊجيٽل ايڊيشن:**
سنڌ سلامت ڪتاب گهر

**ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي (رجسٽرڊ) قنبر جو ڪتاب نمبر (٥٦)**

© ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي (رجسٽرڊ) قنبر ٢٠١٧ع

ڪتاب: **اکئين ڏٺم جو**
تاليف ۽ تصنيف: **عاشق منگي**
پهريون ڇاپو: **آگسٽ ٢٠١٧ع**
ٽائيٽل: **رضوان گل**
ڇپائيندڙ: **ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي قنبر**

قيمت: ١٤٠ رپيا

"Saw What With Eyes"
Compiled & Described by: Ashiq Mangi
1st Edition: August 2017 A.D
Published by: Dr. Muhabbat Academy®, Kambar
E-mail: dmacademy@gmail.com
riazatburiro@yahoo.com

**هيءُ ڪتاب ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي قنبر جي چيئرمين ياٺو درمحمد ٻرڙي، وي آءِ پرنٽرس ڪراچيءَ مان ڇپائي، ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي قنبر پاران پڌرو ڪيو.**

# انتساب

١. بابا مرحوم نيڪ محمد منگي ۽ امڙ،
٢. چاچا مرحوم عرض محمد ۽ چاچي،
٣. استاد مرحوم محمد هاشم ڏڪڻ (پيرڳوٺ خيرپور) ۽ سائين رشيد احمد ميمڻ (دادو)،
۴. انهن سنڌي ماڻهن جي نالي جن سنڌ جي ساڃاهه سکڻ ۾ منهنجي مدد ڪئي.
۵. لورين جنهن پيار جي پاڇي ۾، عورت سان ٽيندڙ ڏک ڏيکاري، ساڻس پيار جي پوک پوکي. منهنجي زندگيءَ ۾ گهٽي ڪوٺ کي پورو ڪرڻ لاءِ ڪوشان رهي.

هي لکڻ جو پورهيو ڪندي، منهنجو وجود لوڏيو ويو آهي. اها پيڙائن سان پريل خوشي، مٿين سيني احسان ڪندڙن جي نالي، هڪ قسم جي محبتن جي پيٽا، ٻيو مون وٽ آهي ٻه ڇا؟

**- عاشق منگي**

# سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن سلسلي جو نئون ڪتاب **"اکئين ڏنم جو"** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هن ڪتاب جو ليکڪ محترم **"عاشق منگي"** آهي.

هِن ڪتاب ۾ آتم ڪٿا ۽ يادگيرين جا قصا، تعليم ۽ بجليءَ جي موضوعن تي تاثراتي مضمون، ۽ نامور شاعرن قاضي مقصود گل ۽ عبدالغفار تبسم سان گڏ محترم عبدالقادر منگيءَ جي شخصيت ۽ خدمتن تي مضمون پڻ شامل آهن، جنهن سبب هن ڪتاب منجهه مختلف رنگ ۽ انداز اڀري بيٺا آهن. اهي سڀ ليک ڪارائتا ۽ ڪارگر ته آهن، پر سندس ڳوٺ مسوديري بابت مضمون نمايان حيثيت رکندڙ آهي.

هي ڪتاب **ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي قنبر** پاران 2017ع ۾ ڇپايو ويو آهي. ٿورا پياري رياضت برڙي جا جنهن هن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي، مهربانيون سائين عاشق منگيءَ جون جنهن ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# ليکڪ جو تعارف

١. ڄم جو نالو: عبدالغني پٽ نيڪ محمد منگي

٢. اسڪول ۾ نالو: عاشق حسين منگي

٣. ادبي دنيا ۾ نالو: عاشق منگي

٤. ڄمڻ جو هنڌ: ڳوٺ مسوديرو، تعلقو رتوديرو، ضلعو لاڙڪاڻو.

٥. تعليم: ايم اي ۽ ايم ايڊ

٦. نوڪري: تعليم کاتو، هاڻي رٽائر.

٧. مشغلا: سنڌ جا واهڻ وستيون گهمڻ، يارن دوستن سان ڪچهريون، موسيقي ٻڌڻ، فلمون ڏسڻ، ڪتاب پڙهڻ ۽ لکڻ.

٨. پسنديده شخصيتون: دولهه دريا خان، شاهه عنايت، شاهه ڀٽائي، مولانا تاج محمود امروٽي، شهيد الله بخش سومرو، سورهيه بادشاهه، سائين جي ايم سيد، علامه آءِ آءِ قاضي، قاضي فيض محمد، حيدر بخش جتوئي ۽ محمد ابراهيم جويو صاحب وغيره.

٩. پسنديده مضمون: سنڌ جو عروج ۽ زوال. سنڌ جي سياسي، سماجي ۽ اقتصادي تاريخ.

١٠. موجوده رهائش: سال ١٩٦٨ع کان شهر نئون ديرو.

١١. لکيل ڪتاب: ١. نئون ديرو: دل وارن جو ديرو، ٢. ڏوري ڏنم ڏيهه، ٣. اڪئين ڏنم جو.

**انعام منگي**

نئون ديرو

سيل نمبر: ٠٣٣٤٢٢٣٠٨٩٤

# فهرست


- ٻه چار لفظ ................................ رياضت ٻرڙو 08
- فطرت جي هڪ عاشق جي آتم ڪٿا ......... امتياز منگي 09
- ٻه اکر ................................ ارشاد ڪٿپر 13
- سادا اکر ................................ انجنيئر عبدالوهاب سهتو 14
- پنهنجي پاران ................................ عاشق منگي 33

١. مسوديرو (جنم ورتم جت، ڳالهيون تنهن ڳوٺ جون) 35

٢. ڇُوٽي جي تلاش (جواني ۽ جوڀن، جت جاڙ ڪيم) 53

٣. سنڌ اندر تعليم (تباهيءَ ۽ تنزل جا ڪارڻ) 83

٤. سنڌ ۾ بجلي (بحران ۽ واپڊا جي آپدا) 94

٥. سانگهڙ جو سفر
(عبدالغفار تبسم سان ملهايل شام جو احوال) 99

٦. عبدالقادر منگي (محبتن ۽ خدمتن جو سنگم) 113

٧. قاضي مقصود ”گل“ (فقيرمنش ۽ ڏاهو انسان) 125

# ٻہ چار لفظ

”**نئون ديرو: دل وارن جو ديرو**“ (مئي ٢٠١٢ع) ۽ ”**ڏوري ڏنم ڏيھہ**“ (نومبر ٢٠١٢ع) جي نالن سان آيل ٻن ڪتابن کان پوءِ، سائين عاشق منگيءَ جو نئون لکيل ڪتاب ”**اڪئين ڏنم جو**“ (جولاءِ ٢٠١٧ع) پيش ٿي رهيو آهي، جا نهايت خوشيءَ جي ڳالھہ آهي. خاص طور ان ڪري بہ، تہ رٽائرمينٽ کان پوءِ لکڻ وارا بہ ٿڌا ٿانهرا ٿي ويندا آهن. جڏهن تہ سائين عاشق منگيءَ، رٽائرمينٽ بعد، لکڻ جي ڪارائتي ڪرت شروع ڪئي آهي. جنهن جو ٽِيُل مٿيان ٽئي ڪتاب آهن. اها لکڻ جي سرگرمي ساراهہ لائق آهي، جنهن ۾ وقت جو سنو ۽ لاڀائتو استعمال پڻ سمايل آهي.

سائين عاشقَ، سڄي حياتي پڙهايو آهي، ان ڪري سنڌس استاديءَ جا رنگَ، سنڌس لکڻين ۾ پڻ پڌرا آهن. جن ۾ سادگي بہ آهي، مثال بہ آهن، تہ ڳالھہ سان ڳالھہ جي ڳنڍِ بہ آهي. پنهنجي لکڻين ۾ هُو صرف پاڻ موجود نہ آهي، پر سنڌس لکڻيون انيڪ ڪردارن سان پرپور آهن جيڪي پنهنجي پنهنجي ڪٿا بيان ڪندي نظر اچن ٿيون.

هِن ڪتاب ۾، آتم ڪٿا ۽ يادگيرين جا قصا، تعليم ۽ بجليءَ جي موضوعن تي تاثراتي مضمون، ۽ نامور شاعرن قاضي مقصود گل ۽ عبدالغفار تبسم سان گڏ محترم عبدالقادر منگيءَ جي شخصيت ۽ خدمتن تي مضمون پڻ شامل آهن، جنهن سبب هن ڪتاب منجھہ مختلف رنگ ۽ انداز اڀري بيٺا آهن. اهي سڀ ليک ڪارائتا ۽ ڪارگر تہ آهن، پر سنڌس ڳوٺ مسوديري بابت مضمون نمايان حيثيت رکندڙ آهي. منهنجي من ۾ خواهش پيدا ٿي، تہ سھٽيءَ سنڌ جي سيني ڳوٺن جي تاريخ ۽ يادگيرين جي حوالي سان، ان ريت بہ ليک لکجن، تہ ڪيڏو نہ سنو ۽ اهم ڪم ٿي پوي!

**رياضت برڙو**
ڊائريڪٽر (اعزازي)
ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي قنبر

# فطرت جي هڪ عاشق جي آتم ڪٿا

پولينڊ جي هڪ شاعر اسٽينزلا (Stanislaw Jerzy Lec) ڇا ته خوب چيو آهي ته اوهان حقيقت کان ته منهن موڙي سگهو ٿا پر يادُن کان نه.

You can close your eyes to reality but not to memories.

يادون هر وقت ماڻهوءَ جي تعاقب ۾ لڳل رهن ٿيون ڪنهن ڳجهي اداري جي اهلڪار جيان، بالڪل ڪان وٺي ٻڌائي تائين، ذهن ۾ يادين جو هڪ واقعاتي سلسلو هلندو پيو ايندو آهي. ياد جي ڪڙي، ڪنهن واقعي سان به منسوب ٿي سگهي ٿي ۽ ڪو اتفاق به ٿي سگهي ٿو. واقعو اٿوٽندڙ به ٿي سگهي ٿو ۽ حسين اتفاق به. هر ماڻهو آتم ڪٿا ڪو نه لکندو آهي. هر استاد ايترو سڄاڻ به نه هوندو آهي. لکن ۾ ڪو پراڻا پنا سنڀالي، زندگيءَ جو جوڙُ، ڪٽندو آهي، نه ته انهن جو وڏو انگ ته پينشن جي پنن مان اها اميد رکندو آهي ته آخري ترقي وٺي در تي ڪنهن انتظامي آفيسر جي نالي واري تختي لڳائي پوري گهٽيءَ ۾ ممتاز ٿي وڃان. نئين ديري باءِ پاس جي ڪنهن ڪنڊ ۾، وسيع باغن پرسان، منهنجو محبوب دوست عاشق منگي به ڪنهن اٿپوري ياد کي مڪمل ڪرڻ لاءِ محنت ڪري رهيو آهي.

فرانس جي عظيم ڏاهي، وڪٽر هيوگو (Victor Hugo) ڳوٺ لاءِ ڪيڏي نه زبردست تشريح ڪئي آهي.

هاٽي ڪنهن ڳوٺ ۾، هڪ مشعل روشن آهي، هڪ استاد آهي جيڪو ڪيس ڦوڪ ڏئي دم دم دڪائي رهيو آهي.

عاشق منگيءَ جي سادي سودي زندگيءَ جو ثمر منهنجي هٿ ۾ آهي جنهن ۾ هن ڳوٺ کان شهر در شهر سفرن جو حال احوال اوريو آهي. هن پنهنجي ڪتاب جي مارڪيٽنگ ڪرڻ لاءِ ڪو انڪشاف نه ڪيو آهي، نه ئي ڪو راز فاش ڪيو آهي. هن صرف ماحول جي مٺا

سٽا تي قلم کنيو آهي. سادن ۽ سچارن جي جاءِ تي سوديبازن ۽ منافقن جي منهن تي سچ چئي ڏنو آهي.

اسان پنهنجون عمريون ڳڙڪائي وڃڻ بعد، گهڻي وقت تائين ويسارا رهندا آهيون. ڪنهن جي پڇڻ تي لاپرواهيءَ سان جواب ڏيندا آهيون ته؛ مون کي ته راتوڪي ويلي جي به خبر ناهي، ته ڇا ڪاڏو هوندو! پر حقيقت ۾ ائين ناهي هوندو. خوبصورت يادون دنيا جي هر حساس ماڻهوءَ جي ذهن ۾ هڪ قرض جو ڪتاب هوندو آهي، جنهن جي پرتن ۾ بستي جي انهن مُحسن موسمن جو ذڪر هوندو آهي جن ڪان متاثر ٿي هو اڪثر گهر ڪان غائب ٿي ويندو آهي، جنهن جي صفحن ۾ انهن روڏن جا احساس اُڪريل هوندا آهن جيڪي سدائين سندس همسفر رهيا هوندا آهن. انهن ئي روڏن تي رات جو گهمندي، هو ان چنڊ جو به ته قرضي آهي جيڪو سندس سونهون رهيو هوندو آهي! ۽ آخر ۾ آس پاس جا اهي ڪردار جيڪي ڪيس اڪثر ڪري گهر، گهٽين، اسڪولن، بنگلن، چوڪن، مسجدن، مندرن، ميدانن، بس اسٽاپن ۽ ميخانن ۾ ملندا آهن. عام ڏينهن ۾ هو انهن مهربانن جو قرض وساري ويهندو هو پر جڏهن وقت گذري چڪو هوندو آهي تڏهن هو هر هنڌ انهن جو ذڪر ڪرڻ لڳندو آهي، هر ڳالهه تي پنهنجي دور جو قصو دهرائيندو آهي.

موجوده دور جي سهولتن مان مزا وٺندي، هو تمام پراڻي وقت کي به هر وقت سارڻ لڳندو آهي جڏهن سندس هاڻوڪي شهر ڪان گهڻو پري هڪ ڳوٺ ۾ سادگي ۽ تنگدستي واري زندگي گهاريندڙ سندس والدين هن کي اميريءَ واريون سهولتون ڏيندي ڪڏهن به منهن تي گهنج نه آندو.

مرحوم محسن ڪڪڙائي جي غزل جو بند آهي ته

ترسجو مان حسن کي چاهي وٺان،
زندگي جو قرض آ لاهي وٺان.

عاشق منگي هميشه حقيقي حسن جو متلاشي رهيو آهي. پنهنجي زندگيءَ جي حسين لمحن کي سارينديِ ڪنهن قابل دوڪاندار وانگر هر پرت تي جنسن جي حساب سان قرض جو جوڙ ڪندو

لکندو رهيو آهي. هر ياد کي پنن تي لاهي، پنهنجي دل جو غبار هلڪو ڪندو رهيو آهي.

لاڙ جي نوڪريءَ جي عنوان سان لکيل يادگيرين ۾ پنهنجي هٺيلي طبعيت ڪري هو ٽنڊي محمد خان ۾ لساني ٻولي ۾ نه پڙهائڻ تي احتجاج ڪندي ٽنڊي باگي جي ڳاڏ ڳوٺ ۾ وڃي نوڪريءَ تي چڙهي ٿو. پاڻ ئي ته لکي ٿو ته: ثابت ساوا مرچ هي پٽافي صاحب جي بنگلي تي ڪائڻ لڳو. ساڳي وقت هو چانورن جي ماني نه ملڻ تي احتجاج نه ڪري سگهيو. ٽنڊي باگي ۾ پنهنجي ڳوٺ مسوديرو جي مختيارڪار الله وسائي مهر سان سندس ملاقات، ١٩٧١ع واري پاڪ ڀارت جنگ جو ڊپ، لاڙ جي ماستر جو چوڪري سان عشق ۾ چريو ٿيڻ ۽ ٻيا گهڻا پهلو آهن، جن تي هن قلم کنيو آهي. اڄ جڏهن شهرن جي خانگي اسڪولن ۾ تعليم جا سوداگر، ولايت جي ادارن مان نقل ڪيل نصاب پڙهائي، يا ڪنهن عسڪري اسڪول جو يونيفارم پارائي نئين نسل کي منجهائي وڌو آهي، تڏهن اسان کي عاشق منگيءَ جهڙا استاد ياد اچن ٿا.

عاشق منگيءَ چواڻي: ڪيس ادبي دنيا ۾ آڻڻ وارو پروفيسر نذير احمد سومرو هو. مان ذاتي طور پروفيسر نذير احمد سومري جي علمي ۽ ادبي قابليت مان گهڻو متاثر رهيس. هن جو لاڙڪاڻي جي جديد تاريخ سهيڙڻ ۾ وڏو حصو رهيو. خاص طور تي لاڙڪاڻي جي اردو اهل قلمڪارن جي ڊائريڪٽري هو. ساڳئي وقت جڏهن هن رتيديري جي هندو اديبن تي قلم کنيو ته لاشاري ڳوٺ جي ٻلديو مٺلاڻي، بنگلديري جي شاعر آسن صابلداس واسواڻي مجبور، ڏيارام ڪشنچند جئسنگهاڻي، ناول نگار چندو لال، ديوان خوب سنگهه نانو سنگهه ۽ پريو وفا تي لکي پاڻ نيايو. عاشق منگي به پروفيسر نذير احمد سومري جي صحبت ۾ رهندي پهريائين ته پنهنجي پسگردائي کي پرکيو، مطالعو ڪيو، بعد ۾ لکڻ شروع ڪيو.

مسوديري جي يادن ۾ عاشق منگيءَ معمولي ڪردارن کي ياد ڪيو آهي، جتي محرم جانوري ڏاڙيل جو ذڪر ڪيو آهي ته اتي مريم

چري ڪي بہ ڪو نہ وساريو آهي، جيڪا صبح سوير راتوڪي بچيل ماني ونڻ ايندي هئي ۽ ولو چريو ڪيس وقت جو فلاسافر لڳندو هو. هن ڪي چرياڻ وٽندا آهن چو تہ انهن تي شريعت لاڳو نہ ٿيندي آهي! هن ايوب خان جي مارشل لا ۾ ڳوٺن ۾ بجلي جي سهولت جو ذڪر ڪندي راڳ ويراڳ جي آلاپن ڪي بہ ياد ڪيو آهي جڏهن ڳوٺ ۾ هن سينگار علي سليم، استاد گلزار علي خان ۽ مائي الله وسائي کي سامهون ٻڌو. سياري جي موسم ۾ هن ڳوٺ ۾ پلي پچائڻ جي ڳالهہ ڪئي آهي (اها ٻي ڳالهہ آهي تہ ڦريون ڦوٽا وساري ويو آهي)، چٽن ۽ مٽرن جي مند ۾ هن ساڳ پلي ڪي ساريو آهي ائين ٿو لڳي تہ اڄ بہ هن جي آڳرين ۾ چٽن جي گونچن واري ڪٽي پليءَ جو ذائقو موجود آهي.

عاشق جي ٻولي نج اترادي آهي. هي ڪتاب هڪ تعلقي جو گزيٽيئر آهي. اڳتي هلي جيڪو بہ رتيديري تي تحقيق ڪندو تہ عاشق منگي جا ذاتي مشاهدا ڪيس ڪم اچي ويندا.

**امتياز منگي**

ڪشمور

# ٻه اکر

تعجب لڳو جڏهن عاشق منگيءَ فون ڪري سنڌس ايندڙ ڪتاب تي ٻه اکر لکڻ لاءِ چيو. عاشق منگيءَ سان تمام ويجهي دوستي رهي آهي. اسين تقريبن روز شام جو ملندا هياسين. هي اهو زمانو هو جڏهن لاڙڪاڻي ۾ ٽيچرس ٽريننگ ڪاليج ڪلڻ تي پهرين بيچ مان ٽريننگ ڪري ماستر ٿياسين. مان لاڙ جي ماستريءَ ڪان بچي ويس ۽ لاڙڪاڻي ۾ پوسٽنگ تي وئي. جڏهن ته عاشق منگي لاڙ جي نوڪري ڪري، پنهنجون ساروٽيون لکڻ جهڙو ٿي ويو. پر پوءِ عاشق منگي به جلد ئي پنهنجي بدلي ڪرائي ويجهو پهچي ويو ۽ ائين ڪچهريون قائم رهيون.

نئون ديري ۾ اسان دوستن جا نظرياتي طور تي ٻه گروپ هيا، جن جون گڏيل ۽ علحده ٻن اوطاقن، هڪ منهنجي ۽ ٻي عبدالغفار پٽني تبسم جيءَ تي ڪچهريون ٿينديون هيون. ترقي پسند ذهن رکندي عاشق منگي منهنجي اوطاق تي گهٽو ايندو هو جتي غلام حسين کٽپر، غلام سرور ناريجو، اميد علي کٽپر ۽ انور علي مگريو وغيره جا سياست تي بحث مباحثه ٿيندا هئا. پاڻ ۾ جذباتي ٿي، ڪاڙجڻ ۽ پرچڻ هلندو رهندو هو.

مون کي ياد آهي ته مان جڏهن به لاڙڪاڻي ڪان موٽندي ڪو نه ڪو ڪتاب ورتيون موٽندو هيس ته رستي ۾ عاشق منگي ڪتاب ڏسي پڙهڻ لاءِ ضرور گهرندو هو، ۽ مان به ڪيس پهريان پڙهڻ لاءِ ان ڪري ڏيندو هيس جو هو ڪتاب وعدي مطابق واپس ڪندو هو. هن جي ان وصف جو ذڪر اڄ به ڪندو آهيان. منهنجي ڪراچيءَ اچڻ ڪان پوءِ، ساٿس ملاقاتون ختم ٿي ويون.

عاشق منگيءَ جا ٻه ڪتاب پڙهيا ۽ هاڻي هي ٽيون ڪتاب، جيڪو به سنڌس يادگيرين ۽ ڪالمن تي مشتمل آهي، پڙهي خوشي ٿي ته

همراه واندي ويهڻ بجاءِ پنهنجا مشاهدا، ساروڻين جي شڪل ۾ نئين نسل سان ونڊي ٿو. ڪو بہ ليکڪ عشق ۽ مشق کان سواءِ سنو لکندڙ ٿي ناهي سگهندو. ٻيو تہ هر لکندڙ جي ٻولي، لفظن ۽ خيالن جي ترتيب، پنهنجي پنهنجي ٿئي ٿي. عاشق منگيءَ جي عام واهپي واري سادي ٻولي پڙهي، مزو آيو. هن جي لکڻين ۾ هن جو مشاهدو سنو سمايل آهي، پر سندس خيالن جي وهڪري ۾ ڪٿي ڪٿي جهول محسوس ٿئي ٿو ۽ پڙهڻ سان رڌم ٽٽي ٿو. جيڪو اميد تہ اڳتي هلي، ايندڙ لکڻين ۾ بهتر ٿيندو ويندو.

لاڙ جي ماستريءَ ۾، هن تفصيل سان لاڙ جي سماجي جوڙجڪ، رسم ۽ رواجن، پراڻن ماڳن تي پنهنجا مشاهدا، جناب عبدالقادر منگيءَ سان سندس لهہ-چڙهہ دوران سگهڙن سان ملڻ، هڪ تاريخ جوڙين ٿا، جيڪا پڙهندڙن لاءِ دلچسپيءَ جو باعث ٿيندي. تعليم جي تباهيءَ تي لکيل سندس مقالو سنو آهي ۽ تباهيءَ جا سبب بہ صحيح آهن، پر تعليم ڪيئن نيڪ ٿيندي ۽ اصل ڪارڻ ڪهڙا آهن ۽ ڪير رڪاوٽ آهي، تفصيل سان بحث طلب آهن.

پڙهيل ڳڙهيل سنڌي ماڻهن کي پنهنجا تجربا ۽ مشاهدا لکي، ايندڙ نسل تائين پهچائڻ گهرجن، جيڪو پڻ سنو عمل آهي. جيڪو عاشق منگي صاحب، پنهنجو فرض سمجهي، اهو پورو ڪري رهيو آهي. ان لاءِ ڪيس جس هجي. باقي پنهنجي ساروڻين ۾ هن ڪنهن کي ساريو ۽ ڪنهن کي وساريو آهي، ان مان گهٽ ۾ گهٽ سندس ويجهن دوستن جي خبر پوي ٿي.
اميد تہ اڳتي بہ لکندو رهندو.

**ارشاد ڪٽپر**
گلشن حديد، ڪراچي.
٢٠ آڪٽوبر ٢٠١٦ع

# سادا اکر

فطرتًا، انسان تي اول ۽ گهرو اثر، انهن شين جو ٿيندو آهي، جيڪي سندس مشاهدي يا تجربي هيٺ اول آيون آهن. اهو اثر، مثبت به ٿي سگهي ٿو ته منفي به. ڇو جو اثر، اثر هوندو آهي. ان سان نفسيات جڙندي آهي، جنهن کي عمل ۾ آڻيندي، ماڻهو خودڪار نموني، پاڻ ۾ وديعت ٿيل جبلتون استعمال ڪندو آهي. شين، ماڻهن، ماحول ۽ معاشري ڏانهن ورتاءُ، انهن ئي نفسياتي اثرن ۽ اندروني جبلتن/ ڪيفيتن تحت ٿيندو آهي. جنهن شيءِ سان ڪاوڙ يا ڇڙ ڏياريندڙ منظر، شروع ۾ پيش آيو آهي ته ان جو اثر آخر تائين اهو ئي رهڻو آهي. اگر خوشگوار تجربو گذريو آهي، سڄي عمر ان کي ائين خوشگوار پيو سمجهبو. انگريزيءَ اندر، ان کي ته "پهريون اثر، آخري اثر هوندو آهي" چئبو آهي. ان جي برعڪس تجربي ۽ مشاهدي سان جيڪو ڏنو ويو آهي، سو هيئن آهي: "پهرين ڏٺل شيءِ جو اوچتو وينل اثر، دائمي ۽ ديرپا هوندو آهي." باقي ٻين شين جا اثر، اڳي ڏٺل شين جي تجربي آهر هوندا آهن.

ماڻهوءَ جي نفسيات جڙڻ تي پهريون اثر، پنهنجي گهر، پوءِ ذات پات، ڳوٺ ڳليءَ، وڻ راهه، شهر قصبي ۽ ڄاڻ سڃاڻ وارن وٽان پوي ٿو. اهو ديرپا رهي ٿو. وساريي نه ٿو وسري. وطن جي گهٽي، جنهن ۾ ٻالڪپڻ جا چند سال گذرن ٿا، ياعمر نه ٿي وسري. ان ڳوٺ مان پلي ماڻهو لڏي وڃي، پر جڏهن به ان جو ذڪر نڪرندو ته ان پناڻ واري ڪيفيت هوندي جيڪو گاڏيءَ جي ڪوڪ ٻڌي پريشان ٿي ويندو هيو ۽ سبب پڇڻ تي ٻڌائيندو هيو: "ماڙا! تمهارا گاڙي ڪرتا هي ڪو ڪو، لالي ڪا دل ڪرتا هي وطن وطن." اها به فطرتي ڇڪ آهي، جنهن تحت: "ڳوٺ جو رستو ڏسي، ڏاند به ڏوڙٽا پيجندا آهن".

ڳوٺ ۽ ڳليون، نفسيات جڙڻ ۾ پهرين سر رکڻ جو ڪردار ادا ڪن ٿا. ابتدائي تعليم، ان عرصي دوران پرائجي ٿي. هڪ-جيڏن ۽ هڪ-

جهڙن سان ڳالهائڻ ٻولهائڻ سڪجي ٿو. هلڻ چلڻ جو ڍنگ ۽ ورتاءَ جا طور طريقا وٺائڻ سڪجن ٿا. جن جا اثر طبيعت تي ڪافي عرصو هلن ٿا. انهن جي آذار تي، عملي زندگيءَ ۾ قدم رکجي ٿو.

ٻيو نفسياتي اثر، جيڪو ماڻهوءَ جي طبيعت تي مرتب ٿئي ٿو، سو ڏنڌي يا پيشي جو آهي. ساڳ گڏ ڪم ڪرڻ وارا، جواني ۽ جوڀن، گڏ جالين ٿا. مڙني جون اندروني ڪيفيتون، من-جملي هڪ-ڪريون هونديون آهن. مڙيئي گهرن ۽ پيارن کان دور هوندا آهن. گهر کان ٻاهر جي ماني کائيندا آهن. لٽو ڪپڙو، گهر-ڏوتو نہ ملندو اٿن. هنڌ بسترو بہ پاڻ کي چنبڙيو ۽ وڇائڻو هوندو اٿن. ٿلهي ليڪي، زندگيءَ جي سمورين وَٿُن بابت، پنهنجي لِڱين لوڇڻو هوندو اٿن.

ڳوٺ جي اندر ٿيندڙ واقعا، چورين چڪارين جون وارداتون، جهيڙا جهٽا، ڦڏا فساد، فشريون ۽ فنشي-بازيون، فيصلا ڦڙا، شاديون مراديون، غميون ۽ فوتگيون، ڏنڊ چٽيون، رانديون رونديون، وندر ورونهن جا موقعا اڪين سامهون گذرن، نبرن ۽ پڄاڻيءَ تي پڄن ٿا. منجهانئن عقل، ڦڙو ڦڙو ٿي، ماڻهوءَ جي مغز جي خالي ٿالهيءَ منجهہ اوتجندو رهي ٿو. پير ڪٽڻ ۾ پختگي ۽ ڏاهپ ۾ واڌارو اچي ٿو. زمانو آ ڊڪڻ: پيو ٿو ماڻهوءَ کي ڪپي ۽ ڪوري، سنواري ۽ سينگاري.

هن ڪتاب جي چند مضمونن جو واسطو پڻ زندگيءَ جي اهڙن حصن تي محيط آهي، جيڪي پاڻ اندر اهڙا ڪوڙ سارا واقعا ۽ منظر سمايون ٿا هلن. غربت جو حشر ڏسڻو آهي تہ ڀهراڙين ۾ ڏسو. ڏاڍ ۽ بربريت جو ننگو ناچ ڏسڻو آهي، سو بہ ڏسڻ لاءِ اتي موقعو مليو وڃي. سخاوت ۽ صلہ رحميءَ جو مثال ڏسڻو آهي، سو ڏسڻ لاءِ بہ اتي موقعو ملندو. ڳوٺ اندر هڪڙي ڀرپور زندگي آهي، جتان ڳالهائڻ لاءِ ماڻهو، زبان ۽ هٿن، اکين ۽ اشارن جي ٻولي سکي، اڳتي قدم وڌائي ٿو. ڪيس ڏکيا مسئلا سمجهڻ لاءِ، ڪوڙ سارا مثال اکين آڏو رهنما ۽ سونهين طور رهن ٿا، جيڪي ڪيس اصلي گس جو ڏس ڏيڻ سان گڏ ڪاڏي بہ ٿڙڻ نہ ٿا ڏين. شروعاتي مضمون،

’جنم ورتم جت، ڳالهيون تنهن ڳوٺ جون‘ ۾ اهي لقاءَ پسي سگهجن ٿا. سٺ سال گذرڻ پڇاڙان، اتان جي دنيا اڃا اتي آهي. ان ئي ڏاهپ جي محور تي پاڻ کي پڌاريون ۽ پختو ڪيون بيٺي آهي. ڏاهپ جا نقطا، هر ڳالهه مان ڪيئن ڪڍيا آهن، سي به هو ڪڍي ڄاڻن. مثال سان سمجهائڻو آهي، سو به هو سمجهائي ڄاڻن. ننڍن جي پرگهور لهڻ سان گڏ، تربيت به ڪري ڄاڻن. تعليم کي اهم ان ڪري ٿا سمجهن، جو جهالت جا سور انهن ڏٺا آهن. بغاوت اگر ايري آهي، انهن جي ذهنن ۾ به ته انهن سورن جي ڪري آهي. جو آخر بيزار ٿي، ڇُوٽي جي تلاش ۾ نڪرن ٿا ۽ ڳوٺ ڏي وري موٽ ڪرڻ تي دل نه ٿي گهرين.

تيري ياد نے دنيا سے بيگانہ کرديا،

مگر تجھ سے بھی دلفريب تھے غم روزگار کے.

اها ٻي ڳالهه آهي ته دل تي اڪريل اهي ننڍپڻ جون هلڪيون هلڪيون، پرايون ۽ پنهنجيون وارتائون ۽ واقعا وسرن نه ٿا. ور ور ڪري اچي جاڳائين ٿا. سڏي سڏي ٻڌائين ٿا: اسان مان سک، سبق پراءِ. اسان کي رهنما ۽ سونهون سمجهه. اسان کي متان وسارين. وساريندين، ميسارجي ويندين. اسان تنهنجا سڄڻ به آهيون ته ڏڄڻ به. اسان تنهنجا ڦيڪاري به آهيون ته ساٿاري ۽ راڪا به. انسان، ويچارو ماڻهوءَ جي آچار. لاچار ۽ مجبور ٿيو وڃي، انهن جي سانڍڻ ۽ سانيڻ لاءِ. قلم ڪٽي ٿو، قلم ٽٽيو وڃيس. پنو سنيالي ٿو ته پنو ڦاٽيو وڃيس. ٻنهي کي سنيالي ٿو ته دل ٽٽيو وڃيس. دل کي سنيالي ٿو ۽ خيالن کي ڪيترا به ويس وڳا ڍڪائي، بيان ڪرڻ ۽ منجهائڻ رهنما اصول واڇڻ جي مخبري ڪري ٿو، ته سرير به ساٿ ڇڏڻ شروع ڪريس ٿو. ان ماستر وارو حشر ٿيو وڃيس، جنهن پگهار هوندي به عيالداريءَ سبب غربت ۾ رهندي چيو هيو: ”قميص ٿو ونان ته ڪانئڇ تي ڦاٽي، ڪانئڇ ٿو ونان ته قميص تي ڦاٽي، ٻئي ٿو ونان ته تي ڦاٽي.“ .... زندگيءَ ۾ سرير مٿان گذريل واقعا بيان ڪرڻ، ان

حقيقت ڪان وڏيڪ ڀيانڪ آهن. لڳن تان لٽو لاهڻ، سو بہ جڏهن هڙ شيءِ هلي وئي هجي، ڏاڍو ڏکيو آهي.

هڪڙو غريب جو ٻار، ٻيو جاڏي ڪاڏي تيار. هڪڙو حجامڪو ٻار، ٻيو چمڙي اڇي ۽ بت ڀريل، ٽيون گهمڻ جو شونق. نہ چڙهندن کي بہ بخار ضرور چڙهي. هڪڙي ڇوري، ٻيو هنج. باقي ڪمي ڇا جي آهي. وڏيري سان گڏ ويهڻ جهڙو تہ هجي پر جيسي تہ نہ ٿيو نہ! پلي وڏيري وٽ سؤ ڏاهپ وارا جواب هجن پر برادريءَ وارن جو هڪڙو ڏنپ بہ چؤنواتي/ ٻڙڇيءَ ڪان گهٽ ناهي. اها ٻي ڳالھ آهي تہ خانداني وڏيرا ۽ پوتار، ڳفتي جا غازي ٿيندا آهن. وٽن اهڙا تہ ڳفتا تيار هوندا آهن، جو موقعي جي تلاش هوندي اٿن. نڪرڻ شرط، اڳلن کي ڦٽڪايو رکن. هڻ ڪڻ آهن.

لياقت علي خان جلباڻي، مون اڪئين ڪو نہ ڏٺو. دوستن يارن ڪان، سندس بابت چڱو ٻڌو. منجهس وڏن سردارن واريون خوبيون هيون. هيءَ انهن ڏينهن جي ڳالھ آهي جڏهن مان اجا سرويئر هيس. مون سان گڏ رشيد ڪٽپر ۽ شاھ بخش خاصخيلي پڻ سرويئر هيا. هر ڪنهن جي حد پنهنجي پنهنجي هئي. مان وارھ ۽ شهدادڪوٽ تي هيس، شاھ بخش نصير آباد تي ۽ ڪٽپر صاحب، رتوديرو تي. واندڪائيءَ ۾ ملاقات ٿيندي هئي تہ ان وقت جي ٽائون چيئرمينن جون ڳالهيون بہ وات تي اچي ويندي‌ون هيون. اسان جي بہ نوڪريءَ جي شروعات هئي. ان دؤر جا چيئرمين اسان ڪان بہ نہ ٽا وسرن جو اهي، اسان جي زندگين ۾ پهريان عملي ماڻهو هيا. وارھ ٽائون جو چيئرمين، تن ڏينهن ۾ غلام رسول کهاوڙ هيو، نصيرآباد جو اقبال مسڻ ۽ رتوديرو جو لياقت علي خان جلباڻي هيو. تنهي جو تذڪرو، اسان جي ڪچهرين ۾، برسبيل ضرور ٿيندو هيو. تنهي ۾ وڏيون خوبيون هيون. انهن جو ذڪر ڪري اسان منجهانئن ڀيا نقطا سکندا هياسين.

صاحب ڪتاب، جيڪو لياقت علي خان سان گڏ ويهڻ جو ذڪر ڪيو آهي، جنهن تي سردار صاحب کي پنهنجي ذات وارن، حجامڪي ٻار

سان گڏ ويهڻ تي ميار پئي ڏني، تن کي جيڪا سردار صاحب موٽ ڏني، تنهن سان پاڻ کي گهٽين اوٽاين چوٽاين کان به پري ڪري ويو. برادريءَ وارن کي به ٽٽو ڪيائين ته حجامڪي ٻار کي به نه حقير سمجهيائين، نه ناراض ڪيائينس. اهي خوبيون، سنڌ جي جهونن سردارن ۽ وڏيرن منجهه جام هونديون هيون. هاڻي ته نه اهي وڏيرا رهيا آهن، نه اهي اوطاقون رهيون آهن.

مون کي ننڍي هوندي جو هڪڙو واقعو ياد ٿو اچي. جيڪو پڻ ان موقعي سان مناسبت رکي ٿو. ان ۾ اسان جي دوست ڳالهائيندي جيڪا غلطي ڪئي، سا بيان ڪيان ٿو جيئن لياقت علي خان جي ذهانت کي اجا واضح ڪري سگهجي.

اسان جو هڪڙو دوست، محمد ڄام ٻوهيو، هينئر ته سول ايويئيشن اٿارٽيءَ منجهه وڏي عهدي تي آهي، تن ڏينهن ۾ نوابشاهه ۾ اسان سان انٽر (پري انجنيئرنگ) ۾ پڙهندو هيو. سندس ڳوٺ جو ميهر ڪنير به گڏ پڙهندو هيو ۽ ٻئي گڏجي، جي ايم پيرزاده هائوس، غريب آباد ۾ رهندا هيا. مان به پنهنجي چاچي سان گڏ، لطف علي خان چانديو جي بنگلي پرسان جمالين جي جاءِ ۾ ڪرائي تي رهندو هيس. پڙهڻ ۾ ڪاليج ۾ گڏ، واندڪائيءَ ۾ پاڙي ۾ گڏ هئڻ سبب، اڪثر شام ڌاري هڪٻئي سان ملندا رهندا هياسين.

هڪڙي ڏينهن، سندن ڳوٺان هڪڙو مهمان اچڻو هيو، جنهن جو ڄام صاحب کي شدت سان انتظار هيو. جڏهن اهو مهمان پهتو، ته اهو به اسان وانگر نوجوان هيو. رنگ ڪٽڪائون، وصف/وسپ تڪا، اک ڪڪڙي ۽ وک تکڙي هيس. کيس ڏسندي ئي مون ميهر ڪنير کان پڇيو: ”هيءُ آهي اهو مهمان، جنهن جي اچڻ لاءِ ڄام صاحب پريشان هيو ۽ چيائين پئي منهنجو ياءُ ٿو اچي؟“

ميهر به هيو ته ڪنير، پر ڪائيندو پنهنجي گهران هيو. مشڪندي، ترنانون سان وراڻيائين: ”ها ادا! اهو آهي.“

”نالو ڇا اٿس؟“

”تو کي جو ٻڌايائين ته نالو وزير اٿس.“

مٺئون پڇيومانس: ”ڇا ٿئيس؟“

ٿورو، مشڪندي ترشين اکين سان ٻڌايائين: ”تو ڪي پاڻ جو ٻڌايو هيائين تہ ياءُ آ.“

مون شڪ گاڏڙ لهجي ۾ پڇيس: ”پڪ! ياءُ ٿئيس؟! يا جيئن چئبو آهي: دين جي پيڻ آ. ائين اٿس.“

جواب ڏنائين: ”پڪ نہ ٿي پوئي تہ مهمان ڪان پاڻ ڪان پڇي تصديق ڪر!.“

ٻنهي ڪان پڇيم. ٻنهي ساڳي ورندي ڏني.

بهرحال، مون کي يقين نہ آيو.

انتر ڏنيسين. ڄام صاحب جي والد سائين پنهل ٻوهيي، ڄام جي شادي ڪرائي. شادي سندن ڳوٺ، ماٽڪ ٻوهيي ۾ هئي، جيڪو نوشهروفيروز ۽ نانگي شاهہ جي وچ تي هيو. شاديءَ واري ڏينهن ڪان هڪ رات اڳ وجي اتي ترسياسين.

ڪچهري ڪندي ميهر ڪنير ڪان پڇيم: ”ڄام جا هڙئي پائر مليا. سندس ياءُ وزير، جيڪو نوابشاهہ آيو هيو، سو نہ ٿو نظر اچي؟“

ساڳين ترشين اکين واري مشڪندڙ لهجي سان چيائين: ”پائر، پاڻ ۾ رنل آهن. نہ ڳالهائيندا آهن.“

يڪدم پڇيومانس: ”پاڻ ۾ رنل آهن، يا سنگت سان بہ رنا آهن؟ اسان سان تہ ملن نہ؟!“

ميهر جو مائٽ نازو، فوج ۾ هيو. اهو بہ شاديءَ جي ڪري آيل هيو. تنهن جو ٻڌو تہ وزير جي ڳالهہ تي هلي. تنهن نہ ڪئي هم نہ تم. مون کي يڪدم چيائين: ”وزير کي مان ٿو وٺي اچان.“ ميهر وارن کي چيائين: ”وهاب ڪان وڌيڪ معتبر آهي ڇا وزير جو ان جي سڏ تي نہ ٿو اچي.“ ويو ۽ الائي ڪٿان ڪيس ڪنيي وٺي آيو.

”نوشهروفيروز شهر منجهان، ڪيس موٽر سائيڪل تي ڪٽي آيو آهيان“. موٽڻ ڪان پوءِ ٻڌايائين ۽ وڌيڪ چوڻ لڳو: ”ادا هن جو بہ ڏوهہ ناهي. هڪ تہ هن کي سڏ نہ هيو، ٻيو مهينو ڪن اڳي، ڳوناڻ ئي

لڏي وڃي نوشهري رهيا آهن. ور نہ تہ وزير، وهاب! تنهنجي چوڻ تي نہ اچي.“

وزير آيو، ڏاڍا قربائتا ڀاڪر هنيائين. ڪلاڪ اڌ منهنجي پرسان ويهڻ کان پوءِ، سرباٽ ڪري موڪلائڻ لاءِ اجازت ورتائين ۽ اٿي هليو ويو. جڏهن تہ نازوءَ وارين ڳالهين کان پوءِ گهوٽ صاحب، يعني اسان وارو دوست ڄام ٻوهيو، شڪي شڪي هيو.

بهرحال، اهي حال هڪ هيٺئين ماڻهوءَ جا هيا. اهڙين ڳالهين جي انت جي ڄاڻ رکڻ وارا سردار، گفتي جي زور تي پاڻ کي انهن عيبن کان ڇنڊي، پري ٻيهاريندا هيا. اهڙي ڇسي گفتگو، ڪين مزو نہ ڏيندي هئي، جنهن جي پڇاڙيءَ ۾ ماڻهو ڏنو وائنو ٿئي.

ڄام ڪانيو خان، سنڌ جو نالي وارو ۽ ضرب المثل، سخي مڙس ٿي گذريو آهي. سندس هڪڙو واقعو مشهور آهي، جيڪو سنڌ جي ٻهراڙين واري لوڪ ڏاهپ کي سمجهڻ ۾ مدد ڪرڻ خاطر هت ورجايان ٿو.

ڄام صاحب جو نيم هيو تہ پٽ شاهہ جي ميلي تي، ٻلي گهوڙي تي چڙهي ايندو هيو. خرزين پئسن جي ڀريل هوندي هيس. منجهانئس: ملهن، راڳين، رانديگرن، ناچن ۽ فنڪارن کي داد طور انعام اڪرام جا واهڙ وهائي ڇڏيندو هيو. رنگ جو ڪارو هيو، پر وڏو پئسي وارو ۽ سخي مڙس هيو.

هڪ دفعي هڪڙي ناچڻيءَ کي داد ڏيندي، بي تحاشا پئسا گهوريائين. ناچڻيءَ پئسا گهڻا ڏسي، ڪاري رنگ جي شڪايت ڪندي، وڏن ناٽن ۽ نخرن، نازن ۽ ترناون سان چئي ڏنس: ”ڄام صاحب، جڏهن حسن پئي ورهايو تہ ڪاٿي هيا؟“

”مان بہ حسن جي بازار ۾ پهتو هيم. ڊگهيون قطارون لڳل هيون. رنڊين ۽ لونڊن جي لٽ پئي لڳي. ٻيهڻ جي جاءِ ئي نہ ملي.“ ڄام صاحب ٺهہ پهہ ورائيس: ”سو پڇي وڃي بخت جي بازار ۾ بيٺم.“

ڄام صاحب جي ان جواب، ان وقت جي ناچڻيءَ ۽ بعد ۾ پيدا ٿيندڙ حسن جي شيداين ۽ دلدادن کي، هڪ ئي ڌڪ سان چپ ڪرائي ڇڏي.

اهي هيا مڙساڻا ڌڪ، جن کي لوهارڪا ڌڪ سڏبو هيو. ان وقت جي دؤر جي ماڻهن ۽ سردارن ۾ اها مڙيا هئي.

لياقت علي خان جي باري ۾ اسان جو دوست رشيد ڪٽپر هڪڙو واقعو ٻڌائيندو هيو.

جلباڻي قوم جو سردار ته سندس وڏو ڀاءُ، الله بخش خان جلباڻي هيو. فيصلا ڦڙا اهو ڪندو هيو. پر هڪڙي دفعي سردار صاحب اتي موجود نه هيو. ڪراچيءَ يا اسلام آباد ويل هيو. ڳوٺ جو هڪڙو هلڪو ۽ گهرو تنازعو، نبيري لاءِ لياقت علي خان وٽ آيو. هڪڙي همراهه دانهن ڏيندي چيو: ”منهنجا ڀائر مون سان ڪو نه ٿا نهن. ملڪيت به ڦبائي وينا آهن. گهران به ڪڍي ڇڏيو اٿائون. هاڻي مان، ٻارن سميت سالن وٽ رهان ٿو.“ لياقت خان، ڳالهه ٻڌندي ئي مٿس چڙهي ويو. ”هر شريف ماڻهو، ڀائرن سان گڏ رهندو آهي. تون وري انهن کي ڇڏي وڃي سالن سان سنمک ٿيو آهين؟ وڏو بدمعاش ئي تون آهين.“

اسان جي سنڌ، اهڙن وڏيرن ۽ سردارن سان ڀري پئي آهي، جيڪي ٿڏي تي اهڙو گفتو ڪڍي ڄاڻن، جنهن سان اڳلي کي لاجواب ڪري ڇڏين.

هڪ دفعي ڪي ٽي اين تي مئدم مهتاب اڪبر راشدي صاحبه جن، ممتاز ڀٽو صاحب کان انٽرويو وٺندي، ذوالفقار علي ڀٽو صاحب جي لنڊن ۾ پڙهڻ دوران گذاريل زندگيءَ بابت سوال ۾ پڇيو: ”ٻڌو آهي، ذوالفقار علي ڀٽو صاحب، جڏهن لنڊن ۾ پڙهندو هيو، تڏهن انهن جي ذاتي زندگي اتي ڪجهه رنگين...“ اهي لفظ چئي محترم، ممتاز صاحب ڏانهن ڏسندي، چيو: ”اوهان به تن ڏينهن ۾ ساڻن اتي رهيا. اوهان جي زندگي به ساڳئي نموني....“ ٽي وي جي ڪئميرا، سڌي ممتاز صاحب جي چهري کي فوڪس ڪيو. ممتاز صاحب ڏاڍي اطمينان سان ڀرين ڪاٻي هٿ جي چيچ جي پني، پنهنجي

ڪاٻي مڇ جي چوٽيءَ تي گهمائي. لهجو مدبرانہ ڪندي وضاحت ڏني: ”اها، اسان پٽن ڪي، وڏن جي دعا ٿيل آ.“ ان هڪڙي جملي سان، ان موضوع جو ٻنيو، اتي ئي گهُٽي ڇڏيائين. ڪل ڪل ۾ موضوع ئي مٽجي ويو.

ڳالهہ ڳالهہ تي چڙهي آئي آهي تہ ائين برمحل، ٻئي گفتي جي غازيءَ وڏيري جي ڏاهپ ۽ گفتي ڪي بہ هتي قلمبند ڪري ٿا ڇڏيون، جيئن اڳتي لاءِ اهو بہ هڪڙو نقطو، ڪنهن جي ڪارج ۾ اچي وڃي.

هڪڙي وڏيري، پنهنجي اوطاق منجهہ، پنهنجي ڪڙميءَ ڪان زور پئي ڏياريا. ٻئي اڪيلا هيا. ريچڪ تي چڙهندي، وڏيري ڪانئس پڇيو: ”ماڻهو، مون لاءِ ڇا ٿا چون؟“

”سائين! ماڻهو ٿا چون: وڏيرو ڏاڏو پلو ۽ نيڪ نمازي آهي. روزا پابنديءَ سان رکي ٿو. هٿ جو سخي آهي. آئي وئي تي احسان ڪري ٿو. رمضان ۾ مسافرن مٽن کي روزا چوڙائي ٿو. ڪنهن سان ٻاڙو نہ ٿو ڳالهائي، پر..“ ڪڙمي، اصل ڳالهہ نڙيءَ وٽ جهلي، جملو پورو ڪيو.

”اڙي! پر ڇا؟!؟!“ وڏيري، مام سمجهندي، وضاحت طلب ڪيس.

”چون ٿا: هاريءَ ناريءَ ۽ ڪڙمي ڪارائي سان بہ چڱو ٿو هلي. ڪنن جو ڪچو ناهي، جيئن ٻيا وڏيرا هوندا آهن. هرويرو ڪمدارن جي چئي تي اچي ڪڙميءَ-مار نہ ٿو ڪري. ٻنئي بہ حق انصاف واري ٿو ڪري. پر...“

”اڙي! پر ڇا؟!؟!“

”چون ٿا: رنن زالن سان بہ ورتاءُ ۽ سلوڪ پلو اٿس. يتيمن جي بہ پرگهور لهي ٿو. نہ ڪنهن سان کهرو ڳالهائي ٿو، نہ ڪنهن کي کهرو ڳالهائڻ تي مجبور ڪري ٿو. پر...“

”اڙي! پر ڇا؟!؟!“

”چون ٿا: اٿا-ويني ٻہ ڏاڍي اٿس. هلنديءَ-چلنديءَ-وارو آهي. چور سان ٻنهہ ياري نہ اٿس. نہ وري غريبن تي پوليسون چاڙهي پيٽ-گذر ٿو ڪري. پر...“

”اڙي! پر جا پٽ! ڳالهہ تہ ٻڌ!“ وڏيري نيٺ ڳالهہ جي پيڙهہ ڍاهڻ خاطر چيس: ”ماڻهو عيش ٿا ڪن، مون عشرت ڪئي تہ ڪهڙي اربعا خطا تي پئي.“

ڳالهہ اتي ڪا نہ ڪٽي. هڪڙي پوتار ڪي جڏهن ڪمدار چيو: ”سائين! ٿوري خواري تي ٿئي.“ تنهن تي اهو پيڙهيائتو، پهرين تہ ٺپيءَ ۾ پيجي ويو.

”اڙي ماڻهن کي ڇا هي؟ اهي ڪنهن جي خوشيءَ ۾ خوش هوندا آهن؟ هاڻي انهن جي چوڻ تي لڳي.“ ستت ٺپيءَ مان نڪرندي چيائينس: ”ڪک جي خواريءَ ڪان ڊڄي، لک جي لست ڇڏي ڏيان؟!“

بهرحال، اهڙي ڊگهي نظر وارا سردار، وڏيرا ۽ سياستڪار، سنڌ مان هاڻي ناپيد ٿي ويا آهن. ڳولهئي نہ ٿا لڀن.

مڙني ڳالهين ڪان مٿانهين ڳالهہ، نہ اڳي وارا وڏيرا رهيا آهن، جيڪي اوطاقون وانديون ڪري ڏيندا هيا تہ منجهن اسڪول هلي يا ماستر هاسٽل ڪري رهي. نہ وري ماستر رهيا آهن، جيڪي اتر جا ڳوٺ ڇڏي، هلي لاڙ جي اسڪولن ۾ عزت، شرافت جو دامن قائم رکندي، ماستري ڪن. هڪڙي ماستر کي مجزي عشق جي جهپيٽ چريو ڪيو تہ اٿر ٻين تي ٻہ پهتو. هڪڙيءَ رت ڪدايو، ٻين کي اوٻر آيو. نولهو ڪٽي هڪڙو، نڪر اچي ٻين تي وانگر، رسوائي نہ سهندا، هر ڪنهن شرافت اندر پير ڊانا. ائين اهو مانداڻ ئي ڊهي اچي پٽ پيو. جڏهن تہ ڳوٺ کان ٻاهر نوڪري ڪرڻ ۾ عزت هئي. ڳوٺ جي ماستر کي، پلي حجم جو پٽ هيو، سردارن جهڙا ماڻهو مانُ ڏئي گڏ ويهاريندا هيا. ان جي جاءِ تي اگر ماستر کي وڏيرو، ماستري خود وٺي ڏيندو تہ اهو ماستر ڪمداري ڪرڻ سان گڏ، اسڪول ٻہ واندائي ڏيندس تہ اوطاق ڪر، تنهن هوندي ٻہ وڏيرو نہ

نرندس. پيو دوڳيندس ۽ دڙڪائيندس. اٽندي ويهندي پيو طعنا تنڪا ڏيندس. ان ۾ نه ماستر جي عزت آهي، نه تعليم جو واڌارو. خودداري ۽ سهپ جهڙا جذبا، تنهن ڪان سواءِ، مري تا وڃن. چاڻ ۾واڌارو اچڻ، اچڻ جي ماڳ، ماڻهو نڪمو ٿيو وڃي.

ٻاهر جي نوڪري ڪندي، اتان جو وڏيرو، ٽوپي وني خوش ٿو ٿئي، پنهنجي ڳوٺ جو وڏيرو برادريءَ جي ناراضگي سهي به ساڻُ ٿو ويهاري. جڏهن ته ڳوٺ جي نوڪريءَ ۾ ماڻهو جيڏانهن تيڏانهن ڪانيارو ۽ چسو آهي.

سال ١٩٧٠ع ڪان اڳي، ڪو به ماڻهو پنهنجي ضلعي يا تر ۾ نوڪري ڪرڻ، عار سمجهندو هيو. ڪي ته پنهنجي صوبي اندر به نوڪري ڪرڻ ڪي ترجيح نه ڏيندا هيا. ٻاهر جي نوڪريءَ ۾ عزت سمجهندا هيا. ان ڪان علاوه جن ٻاهر نوڪري ڪئي، تن گهڻو پرايو. ڇو جو قرآن مجيد ۾ به اهڙو حڪم آهي ته: رب جو فضل ڳولهڻ يا روزي رزق جي تلاش ۾ زمين اندر ٽڙي پکڙي وڃو. ان حڪم تي عمل ڪندي، جيڪي پونءِ پلاريءَ تي ڦهلجي ويا، تن ڪي روزي رزق سان گڏ ڏات به ملي ته شهرت ۽ عزت پڻ. عاشق منگي صاحب، پرائمري ماستري ٻاهر ڪئي. ان منجهان ايترو پرايائين جو نوڪريءَ تان لهڻ ڪان پوءِ لاڳيتا ٿي ڪتاب لکي، ڇپرائي ۽ اسان جي هٿن تائين پهچائي چڪو آهي. تنهن دؤر جا غريب استاد، جهڙوڪ: سائين سکيو خان چنو ۽ محمد فاضل شيخ ننديڙي نوڪريءَ لاءِ به ٻاهر نڪتا تن باقاعده ڪتاب لکيا. اگر اهي گهرن ۾ وينا هجن ها ته اهڙا ڪتاب نه لکي سگهن ها. سکيو خان چنو اگر ڪنڌياري ۾ قلم ڪارا ڪري ها ۽ عاشق منگي مسوديرو ۾ مسون ڪپائي ها ته هوند اسان پڙهندڙن ڪي پنو به پلئه نه پوي ها.

اڳي وارا سرڪاري ملازم، اگر اولهه پاڪستان مان بدلي ٿي اوڀر پاڪستان جي شهرن ڍاڪا، چٽگانگ يا سلهٽ ۾ وڃي نوڪري ڪرڻ ۾ تڪليف سمجهندا هيا ته ڪم از ڪم پنهنجي ئي ديس جي ٻئي صوبي ۾ وڃڻ تي ڪين اعتراض ڪو نه هوندو هيو. هاڻي

جيڪو پنهنجي ضلعي کان ٻاهر قدم نہ ٿو رکي، جنهن کي هاسٽل يا بورڊنگ هائوس ۾ رهڻ ۽ ماني کائڻ جو تجربو ناهي، سو نوڪريءَ خاطر گهر کان ڏهہ ميل بہ ٻاهر وڃڻ، پسند نہ ڪندو. ان ۾ بہ پاڻ کي عذاب ۾ پيو پائيندو. جنهن جو پنهنجو سر، ڪنهن ڳالهہ ۾ سکيو ناهي، سو ٻين کي ڪهڙي تعليم ڏئي سگهندو؟ اهو تہ وينو شارٽ ڪٽ طريقا پاڻ ايجاد ڪندو. بجاءِ تعليم ڦهلائڻ جي، يونينن جي مدد ۽ سهارا ڳوليندو. ان تاڙ توڙ ۾ پڙهڻ پڙهائڻ ويتر ڇڏائي ويندس.

هڪڙو ماڻهو، تنهن دؤر ۾ لاڙڪاڻي کان هلندو هيو، ڪوٽڙي يا ڄامر شورو پهچندو هيو. اتان حيدرآباد شهر جي مارڪيٽ واري حصي ۾ يا گول بلڊنگ وٽ پهچندو هيو. ڄام شورو منجهان آيل، سول اسپتال جي اڳيان، جنرل بس اسٽئنڊ وٽ بس مان لهي، اتي موجود سيلون تي حجامت ڪرائي، حمام ۾ شنان پاڻي ڪري، پر وارين هوٽلن، جيڪي پنهنجي وقت جون اعليٰ هوٽلون ليکيون وينديون هيون جهڙوڪ: نگاهہ ڪريمي، تاج ريسٽورنٽ، آستان ڪافي هائوس، اي ون هوٽل، نور هوٽل، ڪوئيٽہ دربار هوٽل، اڳيان تلڪ چاڙهيءَ تي جبيس ريسٽورنٽ يا هيٽ ڪيفي جارج وغيرهہ تي منجهہ ماني کائيندو هيو. گهنٽا گهر کان شاهي بازار وارو رستو، پنڊ لتاڙي، پڪي قلعي کان ٿيندو، اڳتي لاءِ وڃڻ لاءِ اسٽيشن تان ٽرين پڪڙيندو هيو. اهو ماڻهو، ان سفر ۾ ڇا ڇا نہ ڏسندو هوندو؟ سئنيمائن جي ڄاڻ تنهن کي هوندي. ايلائيٽ، نيو مئجيسٽڪ، چانڊني، راحت، ڪوهنور، فردوس، وينس، ڪپري، نور محل، سنگيت يا شاليمار سئنيمائون ڪاٿي آهن. ستين نمبر لطيف آباد ۾، بورڊ جي آفيس جي پرسان ئي هڪ جاءِ تي، ٽي سئنيمائون هيون. حيدرآباد شهر جو اوج تنهن وقت ڇا هيو؟ جنهن ان وقت ان کي ڏٺو، تنهن عش عش ڪندي چئي ڏنو:

”گر فردوس بر روئے زمیں است،

ہمیں است و ہمیں است و ہمیں است.“

اتان گذرڻ واري، واندڪائيءَ وارو وقت، خريداريءَ ۾ گذارڻ لاءِ ڇا ڇا نہ ڏٺو هوندائين. آر ايچ ڪتاب گهر، فتح اينڊ سنس ڪتاب گهر ڏٺا هونداٿين. شاهي بازار يا ريشم گليءَ جي ڪهڙي دڪان تان اعليٰ ڪوالٽيءَ وارو عمدو ڪپڙو، مناسب اگهہ تي، بنا ڪنهن لاهو گاهو ڪرائڻ جي وٺي سگهبو. اها ان ڪي خبر هوندي. راڻي باغ جو سير، تنهن ضرور ڪيو هوندو. جيڪو ان وقت جي مشهور هوٽلن اورئينٽ ۽ علي بابا تي، سجائيءَ تي بہ بيو نہ تہ چانهن وجي پيئي ٿو، سو فاران ۽ سائينجيز هوٽلون، اگر ان وقت نهيل هجن ها تہ، تن تي پڻ ضرور ويهي ها.

نوڪريءَ سان گڏ، ماڻهوءَ جي سير تفريح تہ ٿيندي هئي پر مشاهدي ۽ ڄاڻ ۾ واڌارو بہ ٿيندو هيو. ڳوٺ پهچڻ تي سوَ سلامي اچي ٿيندا هيا ۽ حال احوالن جا جهول پري ويندا هيا ۽ خوش ٿيندا هيا. ان ماڻهوءَ کي حيدرآباد جي سئنيمائن ۾ هلندڙ فلمن جي ڄاڻ بہ هوندي هئي تہ هوٽلن تي ترسڻ ۽ کاڌن کائڻ جي بہ ڄاڻ هوندي هئي. شيزان هوٽل تي ماني ملندي آهي، رٽز تي شام جو چا ملندو آهي. ٽرينن جي وقت ۽ اسٽيشنس جي بہ ان کي خبر هوندي هئي. ڪولهين ۽ سپاهين جي روين کان اهي واقف هيا. ان ماڻهوءَ جي ڄاڻ، وڏيري جي ڄاڻ کان وڌيڪ هوندي هئي.

ان جي پيٽ ۾ جيڪي، گهران ٻاهر نہ نڪتا، ڳوٺ جي اسڪولن ۾ جهڙوڪ: ڪوٽ پٺو، ڀهمڻ، عزت جي واند، نوق، ڪچي پل، بني لشڪر ۽ حمل ۾ پاڻ کي وينا هوا منجهہ اڏائيندا هيا، تن کي ڪهڙي خبر تہ لاڙڪاڻي شهر اندر واڻ سرهيا پڌر تان ملندو آهي يا جنٿليس بازار منجهان. وات ڦاڙيو پيا ٻين کان پڇندا. سي ٻارن کي ڪهڙي جاگرافي پڙهائيندا، ڪهڙي تاريخ يا اسلاميات پڙهائيندا. اهڙن استادن کي انگريزي تہ ڇڏ، سنڌيءَ جو گرامر بہ سمجهہ ۾ ڪو نہ ايندو.

بهرحال، اڄ جيڪو سرڪاري ادارن تان ويساهہ کڄي ويو آهي، سو گهڻو تڻو، خودغرضيءَ ۽ لالچ جي ڪري ڪڳو آهي. نوڪري ڪرڻ

وارو، مفت جي پگهار کڻڻ ٿو چاهي. ڪيس سفارش جي ضرورت آهي. وڏيرو پڻ چوي ٿو: نوڪريءَ ۾ اهڙو ماڻهو رکائجي، جيڪو صبح جو سندس جتي سڌي ڪري. صبح کان شام تائين اسڪول يا آفيس ۾ ڪتي وانگر نوڪري ڪري. شام ڌاري موٽي ته دنيا سامهون، وڏيري کي زور ڏئي.

تعليم جي تباهيءَ بابت، عاشق منگيءَ جا ڏنل دليل، بلڪل سندس مشاهداتي زندگيءَ تي ٻڌل هئڻ سبب، سؤ سيڪڙو صحيح آهن ۽ سندس ڏنل ڏس پڻ سؤ سيڪڙو قابل عمل آهن. پر انهن بابت به ساڳي ئي ڳالهه اڳيان ايندي، جيڪا اڳئين بحث ۾ مضمر آهي: يعني ميرٽ جو فقدان.

اڪثر ڏٺو ويو آهي ته استاد مقرر ٿين ٿا ڪوٽا سسٽم تي. ان لاءِ به گهٽو ٽٽو پئسو ڏيٽو ٿو پوين. پروموشن، پوسٽنگ ۽ بدلي تي ٿئين پئسي، پرچيءَ، پٺ ۽ پريل مٺ سان. ’هٿ جنين جو هيٺن، پهرين پتڻ پهچنديون سي‘ وارو معاملو آهي. جنهن ۾ پڻ، اڻ پڙهين وڏيرن جي جهڳي پئي لڳندي آهي. نوڪريون پيا ورهائيندا ۽ وڪڻندا آهن. جيڪا جنگ ڪين لڙٽي پوندي آهي، سا ڏسڻ وٽان هوندي آهي. جيئن لاباري تي فقيرن ۽ مڱڻهارن جي لٽ لڳندي آهي، تيئن نوڪريءَ جي لٽل ديگ تي لانڙيا اچي مڙندا، ڪرندا ۽ وڙهندا آهن.

اڪثريت استادن جي، پگهارون ويزا تي ڪٽندي آهي. نتيجي طور، اڻپڙهين استادن جون ڏهه ئي گيهه ۾ ۽ سر ڪڙهائيءَ ۾ هوندو آهي. وس ڪندا آهن ته يونين زنده هجي. پڙهائڻ بدران ٻيون ايڪٽيوٽيز هجن. اهي ڏينهن ويا جڏهن، پنهنجي شاگرد کي پنهنجي اوطاق يا گهر ۾ ٽيوشن ڏئي پئسا وٺڻ کي استاد عيب سمجهندا هيا. هاڻي اهو بنيادي حق ٿي ويو آهي. نالي ۾ استاد ۽ ماستر آهن، جڏهن ته يونين جي زور تي ٻيا ڪاروبار سيٽ ڪيون ٿا وتن. اڄ، ماستريءَ جي ورتي اٿائون، باقي ڪائين ته ان جي اوگهه سوگهه ۽ اوس پاس مان ٿا.

اسڪول، پوتارن جون اوطاقون لڳا پيا آهن. اڳي وارا وڏيرا، وڏيرا هوندا هيا. اهي پنهنجي اوطاق، اسڪول لاءِ ڏيڻ ۾ پنهنجو شان سمجهندا هيا. هاڻي وارا وڏيرا، اسڪول جي بهاني، سرڪار کان اوطاق ٺهرائڻ کي پنهنجي سرسي ۽ سورهيائي ٿا سمجهن. ديڪا ديڪيءَ ۾ ٻيا بہ ان وهندي گنگا مان اشنان ڪرڻ جي جستجوءَ ۾ آهن.

ڪتاب لکرائجن يا ترجمو ڪرائجن ٿا، اڇاڻ ۽ جاهل سفارشين کان. جنهن وقت ان قسم جا ٿيندڙ ٿين ٿا، اتي بہ بلئڪ ميلنگ ۽ هٿ-ڪس جو جهان شروع آهي. پنهنجا-نوازي يا ڪليل لفظن ۾ چئجي تہ گڏهہ-نوازيءَ جا رڪارڊ جيڪي اتي ٿا ٽٽن سي ڪٿي ڪو نہ ٿا ٽٽن. اتي بہ جاهل مداري، پنهنجو لولو، پرائي ٽتل تنور تي پچايو وجن. ماهر، ٻاهر هوندا. جاهل، جاوا پيا ڪندا. ان هوندي بہ بي پهچ ۽ رٽائر ماڻهو، ٿورڙن پئسن تي ٿيسسون ۽ ڪتاب، جڏهن لکي ڏين تہ پوءِ جاهل ماڻهو ڇو نہ وجي نيڪا ڪٽن.

نصاب ٿا ٺهرائجن، ٻاهرين ڊونر ايجنسين جي چوڻ تي وڏن ماهرن کان. جيڪي لکن بہ پاڻ تہ سمجهن بہ پاڻ. انهن جو لکيو نہ هتان جو ماستر ٿو سمجهي ۽ نہ وري اهو پوريءَ طرح پڙهائي ٿو سگهي. ان مثال وانگر: هڪڙي همراهہ کي هڪڙي مائٽ چيو: ”خط تہ لکي ڏي.“ ان همراهہ نهڪار ڪندي چيس: ”يار خط تہ ڪوڙ لکي ڏيانءِ پر مون کي ڄنگهہ ۾ سور آهي، سو خط نہ لکي سگهندس.“ تنهن تي خط لکرائڻ واري چيس: ”خط لکندين هٿ سان، ان ۾ ڄنگهہ جو سور ڪهڙي رنڊڪ وجهندئي؟“ همراهہ اتاولو ٿيندي چيس: ”خط لکندس تہ هٿ سان، پر اتي هلي پڙهي ٻڌائڻ لاءِ تہ ڄنگهون سالم کپن.“ پوءِ خبر پئي تہ ان همراهہ جا هٿ-اکر ڏاڍا خراب هيا جو لکندو عيسىٰ هيو تہ پڙهندو موسىٰ هيو.

نوڪري هلي سياسي اثر رسوخ تي. سي ماڻهو ٿا ڀرتي ٿين، جن نہ پاڻ پڙهيو، نہ وري ٻين کين پڙهايو/ سيکاريو. ڪاپي ڪري پاس ٿيا، ڊگري ورتائون جعلي، ريسرچ بہ جعلي، آرڊر بہ ورتائون جعلي.

هاڻي اهي ڇا پڙهائيندا. امتحان واري ڏينهن، ممتحن ٽيڻ بجاءِ، ڪاپي ڪرائڻ وارن سان گڏ پيا ڊوڙندا، درين ۽ روشندانن تي پاڻ چڙهي سهڪندي سهڪندي پيا چورن کي ڪارتوس اچلي ڏيندا ۽ ميچون ڏئي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندا. سي ڇا پڙهائيندا؟ ڇا سيکاريندا؟ ڪهڙو نصاب، ڪهڙي ترتيب اختيار ڪندا؟؟؟

جڏهن شاگرد کي خبر آهي ته ڪيڏي به تعليم پرايان ته به نوڪري سفارش تي ملندي ته پوءِ ڇو پڙهي؟ ٻاهر، رٽائر ۽ گهرجائو استاد وينا آهن، جيڪي چند پئسن تي پي ايڇ ڊي جي ٿيسس لکي ڏيندا، ته پوءِ ڇو محنت ڪري پاڻ کي هلاڪ ڪجي؟!

جڏهن استاد کي خبر آهي ته چورو پڙهي نه پڙهي ڪيس پڳهار ملڻي آهي ته پوءِ محنت ڇو ڪري؟

شاگرد موبائيل فون ڪلاس اندر کڻي ايندو ته پڙهڻ بجاءِ استاد کي نند ۾ ستل ڏسي سندس فوٽو نه ڇڪيندو ته ڇا سگريٽ ڇڪيندو؟

تعليم جي تباهيءَ جو مستند ۽ بنيادي سبب، ميرٽ جو گم ٿيڻ آهي.

عاشق منگي صاحب، ٻن ذاتين جا شجرا ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ان سلسلي ۾ ٿوري گهڻي معلومات وندڻ مناسب سمجهندي پنهنجي راءِ ڏيان ٿو.

جلباڻي ذات وارا، سنڌ اندر ٽڙيل پکڙيل آهن. گاجي کهاوڙ جي پرسان ڳوٺ اٿن. اسان جي ساهتي پرڳڻي اندر پريا ۽ پريا روڊ جي وچ تي، درياهه خان جلباڻي نالي سان مشهور ڳوٺ اٿن. جيئن بلوچ يا ٻروچ چوندا آهن: اسان حلب کان آيا آهيون ۽ امير حمزي جو اولاد آهيون. تيئن ساهتيءَ وارا جلباڻي چوندا آهن: ”اسان جلب کان آيا آهيون. جيئن مگس کان آيل مگسي ۽ بليدا کان آيل بليدي ٿيا، تيئن جلب کان آيل جلباڻي ٿياسين.“

قاضي پڻ لقب آهي. ڪا ذات ناهي. قاضي فيض محمد، نوابشاهه وارو، اصل ۾ هالاڻيءَ جو سهتو هيو. قاضي محمد بخش نوابشاهه وارو، اصل ۾ ڏامراهه هيو. قاضي خدا بخش ساهتيءَ وارو، مگريو

هيو. قاضي عبدالحي قائل جي نہ فقط شادي وارث ڏني ماڇيءَ جي چاندين مان ٽيل هئي، پر پاڻ بہ چاندبيو هيو. قاضي منظور ڏوڪريءَ وارو، جوٽيجو آهي. رتوديرو شهر جي اندر قاضي عامر وارا، ڪلهوڙا آهن. قاضيءَ جو لقب جنهن ڪي مليل آهي سو پنهنجي ذات سان گڏائي سڏائي ٿو. هڪ دفعي رتوديرو شهر جي باءِ پاس تان هڪڙي سپاهيءَ هٿ ڏنو. شڪارپور تائين هلڻ لاءِ لفٽ ورتائين. ذات پڇيمانس تہ قاضي ٻڌايائين. ان تي وڏيڪ پڇيومانس: ”قاضي تہ لقب آهي. اهو توهان کي مليل هوندو. پر اوهان جي اصل ذات ڪهڙي آهي.“ ان تي ٻڌايائين: ”اسان ڪوري آهيون.“ هاڻي قاضين جو اگر شجرو ڪڍبو تہ مڙني جو ساڳيو نہ بيهندو.

ڪسبت ڪندڙ ذاتيون جهڙوڪ: ڪنير، لوهر، واڍا، ڏکڻ، اوستا، حجم وغيره سمورا ساڳي ذات وارا ناهن. نقش ناياب منگي صاحب هڪ دفعي ڳالهين ڪندي ٻڌايو: ”هڪ سيلون تي ويس. مون کي زهر جي ذري بہ ساڻ هئي. ان جي شيشي بہ اڳيان رکيم.“ مون زهر جي ذريءَ جي وضاحت پڇيس تہ کلندي ٻڌايائين: ”اسان منگي، ماڪيءَ تان چڙندا آهيون، جنهن سڌو نالو نہ ڪنيم.“ اڳتي ڳالهہ کي وڌائيندي ٻڌايائين: ”ڪسبت جو سامان استعمال ڪندي، اوستي منهنجي ڇهري تي برش گهمايو تہ پڇيومانس: ’مائٽ! اوهان ڪهڙن منگين مان آهيو؟‘ ان تي همراهہ يڪدم چڙي پيو. چيائين: ’مان چو منگين مان هجان. مان تہ سيد آهيان. ان تي جهول تي رکيل ٽوال پري ڪري هٿ ٻڌندي چيومانس: ’سائين! اوهان اسان کي هتي بہ نہ ڇڏيو بابا!‘“

وڏيڪ ٻڌايائين: ”مون کي ان وقت ئي شڪ پئجي ويو هيو، جڏهن اڳيان آئين وٽ ماڪيءَ جي شيشي رکڻ تي هو نہ چڙيو هيو. ڪاسبي ذاتين وارا پنهنجي اصل هجڻ کي نروار ڪرڻ خاطر ڪنهن نہ ڪنهن شيءِ تان چڙندا هيا. ڏکڻ، واڱڻ تان تہ حجم/منگي وري، ماڪيءَ تان چڙندا هيا. ٻيءَ ذات وارو اگر پاني ڪٽي ڪسبت ڪندو تہ اهو ماڪيءَ جو نالو ونڻ سان يا ماڪي ويجهو آڻڻ سان نہ چڙندو. اصل ۽ نقل جي پهچان، اتان ٿيندي آهي.“

بهرحال، ڳالھ جو ڳاٺو جهلجي تہ مڙيئي آدم جو اولاد آهيون. ڄاڻ سڃاڻ واسطي ذاتين قومن ۽ قبيلن منجھ ورهايل آهيون. وڏائي فقط، رب جي ذات کي آهي. عربيءَ کي عجميءَ تي، يا عجميءَ کي عربيءَ تي ڪا فوقيت حاصل ناهي. يار زندهہ، صحبت باقي.

**انجنيئر عبدالوهاب سهتو**
٨٩ پروفيسرس ڪالوني-٢
قنبر روڊ- لاڙڪاڻو

# پنهنجي پاران

منهنجي يادگيرين تي مشتمل ڪتابن جي سيريز جو هيءُ ٽيون ڪتاب آهي، جيڪو اوهان صاحبن جي هٿن ۾ آهي. جوش ۽ جنون مانو ٺيو آهي ته جسم سات ڏيڻ کان گهَٽ ڪرڻ شروع ڪيو آهي. اڳ صرف سانوڻ بيچين ۽ بيقرار گذرندو هيو، هاڻي سيارو جهڙو آيو آهي تهڙو ناهي آيو. مطلب ته پڙهڻ ۽ لکڻ ڪو نه ٿو پڇي. رهيل ڪم ڪي تڪميل تي پهچائڻ منهنجي وس ۾ ناهي رهيو. مثلاً لاڙ جي ماستريءَ سان گڏ پراڻ، ڪي ٽي بندر، نئون ڪوٽ، پراڻ ڍورو ۽ سمن سرڪار يا جهڏو وغيره تي معلومات ڏيٺي هئي، اهڙيءَ طرح ٻيون منفرد شيون لکڻ لاءِ سوچيو هيم، پر ناچاڪائيءَ سبب ڳولا ۽ محنت ڪو نه ٿي ٿئي. پراڻ درياءُ، ڪي ٽي بندر تائين وهندو هو. شايد ان دور جي ڳالهه آهي جڏهن سنڌو نٽي ننگر پرسان وهندو هيو. هاڻ ته ڪي ٽي بندر ۽ سنڌوءَ جو وهڪرو آهي. سڄو گهمي ۽ ڏسي پوءِ لکڻ پئي چاهيم. مسوديري جي يادن ڪي فوڪس ڪرڻ جو مقصد به نندڙو ڪو نه هيو. اهو به ٻئي ڪنهن لاءِ ڇڏي ڏيٺو پيو آهي، ته هو ان ڪي پورو ڪري. مقصد هيو ته ”سنڌ جي هزار سالن جي گڏ ٿيل لکيتون: ارغون، ايراني، ترخان، مغل ۽ پناڻ وغيره ته لٽي ڪٽي ويا پر پاڪستان کان پوءِ اردو ميڊيم وارن ڪي جيڪو مليو اهو اربن ڪربن ڊالرن جو مال هو. زمينون، جايون جڳهون، مارڪيٽون، محل ماڙيون، وغيره. هي اسان جي يونيورسٽين جي رسرچ جا موضوع هجڻ گهرجن، پر غلام قومون ڏاڍيون لاچار ٿينديون آهن. ٿورن جڻن، انفرادي طور لکيو آهي. ان ظلم تي به تفصيلاً لکڻ پيو چاهيان. اهو به ان اميد جي تڪميل تي پهچي نه سگهيس، ضرور ڪو ماڻهپي وارو ايڏي وڏي موضوع ڪي نمٽائڻ لاءِ ريسرچ ڪندو.

ڪجهه آرٽيڪل ڇپيل آهن جن لاءِ ماهوار سوجهرو، پندرنهن-روزه افيئر ۽ ڏيهاڙي عوامي آواز جي مئگزين وارن جو ٿورائتو آهيان.

شخصيتن تي لکيل، منهنجا سينئر ۽ محسن آهن. حياتي رهي ته محترم عبدالقادر منگيءَ سان گڏ گھميل پنج ڇهه دفعا ٽر، سکر ۾ ڏهه مهينا گذاريل جوانيءَ جا قصا، پڙهائي ۽ دوستيون وغيره، تن سان گڏ ٻين موضوعن ۽ معاشري تي لکبو.

سال ٢٠١٦ع دوران محترم امتياز منگي صاحب سان نئين واقفيت ٿي آهي. ساڻس ملي، احساس ٿيو ته ڏاڍو دير سان مليا آهيون. عبدالغفار تبسم صاحب ۽ بشير احمد منگي صاحب جي معرفت، گڏوءَ ۾ ملاقات ۽ ڪچهري ٿي. اڻ ڏٺي واقفيت عبدالقادر منگيءَ ڪرائي هئي. پاڻ ٻن سفرنامن: 'اپسرائن جي شهر استنبول' ۽ 'يارن سان گڏ يورپ' جو ليک آهي. سندس لکيل سفرناما، دلچسپ هئڻ سان گڏ، معلومات جو ڀندار آهن. هن سال ۾ ٻيا ڪتاب به پڙهڻ لاءِ مليا. هڪ امر لغاريءَ جو لکيل "ناري ڪناري" ۽ ٻيو مدد علي سنڌيءَ جو لکيل "حشو ڪيولراماڻي". ٻئي ڏاڍا پيارا ليک آهن. هاڻي ڏُکن هٽڻ وارو دؤر ويو. مستند ريسرچ ورڪ جي ضرورت آهي. عبدالوهاب سهتي صاحب جي چوٽين ۽ پهاڪن وغيره ميڙا-چونڊيءَ سان ترتيب ڏنل ڪتابن به توجه ڇڪايو. ڪاش! مان به ايڏي محنت ڪري سگهان ها.

عبدالقادر منگي ۽ قاضي مقصود گل صاحبن جي شخصيتن ۽ تبسم صاحب سان سانگهڙ ۾ رهاڻ تي آرٽيڪل آهن. ٽئي سائين! منهنجا محسن ۽ سينئر آهن. سانگهڙ جي سفر ۾ رشيد احمد ڪٽپر ۽ ڊاڪٽر خليل الله شيخ صاحب جن ساٿي هئا.

تم کو معلوم ہے فرحت کہ یہ پاگل پن ہے
دور جاتے ھوے لوگوں کو بلاتے رھنا

بانو قدسيه لکيو آهي ته: "ڇريائپ جي بيماري، خواهش جي تڪميل نه ٿيڻ جي نشاني آهي."

**عاشق منگي**

نئون ديرو، لاڙڪاڻو

# مسوديرو

## (جنم ورتم جتِ، ڳالهيون تنهن ڳوٺ جون)

اسان جو ڳوٺ مسوديرو، تعلقي رتيديري جي يونين ڪائونسل طيب ۾ آهي. جن ڏينهن ۾ اسان اتي رهندا هياسين تن ڏينهن ۾، يونين ڪائونسل جو چيئرمين سردار غلام رسول خان جلباڻي چوندبو هو. اهو جنرل ايوب خان جي بيسڪ ڊيموڪريسيءَ جو دؤر هو. اسان پرائمري اسڪول کان موٽندي، روزانو سردار صاحب کي ڏسندا هئاسون. سنهڙو، ڊگهو ۽ پڳ پائيندڙ هو. اڪثر سفيد چولي ۽ سلوار ۾، ٺهندڙ جسم وارو هوندو هيو. ڏاڙهي، چاپئين هوندي هيس. ٻيپهريءَ جي نماز پڙهڻ لاءِ، پاڻ هلي وڏي مسجد ۾ ايندو هو. عين ان وقت، اسان کي اسڪول کان موڪل ملندي هئي. هاڻي مسوديرو، خود يونين ڪائونسل آهي.

مسوديرو: ان وقت امن جو ڳوٺ هو. چوري چڪاري ڪو نه هوندي هئي. غريب غربي سان ڪو به ڏاڍ مڙسي ڪو نه ڪندو هو. باقي بين ڳوٺن ۾، ميرپور پٺو کان سواءِ، چورين جون ڳالهيون ٻڌبيون هيون. جڏهن ته مجموعي طور تي، اهو امن امان جو دؤر هو. ١٩٧٣ع ۽ ١٩٧٤ع کان پوءِ، سنڌي سماج ۾ ڌوهن جو رواج وڌڻ لڳو، جيڪو جنرل ضياءَ جي دؤر ۾ وڏي وڻ ٿيو ۽ هاڻي باقاعده سنڌ جي امن کي تاراج ڪري رهيو آهي.

ڏهين محرم تي، سائين امام شاھ جي اوطاق وٽ، پلاءَ جو ديڳيون لهنديون هيون. ڳوناٽا ڪونهان ۽ اڻ وغيره ڏيندا هئا. سڀ گڏجي ڪائيندا هئاسين. فقه جعفريه وارا ماتم ڪو نه ڪندا هئا. سردار صاحب جي منع ٿيل هوندي هين. تن ڏينهن ۾، شيعا ۽ سُني، گڏجي پت ڪائيندا هيا ۽ امامن سان هڪجهڙو عقيدت جو اظهار ڪندا هيا. هاڻي اهو ماحول ڪٿي به نه رهيو آهي. تنهن هوندي به پنجاب،

بلوچستان ۽ خيبرپختونخواهه وارن وانگر، سنڌي نہ ٿيا آهن. اڳتي بہ اللهﷻ امان ۾ رکندو. وڏيڪ: قاضي ڄاڻي تہ قيام ڄاڻي.

سائين بُڍل شاهہ ڪاڪي ميرل ڪتيءَ واري مڪان ۾، اڳيون عَلمُ لاهرائي، نئون لڳرائيندو هو. ڪجهہ نوجوان ڪوڪرين ۽ چوڏين، ماتم ڪرڻ ويندا هئا. پر اتي بہ ماتمي، بلڪل ٿورا هوندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن اسان رتيديري ماتم ڏسڻ ويندا هئاسين. جليبي ۽ پڪي مٺائي ونبي هئي. سبيل وغيره مفت ۾ ملي ويندي هئي. هاڻي مسوديري ۾ ماتم ٿيندو آهي.

آڪٽوبر ١٩٥٨ع ۾ جڏهن جنرل محمّد ايوب خان جو انقلاب آيو، تڏهن منهنجي عمر ڇهہ سال ۽ ڪجهہ مهينا هئي. بابا کي دوڪان هجڻ ڪري، روزانو سودي سود لاءِ رتيديري وڃڻو پوندو هو. ايوب خان ملڪ ۾ مارشل لا لڳائي، حڪمراني ڪري رهيو هو. بابا رتيديري مان بہ وڏا پوسٽر، هڪ سابق صدر اسڪندر مرزا جي تصوير ۽ ٻيو فيلڊ مارشل لا ايڊمنسٽريٽر جنرل محمّد ايوب خان جو فوجي وردي ۾ نڪتل فوٽو فارم پوسٽر بہ آندو. ٻئي پوسٽر، بابا دوڪان جي پٽين تي، ڪوڪن سان چنبڙائي ڇڏيا هئا.

سانجهيءَ کان پوءِ، بابا وٽ، ڪچهريءَ لاءِ ماڻهو ايندا هئا. مان بہ ڳوٺ، آسپاس ۽ ملڪ جون ڳالهيون ٻڌندو رهندو هيس. اسان جي ويڙهي ۾ چوٻول ٿيو تہ: فوجي ايندا ۽ گهر گهر تلاشي وٺندا. گهر جي وڏن گڏجي ڪو فيصلو ڪيو. سومهڻيءَ کان پوءِ مال جي وٿاڻ ۾ هڪ وڏي ڪڏ کوٽي، ڪهاڙيون، لوڙهيون (لوهي پٽ ويڙهيل لٺيون) جن جي هينين پاسي لوهہ جا وڪڙ ڏنل هوندا هئا، ترارون، ڪاتيون، لوهي تارون ۽ ٻيون شيون دفن ڪيون ويون. ڪڏ پوري، مٿان مال ٻڌو ويو. اسان ٻارن کي چيو ويو تہ: اهي ڳالهيون ٻاهر نہ ڪجو نہ تہ سرڪار اسان کي جيل ۾ وجهندي. ڏينهن جو، پوءِ بہ وڏن واتان، ڳوٺ ۽ دوڪان ۾ اهي ڳالهيون ٻڌون پيا تہ: فوجين وٽ اهڙا اوزار آهن، جيڪي پوريل لوهي شين کي ڳولڻ ۾، سندن مدد ڪن ٿا. مطلب تہ هڪ عجيب ڏهڪاءُ ۽ دهشت، سڄي ڳوٺ ۾

ڦهلجي ويئي هئي. ماڻهن بغير لائسنس جا هٿيار؛ بندوقون ڪارتوسن سميت ۽ پسٽل گولين سميت، ٻنين يا جهنگن ۾ لڪائي پوري ڇڏيا هئا.

مون کي ياد آهي تہ ان وقت اسان جو ڳوٺ، ڏاڍو وٽندڙ هو. ڏاندن ۽ گهوڙن جون گويون، ڏيتي-ڏڪر-راند، گهُرَ-پتي-راند، ڪوڏي-ڪوڏي ۽ ملهہ وغيره وڏا ڪيڏندا هئا. اسان ٻار، چدن (بلورن)، چڪرين (لاٽونئڙن) ۽ لغڙ اڏائڻ سان دل وندرائيندا هياسين. هاڻ اسڪول پڙهڻ جيڏا ٿياسين تہ ڪرڪيٽ بہ ڪيڏڻ شروع ڪئيسين.

ميرپور وارن سان ڪوڏي-ڪوڏيءَ جون يادگار رانديون ٿينديون هيون. پري پري کان رانديگر ايندا هئا. غوٿل، امام الدين جلباڻي، بجار خان رند، شفيع محمّد ۽ ٻيا راند ڪيڏندا هئا. سڄو ڳوٺ اچي گڏ ٿيندو هو. ان کان سواءِ ڪڪڙن جون ميليون ۽ رڇ جي ٻڇ بہ ڏسڻ لاءِ ملندي هئي. عبدالخالق ۽ ٻيا وڏيرا، سائين عرض محمّد ۽ غلام عباس جن وري والي بال راند ڪيڏندا هئا. هاڻي سيني ڳوٺن ۾ چانهہ جون هوٽلون ئي، ٽي ويءَ جي رونق سبب، تفريح ۽ وندر جون جايون بڇيون آهن. اڳيان راندين وارا مشغلا ۽ وندر، ويا موڪلائي. چانهہ جي هوٽلن تان ئي رات جو دير سان اٿي، چور چوريون چڪاريون بہ ڪن ٿا. موالڙي ۽ پر امن ڳوناٺا، اتان اٿڻ بعد، سڌو پنهنجن گهرن ۾ پهچي، آرامي ٿين ٿا.

اسان جي ننڍپڻ ۾، ساريون پچنديون هيون تہ ٽاڪ منجهند يا رات جو، چوريءَ سارين جي رُوڙ ڪندا هيا. ڪو نہ ڪو ڏسي وٺندو هين تہ سندن وڏڙن کي هاري ناري ٻئي ڏينهن وجي دانهن ڏيندا هئا. بنگلي تائين ڪو نہ ويندا هئا. اهو اَنُ دوڪاندار وٺندا هئا. انَّ جي حالت کي ڏسي، دڪاندار سمجهي ويندا هئا تہ چوريءَ جو آهي. ڪي ڪي تہ پنهنجي زمين جي فصلن مان بہ رُوڙ ڪدي ايندا هئا. دوڪاندار بہ فائدي ۾ هوندا هئا. اڳهہ ساڳيو هوندو هو، جڏهن تہ اتل گهٽي ڪٽندا هئا. جيڪو اَنُ آڻيندو هو، اهو سڀ ڪجهہ سمجهندي بہ خاموش رهندو هو. چو جو؛ چور جي ماءُ ڪنڌ ۾ روئي. لاب لهندا

هئا ته سترين جي به چوري ٿيندي هئي. هاڻي دشمنيون ۽ ڏاڍ-مڙسيون وڌي ويون آهن. تيار راهه بندوقن جي زور تي ڪنيون ٿا وڃن يا وري ڦيڙهن ڪي باهيون ڏنيون ٿا وڃن. ائين سڄي سنڌ پنجي وئي آهي. مظلومن هٿان اڳ انَّ ڪي ساڙڻ خون جيترو گناهه سمجهيو ويندو هو، پر اڄ سڀ جائز ٿي پيو آهي. سرڪار، قانون پڄنڌڙن جي ٿي پئي آهي، جنهنڪري، پوريءَ سنڌ اندر، ڏوهاري جاوا ڪندا ٿا وتن، ڪين ڪو چوڻ وارو ئي ڪونهي. ملڪ ۾ راڻو راڻي رهيو ئي ناهي. منهن تي حق سچ چوڻ وارو زمانو نه رهيو آهي.

ڳاڙهاڻن ۽ رِندن جي پاڻ ۾ منهن-ٽلهائپ (ڪاوڙ) ٿي پئي. ٿيو ائين ته ڪاڪي قمرالدين ۽ حسين جن، بجار خان رند واري ڌر تي شڪ ڪيو ته: توهان اسان جو ڏاند چوري ڪرايو آهي. اها ڳالهه رندن تي شاهدن سان ثابت ڪو نه ٿي سگهي. بجار خان به گوبر ڏاند پاليندو هو. وٽاڻ ۾ سندس ڪراڙو پيءُ، لعل جان خان رند، رات جو ڊبل بئرل جي بندوق ڪڇي ڏاندن جو پهرو ڏيندو هو. ڳوٺ ۾ ڏاڍا هٿيار هوندا هئا، جيڪي سڀ لائسنس جا هوندا هئا. بيلجيم، اسپين، جرمني ۽ انگليند جا نهيل هوندا هئا. هڪ رات اَسُرَ ڏاري، لعل جان رند اٿي گهر ويو، موٽي اچي ڏسي ته ڏاند ڪو نه آهن. سڀ اٿيا، پيرا ڪنيائيون، پر ڏاندن ڪي جڻ هوا اڏائي وئي يا ڌرتي ڳهي ويئي. قمرالدين وارن چيو ته: ڏاند اسان وٽ آهن. قرآن شريف تي فيصلو سردار وٽ ڪريو.

ڪافي ڏينهن، ڳوٺ ۾ جهيڙي جي صورتحال رهي، پر سردار صاحب ڪين چتاءُ ڏنو ته جي جهيڙو ٿيو ته ٻنهي ڌرين ڪي لڏائي ڇڏيندس. ٻنهي ڌرين، پنهنجن ننڍن تي زور رکيو ته جهيڙو نه ڪيو، ٻي صورت ۾ ننگن سميت رلي وينداسين. آخر ڪافي ڏينهن ڪان پوءِ، فيصلو ٿيو ته ڌريون ڪير ڪنڌ تي ويون.

ڏاندن جي چوريءَ جي آخر ڳالهه ڪلي ته قمرالدين ڳاڙهاڻو، سومهڻيءَ جو وٽاڻ ۾ وڃي، جيڪو ڳوٺ جي ويجهو ۽ گهرن ڪان ٿورو وٿيرڪو هيو، لڪي وينو. دير دير سان پلال ڏاندن ڪي وڃهي،

پنهنجو ڪري آتاريائين. اسر ذاري، جڏهن لال جان خان گهر ڏي ويو ته ڏاند چوڙي، موڙهه ڏي راهي ٿيو. اتي اڳ ۾ ئي، سندس ساٿي لڪل هئا. گوئر ڏاند ڪين ڏئي، پاڻ انهن ئي پيرن تي وري اچي گهر سمهي پيو. ايڏي رٿابندي ڪئي هيائون جو ڪاتيون ۽ رسا ساڻ هين، اگر رند ساڳين پيرن تي پنيان اچي پهچن ته ڏاند، ڪين جيئرا موٽائي ناهن ڏيڻا. بسم الله، الله اڪبر چئي: ڏاندن کي سير وجهٽي آهي. وڏيڪ جهيڙو ناهي ڪرڻو، ڪو ماڻهو مارڻو ناهي.

ڪاڪو قمرالدين اڄ به ملندو آهي، هن جو ڀاءُ حسين فوت ٿي ويو آهي. ڏاڍي اڪير ۽ سِڪَ مان ڀائن ۽ پٽن لاءِ پڇندو آهي. بجار خان، خوبصورت قد آوار، اتر سنڌ ۽ بلوچستان تائين ياري دوستي هيس. جوانيءَ ۾ فوت ٿي ويو. سندس پٽ اڪبر علي، ٽيچر آهي. سڀ رند، سائين رڪيل شاهه جا مريد آهن. سائين چيزل شاهه جڏهن مسوديري ايندو هو ته مان به ساڻس ملڻ ۽ ڏسڻ لاءِ ويندو هيس. وارن جي چڳ قئنچيءَ سان ڪترائي، چڳ-وڍيو-مريد ٿيو هيس. بزرگن، دل تي اشهد آڱر رکي، مخفي طرح سان الله الله ڪرڻ جو پهريون سبق ڏنو هو.

اجوڪيون حالتون، جهيڙن ۽ جرڳن جون، اوهان آڏو آهن.

پسو پڪيئڙن، ماڻهوئان ميٺ گهٽو. مرشد لطيف ؒ جو اهو درس، اڄ اسان وساري وينا آهيون، تڏهن ته ٽاٻا ٽا ڪائون.

مسوديري مان، پڙهيل ۽ پورهيت، لڏي ويا آهن. اڄ به منهنجي سؤٽ جو گهر اتي آهي. باقي سڀ مٿ مائٽ رتيديري ۾ رهن ٿا. رندن ۽ ڳاڙهاڻن جي پنهنجي برادرين جي جهيڙن هن سهٽي ۽ پرامن ڳوٺ جو سُڪون برباد ڪري ڇڏيو آهي. ڪي ملڪيتون وڪٽي لڏي ويا. وڏيرا به ٽڙي پکڙي رتيديري ۽ لاڙڪاڻي رهن ٿا.

ڳوٺ جا وڏيرا جلباڻي آهن. ڪين سرداريءَ جو لقب مليل آهي. پشت و پشت سردار رهندا آيا آهن. موجوده سردار علي نواز خان جلباڻي (دوئم) ولد سردار الله بخش خان جلباڻي (دوئم) ولد سردار علي نواز خان جلباڻي (اول) ولد سردار غلام رسول خان جلباڻي ولد

سردار الله بخش خان جلباڻي (اول). سردار علي نواز خان جلباڻي (اول) ايران ۾ فوت ٿي ويو هو. سندس مڙهه اتان آڻي، مسوديري ۾ دفن ڪيو ويو هو. سردار الله بخش جلباڻيءَ (اول) ڪي انگريزن جي وقت ۾ مئجسٽريٽي پاورَ هئا. ڏوهارين لاءِ ڏاڍو سخت گير هو، جنهن جي ڪري آس پاس ۽ ڳوٺ ۾، ڏاڍو امن هو. هندوءَ دوڪاندار جي، دڪان تان مفت ۾ هنداڻو ڪٽڻ تي، پنهنجي ئي قوم جي هڪ جلباڻيءَ ڪي جيل موڪليو هئائين.

جلباڻي سردار، کهڙي ۽ قاضيءَ سان، سياست ۾ گڏ هوندا هئا. موجوده سردار علي نواز خان جلباڻي (دوئم) پاڻ ته پ پ پ ۾ شامل آهي پر سندس والد، ضياءُ الحق جي دؤر ۾، مجلس شوريٰ جو ميمبر رهيو. پير صاحب پاڳاري جي مسلم ليگ ۾ شامل هو، بعد ۾ ممتاز علي خان ڀٽو جي M.P.A جي اليڪشن ۾ سندس مدد ڪيائين ۽ جلباڻين جا ووٽ ڪيس ڏياريا هئائين. سردارن جي نالن ۾ روايت پسندي نمايان آهي.

جلباڻي سردارن ڪي قدرت واري ججهو اولاد ڏنو آهي. جنهنڪري سندن ملڪيت سندن پٽن ۽ انهن جي اولاد ۾ ورهائبي اچي ٿي. مسوديري جي آسپاس، ميرو خان تعلقي ۽ ڳڙهي خيري تائين سندن ورثي واريون زمينون آهن. هاڻي زميداريءَ سان گڏ ڪافي نوڪريون به ڪن ٿا. عبدالخالق خان، عبدالمالڪ خان، عبدالجبار خان، سردار جا ويجها مائٽ هئا. مير لياقت علي خان، موجوده سردار علي نواز خان جو چاچو هو. جيڪو جوانيءَ ۾ ايڪسيڊنٽ ۾ فوت ٿي ويو. مير لياقت علي خان دلبر انسان هو. گڏ پڙهيا هئاسين. هڪ دفعي عبدالمالڪ خان مرحوم جي واڙي ۾ ڪچهري ڪري رهيا هئاسين. واهه جا ڪراڙا جلباڻي، بنگلي تان موٽيا ته مير ڪي ڏسي اچي نوڙي ساڻس مليا. مون ڪي نه سڃاتائون، جنهنڪري مون ڪان پڇيائون ته: ”ڪير آهين؟“ مير لياقت علي خان ڪي چوڻ لڳا: ”ابا! مار ڇوڙي هيوَ. حجم جي پٽ ڪنون گڏ ٻلهايو، ٻيني او!“ جيڪي وينا هئاسين مرڪي پياسين. آخر لياقت علي خان چيس ته: ”استاد عرض محمّد جو پائيٽيو آهي. هي به ماستر آهي. استاد جي عزت

ڪرڻي آهي. هاڻي تون ٻڌاءِ اسان صحيح ڪيون ٿا يا نہ!“ پوءِ ڪجھ ٽڏا ٽيا. هاءِ ڙي زمانہ! اڄ اڪيون اهڙن ماڻهن کي ڏسڻ لاءِ سڪن ٿيون جيڪي منهن تي هر ڳالھ چئي ڏيندا هئا. اسان سيني کي اوڏانهن وڃڻو آهي. هو اڳ ۾ اڏامي ويا. الله ﷻ ڪندو تہ اتي بہ رهاڻيون ٿينديون. الله ﷻ سيني کي بخشي ۽ رحم ڪري.

گذريل ڏهن، پندرهن سالن کان مسوديري کان ڪٽيل آهيان، پر ڳوٺ جي سماجي حالتن کان واقفيت رکندو اچان. مور علي جلباڻي، سرائي باغ علي جلباڻي ۽ مولانا نثار احمد سومرو ملندا آهن تہ وڏيرن کان وٺي راڄ وارن تائين حال احوال ٻڌائيندا آهن. جنرل ضياءَ جي دور ۾، مرحوم الله بخش خان جلباڻي، تعليم کاتي ۾ ڏاڍيون نوڪريون ڏنيون. ظالم دور هو، جنهنڪري نئين ديري جا شهري سياسي ماڻهو بہ خوف کان مسوديري بنگلي تي ايندا ويندا هئا. انهن کي بہ ڪافي نوڪريون مليون. نئون ديري وارن جي ماستريءَ وارا سروس بوڪ ان جا شاهد ٿيندا. مئڊم حميده کهڙو بہ ڪافي آرڊر ڏنا، پر ووٽ وري بہ ڪو نہ ڪٽي سگهيا هئا. اسان غريب ماڻهو، سڪي چڪا آهيون تہ فائدو وٺڻ گهرجي پوءِ آمريت هجي يا جمهوريت. پيٽ جي دوزخ پرڻ لاءِ اصولن ۽ ضابطن، قاعدن ۽ نظرين کي مجبوراً پاسي تي رکندا آهيون. ضياءَ جي دور تي تفصيلن ڪو لکي تہ معاشرتي تاريخ محفوظ ٿي ويندي. ان وقت اتر سنڌ جي وڏيرڪي ۽ پيراڻي ڏرين، پُٽي صاحب مان بہ فائدا ورتا ۽ مارشل لا جي گنگا ۾ بہ ٽٻيون ڏنيون، وري محترمہ اقتدار ۾ آئي تہ ان سان ائين گڏ هئا، جيئن آواز ۽ ان جو پڙاڏو گڏ هوندا آهن. بي اصوليءَ جي گدلاڻ ۾ اسان پيٽ-بکيا، انگ-اگهاڙا ۽ مس مس سٽيو-ٽڪر-ڪائڻ-وارا کهڙي ضمير تي هلون؟ ضمير جا ڪيترا ئي قسم آهن. اهو وري اسم جي بدران ڪم ايندو آهي. پيٽ کان وڌيڪ، بي کهڙي لاچاري صفت ٿيندي آهي. هر ڪو جيئڻ لاءِ پيو جتن ڪري. اوپارو هلڻ ڏاڍو ڏکيو آهي، لهواري هلڻ وارن لاءِ آساني آهي، پر جنهن ضمير جي مان ڳالھ ڪريان ٿو، اهو ڏئي آسائشون

وٺبيون آهن. اصول، ضمير ۽ سنڌ ڪاڏي ويندا. انهن کي بہ ورائي وٺبو، جيئن ڪو ڍور ڍڳو ورائبو آهي. في الحال پيٽ جي پوڄا ڪري وٺون. ملڪيتون ناهي پوءِ توبه ڪان سواءِ جنتي بڻجي ويندا سون. اللهﷻ چاهيو تہ پنج ڇهہ لک خرچ ڪري حاجي ٿي، خانه ڪعبه ۾ نمازون پڙهي ۽ روزه رسول جي چانئٺ چمي ايندا سين. پوءِ تہ ايرو-غيرو، نٿو-خيرو، اسان آڏو ڳالهائي بہ نہ سگهندا.

جنرل ضياءَ جي دؤر جا، قِيس يا ڪلور، جيڪي مون پنهنجي گنهگار اکين سان ڏٺا هيا، ۽ اهي ملٽري آپريشن جي نالي سان ڪيا ويا، سي بہ هيا. هڪڙو ميرپورپٽو ڳوٺ ڪي ڪڙو چاڙهڻ ۽ ٻيو سائين جي ايم سيد جي سالگره تان موٽندي، راڏڻ اسٽيشن تي شاگردن جو گهيراءُ ڪرڻ. ٻئي منظر، اڄ بہ اکين آڏو ڦرن ٿا ۽ ذهن جي ڦرهيءَ تان مٽائڻ جي ڪوشش سان مٽجن نہ ٿا. جڻ هاٿي جي ڳالهہ هجي.

مسوديري ۾ اندر، تنهن دور ۾، سردارن جي بنگلي ڪان سواءِ، ويهڻ لاءِ ٻيون بہ اوطاقون هيون. جهڙوڪ: سرائين جي اوطاق، پٺن جي اوطاق، رندن جي اوطاق، ڳاڙهاٽن جي اوطاق ۽ شيخن جي اوطاق. امام شاهہ جي اوطاق بہ هئي، جتي مائي جي بٺي پڻ هوندي هئي. پورهيتن جي ٺيهن منجهہ: دڪٽن جو دوڪان، جتي لوهار جي ڏنوڻ بہ لڳل هوندي هئي. ڪنڀرن جي آوي ۽ چَڪ وغيره. مينهن جا وڏا واڙا هوندا هئا. ڪجهہ واپاري بہ هئا. جيڪي ڪراچي ۽ سکر تائين مال آڻيندا ۽ نيندا هيا. باغن ۾ ڄمون، ڪيلا، زيتون، ڪجيون، انب، ڦاروان ۽ توت وغيره ٿيندا هيا. ڳوٺ جي ڏکڻ ۽ اتر ۾ بہ وڏيون ڪڏون هيون. مال سان گڏ ڪڪڙ بہ پالبا هئا، جيڪي ڪوڪڙي سائيڪلن تي اچي، مُلهہ ڏئي وٺي ويندا هئا. کير وڪڻڻ جو رواج، تڏهن پيو جڏهن مائي جي بٺي پئي. ڳوٺ ۾ مکڻ ججهو ٿيندو هو. هر ڪو نيرن تي بُسرين ۾ ۽ منجهند ڏاري گرم گرم رڏل چانورن تي مکڻ جو چاٽو رکي کائيندو هو. ائين پيٽ سٽيو ٿيندو هو. چوندا هئا تہ اٽيي ڪاڏي تي آندا ڦهلبا آهن ۽ پيٽ وڏو ٿيندو آهي. رات جو کير هر ڪنهن کي آل جال ملندو هو.

چاليھ پنجاھ سال اڳ جون شادي ۽ غميءَ واريون رسمون بدليون آهن. غمي ۽ شاديءَ ۾ ٽي ڏينهن لڳي ويندا هئا. غميءَ ۾ ويلا سسٽم، شاديءَ يا خيرات تي رات جو ڊور ڪُهي وڏن ڪارن ۾ رڌل گوشت رکبو هو. پلاءُ تيار ڪري، تڏي يا کٽ تي ٻہ ٽي ديڳيون گڏي، پاٽوڙن ۾ پَٽُ ڏبو هو. مٿان رڌل گوشت جا پور/ ٻوٽَ رکبا هئا. ڇا تہ لذت هوندي هئي انهن ٻوٽَن جي. مقام کان ڪفن دفن تان موٽبو هو تہ وڏي مسجد ۾، نِھارُو (قبر کٽڻ ۽ لٽڻ وارا) هٿ منهن ڌوئيندا هئا. پڳڙن ۾ ريوڙيون يا نقل ملائي، سيني کي مُٺِ مُٺ ڏبي هئي. اهي کائي، پاڻي پيئبو هو. دعا گهري، تڏي تي پهچبو هو. اتي ڪانڌيي جو پٽ ڪائڻ لاءِ سيني ۾ ورهائبو هو، بعد ۾ جمعاٽو ٿيندو هو. هاڻي ٽيجهو ڪيو وڃي ٿو. فوتيءَ جي لاءِ خيرات جا پئسہ ڏبا هيا، جنهن کي عُذر چئبو هو. اهو رواج نڪري چڪو آهي. ٿورين برادرين ۾ اهو سلسلو هلندڙ آهي. چوندا هئا تہ: جنهن گهر ۾ ڪو فوت ٿئي ٿو تہ برادريءَ تي فرض آهي تہ هو انهن کي ٽي ڏينهن ڪارائين، جنهن کي ويلا سسٽم سڏبو هو. هاڻي ڪفن دفن پڄاڻان، آيل مهمان موڪلائڻ شروع ڪن ٿا. تڏي تي رڳو گهر-ڀاتي ۽ اوڙي پاڙي وارا وڃي بچن ٿا.

بابا مرحوم، مون کي ننڍي هوندي کان وني، هالا، پٽ شاھ ۽ ٻين پيرن تي گهمائيندو هو. اسان کي بابا لاءِ ٻڌايو ويو آهي تہ جوانيءَ ۾ هُن وٽ پئسا ڪو نہ هئا. پٽ شاھ جو ميلو شروع ٿيڻ وارو هو تہ ڳوٺ مان ڪجھ ڄڻا تيار ٿيا. بابا کي تن ڏينهن ۾ هٿ ڪو نہ هوندو هيو. هارپو ڪندو هو. پنهنجو وهڙو وڪڻي، ميلي تي هليو ويو. مون کي پٽ شاھ تي پيرو پڇندي اڳر گهڻو وقفو پئجي ويندو هو تہ امڙ پڇندي هئي: ”پنهنجي مرشد ڏي ڇو نہ ٿو وڃين؟“ دل وندر خاطر چوندو هيومانس: ”پئسا ڏي تہ وڃان!“ ان ڳالھ کي سچ سمجهي ٻئي ڏينهن تي پئسا هٿ ڪري ڏيندي هئي ۽ چوندي هئي: ”پڻهين ڪلهن تي ڪٽي، تو کي مرشد تي وني ويندو هو. ٻارهين مهيني، مرشد جي درگاھ تي ويندو ڪر.“ امڙ، پاڻ ڪڏهن بہ درگاھ تي نہ وئي. هڪ دفعي، هڪ مائٽ سان گڏ پٽ شاھ تي وياسون. اتان

واپسيءَ تي حيدرآباد وجي هوٽل تي رهياسين. مون کان ان مائٽ پڇيو: ”مرشد کان ڇا گهريئي؟“ مون ڪيس جواب ڏنو: ”ڏيڻ وارو الله جَلَّ جَلَالُهُ آهي. مون فاتحه پڙهي، ان جو ثواب مرشد کي بخشيو. باقي گهريو الله جَلَّ جَلَالُهُ کان، جيڪو آسمانن ۽ زمين جو مالڪ آهي. مرشد عبداللطيف جي ايوان ۾ ايندي، سندس روضي کي ڏسندي، سڪون ملندو آهي. پنهنجن عيبن تي اکيون آليون ٿي پونديون آهن. اندر جو بوجهه هلڪو ٿيندو آهي. هن جو پنهنجو ئي چوڻ آهي:

”هڪ نه رُسي هوت، گهوري ٻاجهه ٻين جي.“

لکڻ کان پري آهيان ته بلڪل خالي ذهن ٿيو وڃان. لکڻ ٿو ويهان ته سوين ڳالهيون اکين اڳيان ۽ ذهن تي تري ٿيون اچن. ڇا لکي، ڇا لکان!

ياد ٿو پوي ته غالبًا ٦٢ع کان ٦٦ع جي سالن دوران، سارين کي جيت لڳو هو، جنهنڪري مسوديري ۾ غربت وڌي وئي هئي. اتر سنڌ آهي ئي ساريال فصل تي. شاديون مراديون ۽ خير خيراتون سڀ پئسن سان آهن. ڪافي هاري، قرضي ٿي ويا هئا. ڇٽن ۽ مٽرن جي مُند ۾ هر گهر ۾ روزانو پلي يا ساڳ پچندو هو. ڇوڪريون ۽ ڪراڙيون، روزانو پلي پٽڻ لاءِ ٻنين ڏانهن وينديون هيون. اها پلي، ڇٽن جي گوئنچن مان پٽجندي هئي. ڇا ته ذائقو هوندو هيس. هاٽي ته وَٽَ ونڻ لاءِ ٿا ونون، چڻ تور تي گاهه ٿا ونون. ڇٽن جي گوئنچن ۾ قدرتي هلڪي ڪٽ هوندي هئي. گوئنچن پٽيندي اها ڪٽاڻ، آڱرين جي چپٽين کي چنبڙي پوندي هئي. آڱرين جون چوٽيون زبان سان چٽبيون هيون ته ان ڪِٽ سبب ڏاڍيون وٽنديون هيون، جو دل چوندي هئي ته جيڪر وينو آڱرين کي چٽجي.

جڏهن ماستري ملي ته پلي پٽڻ جا نظارا ڏٺم. ابراهيم ”راحم“ صديقيءَ جو شعر، بي اختيار واتان جهونگارجي نڪري ويو:

پلي پٽڻ واريون، نياڻيون نماڻيون،
اڃهو واپس وريون، ساهه سيباڻيون،
ٽبڙي مٽي تي، پيرن اگهاڙيون،

ونڻي راھ رستو، اينديون نماڻيون،
ڪري هلن جيئن، ڪونجن قطارون،
پٽي گؤنچ پوتيءَ ۾، رکن سياڻيون،
لهي سچ ويو ”راحم“، اجا ڪو نہ آيون،
تڪن راھ تن جي، گهر ڌياڻيون.

ٻهراڙين ۾، سيارو اچڻ ڪان اڳ، هر ويڙهي اندر ڪچا ڇيڪا پِتر پُسائي رکيا هيا. آهستي آهستي روزانو مٽيءَ جي ڪچين ڀتين کي زائفون پاڻ ليپو/پوچو ڪنديون هيون. چلھ جي آڏو واري جڳھ/ٿَلِهيءَ کي راڳو ڏئي نئون ڪنديون هيون. مردن کي ڪنهن ڳالھ جي ڪاڻ ئي ڪو نہ هوندي هئي. ائين گهر ۽ ڀتيون صاف ٿي وينديون هيون، جيئن هر سال گهر کي رنگ روغن ۽ صفائي ڪرائجي ٿي. مچرن لاءِ روزانو دونهيون ٽينديون هيون. مڇر، مال کي بہ ڏاڍو تنگ ڪندا هئا. خاص طور تي ڪمزور مال کي تہ ساڙي رکندا هيا. تنهنڪري وٿاڻن اندر بہ سڄي رات دونهيون دُکنديون هيون.

ڳوٺ ۾ راڳ رنگ جون محفلون بہ مچنديون هيون. نالي وارا فنڪار شادين تي گهرايا ويندا هيا. سينگار علي سليم، استاد گلزار علي ۽ مائي الله وسائي بہ اسان جي ڳوٺ ۾ آيا هئا. مون ڪين اگر ڏٺو ۽ ٻڌو تہ پنهنجي ڳوٺ جي ڪنهن محفل ۾.

سَٺ واري ڏهاڪي ۾، ڳوٺ اندر وڏيرن جي بنگلي تي سيد امام شاھ، مولوي محمّد صالح ۽ ڳوٺ جي استادن کي ڪُرسي ملندي هئي. باقي سمورا، هيٺ گلم تي ويهندا هئاسون. مولوي محمّد صالح سومرو، دوا درمل بہ ڪندو هو. سندس هڪ پٽ عبدالحڪيم انگريزي استاد هو ۽ ٻئي پٽ محمّد رفيق کي ڪرياني جو دوڪان هوندو هو. محمد صالح، شاهن فقير جو وڏو ياءُ هو. سندن ويڙهو، وڏو هو. اسان جي گهرن ۽ سندن ويڙهي وچ ۾ گهٽي هئي. واندڪائيءَ واري وقت، يا ڊڪٽن جي دوڪان تي يا ان وچين گهٽيءَ ۾ ويهي ڪچهري يا راند ڪندا هئاسين.

مولوي صاحب مرحوم، دهليءَ مان تعليم وٺي آيو هو. اتي اهو رواج هوندو هو تہ مذهبي سبقن سان گڏ حڪمت (دوا دراصل) بہ سيکاري/ پڙهائي ويندي هئي، جيئن پيٽ پالڻ ۾ آساني ٿئين، قرآن ۽ حديث، سچائيءَ سان بيان ڪري سگهن، ڪنهن جا محتاج نہ ٿين. مولوي محمّد صالح، مسجد ۾ پنج وقت نمازن جي امامت ڪندو هو. جمع تي نماز ۾ خطبو بہ پڙهندو هو ۽ بلڪل مختصر واعظ ڪندو هو. ڪڏهن بہ ٻئي هنڌ واعظ ڪرڻ نہ ويندو هو. اسان نانيڙا هئاسين تہ حج ڪري آيو هو. گهڻيءَ ۾ ڪافي ماڻهو کيس ملڻ لاءِ آيا هئا. اسان گهر وڃي کيس ڏٺو هو. هڪ ڪٽ تي بهترين قيمتي قالين پيل هو. ان تي ويٺو هو. اهو پهريون دفعو هو جو مان قالين اکئين ڏٺو هو. مون کي ياد آهي تہ مان ان کي هٿ بہ لائي ڏٺو هو. نرم، ملائم ۽ اکين کي وڻندڙ رنگ، اجا ياد آهن.

آهستي آهستي سومرا ۽ منگي، ڳوٺ ڇڏيندا آياسين. سبب: تعليم ۽ نوڪريون هيون. ڪنهن سان ڪو آزار نہ هو. هاڻي اهي جايون ڊهي پٽ ٿي ويون آهن ۽ پلاٽن تي ٻيا اچي ويٺا آهن. ائين حجمن ۽ ڏڪڻن جا ويڙها، خالي ٿي ويا.

وڏيرن جي بنگلي ڪان سواءِ، ٿي وڏيون، پڪيون ۽ هڪجهڙيون ماڙيون هونديون هيون: قادن (قادر بخش) ڳاڙهاڻي، ماستر محمّد قاسم سومري ۽ چاچا عبدالڪريم منگيءَ جون. لڳندو ائين هو جڻ هڪ ئي ڪاريگر ناهيون هجن. سهڻيون چٽيون، انگريزي در ۽ دريون، گول ونگن سان پڪا وراندا. چاچا عبدالڪريم واري ماڙي، اجا سلامت آهي. منجهس هاڻي جلباٽي رهن ٿا. ايترو تہ قيمتي ڪاٺ استعمال ٿيل اٿس جو اگر ڪڍي وڪرو ڪجي تہ اڄ جي دور ۾ لکين روپيا مِلن. سائين غلام عباس، ٧٦-١٩٧٥ع ڌاري، اها ماڙي بلڪل ٿورڙن پئسن ۾ کپائي هئي. مون کي پوءِ خبر پئي هئي، جڏهن سودو طئي ٿي ويو هو. چاچا مرحوم ۽ منهنجي گهروارن، چاڻي واٽي مون کي بي خبر رکيو هو. منهنجي طبيعت ۾ ڪنهن بہ شيءِ کي وڪڻڻ، عذاب کان گهٽ نہ هوندو آهي، پر ڪڏهن ڪڏهن سور سهندي، وڏڙن جي ڪيل فيصلن کي قبول

ڪري ونندو آهيان. جڏهن ته اهي ڦٽ، مون لاءِ ناسور بڻجي پوندا آهن.

چاچا عبدالڪريم، ويڙهي جو وڏو هو. ڏاڍو نفيس طبيعت جو مالڪ هو. مسوديري ۾ چاچا مرحوم ۽ خانواهه ۾ قاضي صاحب، فائنل جي تياري ڪرائيندا هئا. سال ١٩٣٥ع جي، سندس لکيل ڊائري، مون پڙهي آ. اکر، جهڙا موتيءَ جا داڻا هجن. منجهس ماهانه ملندڙ پگهار ۽ ڪيل خرچ جي وِچور، لکيل هو. تنهن وقت سندس ماهيانو پگهار ٣٥ روپيا هئي. هر مهيني جي بچت ڏهن ڪان پندرهن روپيا ڏيکاريل آهي. سال ١٩٥٦ع ۾، چاچا گذاري ويو. سندس وِئي ڪان پوءِ، ويڙهي جو وڏو، بابا ئي بڻيو هو.

جڳهه ڏکڻ طرف ڏانهن نهيل هئي. اوپر ڪان به شيشن جون دريون، چت متي، ويڪريون پتيون، جنهنڪري جاءِ گرمين ۾ ڏاڍي آرام ڏيندڙ هوندي هئي. چتين ۾ جهليءَ جا هُڪ لڳل هوندا هئا. جهليءَ جي هوا، ڏوليءَ، پينگهي ۽ وڻن ۾ پينگهون ناهي لڏڻ ۽ گهر ۾ شرارتون ڪندي ڪراڙين جا دڙڪا ۽ دهمان ائين پيا اکين آڏو اچن، جڻ سڀ ڪجهه هاڻي سامهون پيو ٿئي. انساني ذهن، ڪيترو نه تکڙو ماضيءَ ۾ هليو وڃي ٿو. ڪمال آ ان تخليقڪار جو، جنهن انسان کي ايترو ڪجهه عطا ڪيو آهي. افسوس ان ڳالهه جو آهي ته اها ڄاڻ رکندي به، اهڙي ٻاجهاري رب جي حڪمن ڪان غافل آهيون.

عدلين چُٽان نه آءٌ، ڪر ڪو ڦيرو فضل جو. (شاهؒ)

اسان مسوديرائي منگين ۾ هڪ وڏي خرابي آهي، جو پاڻ ۾ موراڳي ڪو نه ٺهندا آهيون. بابا مرحوم جڏهن پنهنجي خاندان جون ڳالهيون ٻڌائيندو هو ته مان اهو نتيجو ڪڍي سيني کي سمجهائيندو هوس. مان شعوري هلچل سان، ماضيءَ کي سامهون رکندي، ڪوشش ڪئي ته اسان ٿئي پائر گڏ رهون. اجا ته الله ﷻ ايڪي ۽ محبت سان هلائي ٿو، جڏهن ته اسان جو پسمنظر، بهتر نه آهي. خاندان ۾ ڏُڦيڙ پوڻ جا خاص سبب اهي ئي آهن، جيڪي سموري سنڌي سماج ۾ آهن: ١- ملڪيت ٢- اولاد.

اسان جي وڏڙن وٽ تہ زمينيون ڪو نہ هيون پر ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جي شادين جي معاملن تي هو هڪ ٻئي کان الڳ ٿيندا رهيا آهن. بهتر ڳالهہ وري اِها رهي آهي جو هر ڪو، بغير جهيڙي جهڳڙي ۽ خلق ڪلائڻ جي، پنهنجي راهہ منتخب ڪندو ويو آهي. ڏکن ۽ غمن جا پهاڙ، دل ۾ سانديي، هڪ ٻئي کي عزت ڏيندا آيا آهيون. ممڪن آهي تہ اسان جي سنڌي سماج جي اها خرابي، جٽ ڪٽ ساڳي ئي هجي.

اسان جي خاندان ۾، هڪ فرد جي زندگي ڏاڍي حيرت ۾ وجهندڙ آهي. سندس باري ۾ معلومات، پوري ڳُڏ ڪري ڇڏي آهي، پر لکندي گهٻرايان ٿو. عبدالستار منگي نالو هيس. ڏاڏي عبدالحميد مرحوم کي ٽي پٽ هئا: ١- عبدالڪريم ٢- عبدالمجيد ۽ ٣- عبدالستار. ٽيئي ڀائر ٻئي استاد هئا.

منهنجي بابا جي پيءُ (ڏاڏي) جو نالو، ڏٽيءَ ڏنو (ڏٽي بخش) هو. بابا جو نالو نيڪ محمد ۽ چاچا جو نالو عرض محمّد هو. مان ائين سمجهندو آهيان تہ اسان جي وڏڙن جا نالا، ٻين مائٽن جي نالن کان گهڻو منفرد آهن. سائين (چاچا) عرض محمّد، مون تي نالو عاشق حسين ۽ منهنجي ڀاءُ تي مشتاق علي رکيو. جڏهن تہ پنهنجن پٽن جا نالا عنايت الله ۽ نعمت الله رکيائين. اسان جا وڏڙا، پورهيت ۽ مذهبي هئا. هڪ تہ مولود بہ چوندو هو. خاندان مان هڪ ڇوڪرو، ڪراچيءَ رُسي ڀڄي ويو هو. سومرن (ڊڪٽن) مان، هڪ ڄڻي کي ساڻ ڪٽي، ڪراچيءَ جي محلي محلي ۾ وڃي، مسجدن ۾ وقت گذاري، ڪيس ڳولي وٺي آيا هئا. پڪ سان نہ ٿو چئي سگهان، پر اندازي سان ٿو چوان تہ اهو زمانو ١٩٢٠ع کان اڳ جو معلوم ٿئي ٿو، ڇو جو هو، توشي ۽ زاد راهہ طور، سُڪل منا روٽ، سَتو ۽ ڪارڪون وغيره ساڻ ڪٽي ويا هئا، جيئن اتي رهي پنهنجو گذر سفر ڪري سگهن.

مسوديري جي اسڪول ۾، ماما لاشارين وارو، ادا نذير حسين واريا سي وارو، حجمن جي ڳوٺ وارا ۽ ٻيا به منگي پڙهيا آهن. سڀ مائٽ آهيون. اهي اسان جي ويڙهي ۾ رهندا هئا.

اڄ پڪڙا ۽ پنهوار ياد پيا آهن. ڪين مون ڪڏهن به نه وساريو آهي. جڏهن ته اڄ ڪيفيت ڪجهه ٻي آهي. اڪين ۾ ٻڪروال پرجي آيا آهن ۽ وسڻ لاءِ تيار آهن.

ڪنڌي ڪلين وچ ۾، جڏهن هيئين جن،
موتي مون پرين، ڪڏڻ جي ڪين ڪئي. (شاهه)

هيرائي هٿ ڪيو، هينئڙو حبيبن،
ٻڌي ڪچي تند ۾، سلهاڙيو سيڻن،
وجهي پيچ پرين، هينئڙو هٿيڪو ڪيو.
(مرشد لطيف ؒ)

پرائمري اسڪول ۾ چاچا عرض محمّد، سائين غلام عباس، چاچا عبدالمجيد منگيءَ کان سواءِ، سائين الله رکيو جت ۽ سائين مولا بخش جلباڻي اُستاد هئا. سائين مولا بخش جلباڻي، مسوديري جي پرسان سکر واهه تي وينل هو. هو اسڪول، کهاڙي کڻي ايندو هو. پنهنجن مائٽن سان جهيڙو هئن. بعد ۾، پنهنجي پاٽي جي ڪارپ جي ڏوهه ۾، ماريو ويو هو.

سکر واهه تي به ننڍڙا ڳوٺ، هڪ ٻئي جي پرسان هوندا هئا، جيڪي جلباڻي ذات جي ٻن پاڙن: فاضلاڻين ۽ ڪنڌراڻين جا آهن. پاڻ ۾ جهڳڙن سبب، ان وقت ڏهه پندرهن ڳيرو ڪُنا هئائون. حاجي پناڻ جلباڻي به پنهنجي پاٽي سان مسوديري ڊڪڻ جي مسجد وٽ مخالف ڌر هٿان ماريو ويو هو. گهانگهرن ۽ جلباڻين جي وچ ۾ به جهيڙو ٿيو هو، جنهن ۾ شامل جلباڻي ماريو ويو هو. لاشارين جي هٿان ڪاڪي لائق ڳاڙهاڻيءَ جو پٽ ماريو ويو. ڪاڪو سهراب لاشاري، ڳاڙهاڻن جي ڏاڍو ويجهو هو. مان ته ان کي سمجهندو ئي جلباڻي هيس. بعد ۾ خبر پئي هئي ته هو لاشاري ذات جو هو.

وڏيرن وٽ، بهترين هٿيار هوندا هئا، پر عام جلباڻي به هٿيارن سان ليس هوندا هئا. ڊبل بئرل بندوق وڏي ڳالهه هوندي هئي. بيلجم، جرمني ۽ اسپين وغيره جون بندوقون هلائڻ ۾ ڏاڍيون محفوظ سمجهيون وينديون آهن. چوندا هئا: ڪنڊلو ڪارتوسن جو ڪٽي، گوڏو ڪوڙي، دشمن سان مقابلو ڪيو ته ٻاهريون بندوقون ويل نه وڃائينديون. پاڪستاني بندوقون، جلد جلد فائر ڪرڻ ڪري گرم ٿي وينديون آهن ۽ نريون ڦاٽي به پونديون آهن. هاڻي ته اهي سڀ ميوزيم ۾ رکڻ جهڙيون آهن، ڇو ته ڪلاشنڪوف ۽ مئگزين وارن پسٽولن جو دور آهي.

ان وقت محرم جانوري پهريون ڏاڙيل (شايد ١٩٦٣-٦٤ع) ساماڻو هو، جيڪو سالار پٽو جي پرسان، منگي فقيرن جي ڄُوءِ جو هو، پوءِ پوليس جي هٿان، جلدي مارجي ويو. وري سالن تائين ناپر هئي ۽ ڪو ڏاڙيل اسري ڪو نه سگهيو. اصل ۾ سيني ذاتين ۾ مڙس ماڻهو ۽ دلير ته هئا، پر هو ڏاڙيل ٿيڻ پسند ڪو نه ڪندا هئا.

سکر واهه تي رهندڙن جي ٻولي سرائيڪي آهي. باقي مسوديرائي جلباڻي، سڀ سنڌي ڳالهائين ٿا. بلوچ نسل مان سڏائن ٿا. سڄي سنڌ ۾ مون ڏٺو آهي ته سنڌي ۽ سرائيڪي ٻوليون گڏوگڏ هلن ٿيون. ڪلهوڙن ۽ جتوئين وٽ به سرائڪي ٻولي عام آهي. ٻولين واري فيلڊ منهنجي نه آهي، جنهن ڪي ڪو مونجهارو آهي ته غلام سرور ناريجي، نئين ديري واري سان رابطي ۾ اچي. سنڌ جي ذاتين ۽ ٻولين بابت، سندس گهڻو مطالعو آهي. سمجهدار هئڻ سان گڏ عام فهم ٻوليءَ ۾ گفتگو ڪري ڄاڻندڙ آهي. ڳالهائڻ ۾ ڇتي ڪوريءَ واري ڊيگهه ڇڏي، مختصر ۽ جامع ڳالهائي ته: اصل هيرو آهي هيرو.

مسوديري جو جيڪڏهن مفصل ذڪر ٿو ڪريان ته ڏاڍو مواد ٿي ويندو، پڙهندڙ به بور ٿيندا، تنهنڪري رهيل ڳالهيون ٻئي ڪنهن هنڌ ڪبيون. في الحال انهن جو ذڪر ٿو ڪريان جيڪي سياڻن ۾ شمار نه ٿيندا هئا. اهي به منهنجا ڳوٺائي آهن. انهن جو به مون تي حق آهي.

**مريم:-** چرياڻ هئي، پر مڙس ۽ ٻارَ هئس. سياري جو اٿندا ئي نه هياسين ته خيرات وٺڻ لاءِ ايندي هئي. رات وارو ٻچل ٻوڙ ۽ پڇايل ماني، خيرات ۾ ملندي هيس.

**ولو چريو:-** قد آور ۽ سنهڙو پر دماغ ۾ نارمل نه هو. اسان ڪي ڪانئس ڊپ ٿيندو هو. جڏهن ته ڪنهن سان وڙهندو به نه هو. نئين ديري لڏي آيس تڏهن به سندس حال احوال ملندو هو.

خبر پئي ته وَلو صبوح جو سوير رتيديري وجي ٿو. رات جو موٽي، مسوديري گهر اچي ٿو. هو ڇا ڪندو هو جو ٻنين ۾ نهيل پيهن مان ڪانيون ڪڍي، رتيديري هوٽل وارن کي ڏيندو هو. هوٽل وارا وري کيس پئسا يا ماني ٻوڙ ڏيندا هئا. آخر ڳوٺ جون پيهيون کُٽيون ته کيس هوٽل وارن مانيءَ کان جواب ڏنو. بعد ۾ وري سڪل ٽڪرن تي گذارو ڪرڻ لڳو. ماڻهن پڇيس ته: ”شهر نه ٿو وڃين؟“ ولوءَ جواب ڏنن: ”شهر بَحر آهن. وڏا مزا آهن، پر پئسي کان سواءِ اوندهه آهي. ڳوٺ چڱو آهيان. هتي بُک ته نه مرندس.“ مون کي وَلو، فلاسافر لڳندو آهي. سنڌ جا سڀ وسيلا قبائي، حڪمران اسان کي وَلو ۽ اُلو بڻائي رهيا آهن پر پوءِ به چريي جيترو عقل اسان جي سياستدانن ۾ ڏاهن ۾ نه آهي.

**لالا ڊينگ ڊينگ:-** اسان پرائمريءَ ۾ هوندا هياسين ته هڪڙو ڪراڙو لالو پناڻ ايندو هو. وڏيري جي بنگلي جي پرسان گودامن جي ڪمري ۾ رهندو هو. سڀ کيس ”لالو“ سڏيندا هياسين. ”لالا ڊينگ ڊينگ!“ ڪري، کيس چيڙائيندا هياسين. هو اسان کي ديڪائيندو هو ۽ اسان پٺيان ويندا هياسين.

”ڊينگ ڊينگ“ جي معنيٰ اڄ به مون کي ڪو نه ٿي اچي. هو نيڪ نمازي هو. ڪڏهن ڪڏهن رڙيون ۽ دانهون ڪندو هو. لڳندو هو ته پنهنجن جي سِڪ لڳي اٿس. هاڻي سنڌ جي شهرن ۾ بنگالين، برمين، اردو ۽ پنجابين کان پوءِ پشتو وارن به اسان کي ڊينگ ڊينگ ڪرائي ڇڏي آهي.

**پپن لغاري**:- مسوديري وارو بہ، چرياڻ هو. صاف سترو هوندو هو. توجهہ سان ٻڌبو هيس تہ مطلب ڪڍي ونبو هو. نہ تہ سندس ٻولي، ٻاتائي هئي. سڄو ڏينهن گهٽين ۾ ڦرندو هو. اسڪول وارن شاگردن جو چڙ عاشق هو. مون سان وڏيڪ لڳندي هيس. ماستر ٽيس تہ وندڙ ۾، ڪجهہ نہ ڪجهہ خرچي ڏيندو هيومانس. هُن جون دعائون ۽ اللهﷻ جو فضل آهي. منهنجون ضرورتون گهران دران پوريون ٿين ٿيون. ننڍي هوندي ڪان ٻڌندا اچون ۽ ڏٺو بہ آهي. هڪ دفعي سبيل سلوار قميس ڏنيمانس. سڄي ڳوٺ ۾ هر هڪ کي ٻڌايائين تہ: ”سائين صنم ڪپڙا ڏنا آهن.“ سچ تہ اهو آهي: اڳي مان هن جو صنم هوس، هاڻي هو منهنجو صنم آهي. سياڻن سبق پڙهائي، ڪنن تي هٿ رکرائي ڇڏيا آهن. جڏهن تہ سادي ۽ موٽي دماغ وارن جا پڙهايل سبق، وسرڻ جا ناهن. هو جوانيءَ ۾ فوت ٿي ويو هو.

هڪ مائي ۽ هڪ چريو، ذڪر ڪرڻ ۾ رهن ٿا. سندن ذڪر، جاٽي واٽي نہ ٿو ڪريان.

رضا محمّد ميراڻيءَ جو چاچو علي شير ۽ عارب ميراڻي بہ چرياڻ هئا.

مون کي چرياڻ وڻندا آهن. مٿن شرعي حڪم لاڳو نہ ٿيندا آهن. لڳي ٿو پچا ڳاڇا ڪان آجا هوندا. اللهﷻ جڳ جهان کي پنهنجي فضل سان هلائي ۽ پڇاڻي ڪان بچائي. آمين.

***

# ڇُوٽي جي تلاش

## (جواني ۽ جوڀن، جت جاڙ ڪيم)

مئي ١٩٧١ع کان چوڀول هئا: ”ماستريءَ جا آرڊر“ پوري سنڌ ۾ نڪرندا. مئي جي ٢٩ ۽ ٣٠ تاريخ تي، سڀ S.V ۽ P.T.C پاس، لاڙڪاڻي جي تعليمي آفيسر جي آفيس ۾ گڏ ٿياسون. جيڪي S.V فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ٿيا هئا، تن کي ته پنهنجو پنهنجو ضلعو مليو. سندن نالا ۽ پوسٽنگ جي اسڪولن جا نالا وڏين لسٽن تي لکي، ڪنئور سان پٽين تي چنبڙايا ويا هئا. اتان ئي پنهنجا پنهنجا نالا ۽ ڊيوٽيءَ واري اسڪول جو نالو پڙهي وڃي نوڪرين تي چڙهن. جڏهن ته سيڪنڊ ڪلاس ۾ پاس ٿيلن کي حيدرآباد وڃڻ لاءِ چيائون. منهنجون ٥٨.١ سيڪڙو مارڪون هيون. سيڪنڊ ڪلاس ۾ اچڻ ڪري، گهر موٽي آيس ۽ حيدرآباد وڃڻ جي تياري اچي ڪيم.

مامو واحد بخش، نوڪري وٺائي ڏيڻ ۽ اتي پهچائي اچڻ لاءِ، مون سان گڏجي هليو. اسان حيدرآباد تائين گڏ آياسين. هيرآباد حيدرآباد ۾، ريجن جي آفيس هئي. ان وقت، سنڌ جون فقط ٻه ريجنون هيون: ڪراچي ۽ حيدرآباد. لاڙڪاڻو ضلعو، حيدرآباد ريجن ۾ هو. سکر ڊويزن گهڻو بعد ۾ ٺهي. مون کي ٽنڊي محمد خان جي پرسان، پنجابين جو هڪڙو ڳوٺ هو، اتان جو آرڊر مليو. پڇا ڳاڇا تي معلوم ٿيو ته اتي اُردو ميڊيم جو پرائمري اسڪول هو. مون کين چيو ته: ايڏانهن ڪو نه ويندس. رکٽو اتوَ ته ڪنهن سنڌي اسڪول واري ڳوٺ ۾ رکو، نه ته ڳوٺ واپس ويندس. اهو پهريون دفعو هو جو مون ڪنهن ذاري ڪميونٽيءَ لاءِ لڪيل نموني سان نفرت جو اظهار ڪيو هو.

مامو اچي ڦاٿو. نه مان ضد تان پيو لهان، نه آفيسر پيا لهن. آخر ٻي ٽين ٻجي کان پوءِ، هڪ خدا جي ٻندي مون کي ۽ مامي کي چيو ته: ”ٽنڊي باگي تعلقي ۾ ڳاڏ ڳوٺ آهي، اوڏانهن وڃو. ماني ٻه ملندس،

سکيو نہ رهندو، پر ڳوٺ حيدرآباد ضلعي جي آخري حدن ۾ هجڻ ڪري گهٽو پري آهي.“ مون يڪدم ها ڪئي ۽ هو جيڪو سپروائيزر هو، پيو جو هڪدم آرڊر ڪيرائي، آٽي هٿ ۾ ڏنائين. هيڊماسٽر لاءِ نياپو بہ ڏنائين. دير ٿي وڃڻ ڪري رات حيدرآباد ۾ رهي پياسين.

صبح جو سوير، مليل ايڊريس مطابق، ميرپورخاص جي بس پڪڙي، اتان جهڏو گودام جي ڪوچ تي سوار ٿي، اچي جهڏو گودام[1] تي لٿاسين. اتان، مامي مزدور پاڙي تي ڪيو، جنهن بسترو ۽ بئگ کٽي، پنڌ ئي پنڌ، اسان جو سونهون بڻجي، اچي گاڏ ڳوٺ ۾، رئيس جي اوطاق تي چڙيو. پنڌ تہ ڪُل ميل ڪن جو هو، پر مڙس صفا

---

(1) جهڏو گودام: ميرپورخاص ضلعي جو قديم ۽ تاريخي شهر آهي، جيڪو پراڻِ درياءَ جي ڪاٻي ڪناري تي آباد آهي. هن وقت تعلقي جو هيڊ ڪوارٽر آهي. شروع ۾ محمّد خان ٽالپر نالي ڳوٺ آباد ٿيو، جيڪو ١٧-هين صدي عيسويءَ ڌاري، ڪلهوڙن جي دؤر حڪومت ۾ وجود ۾ آيو. شهر ڪان ڏکڻ-اولهہ طرف، بدين باءِ پاس تي، جهڏو پير جي تربت آهي، جيڪو جهڏائي پير نالي بہ مشهور هو. مٿس چوڪنڊي پڻ اڏيل آهي. اتي ناٿي سامِيءَ جي سماڌي پڻ آهي. مختلف روايتن موجب جهڏو ذات جو ملاح، خدا ترس ۽ درويش انسان هو. پراڻِ درياءَ جي موجوده هنڌ تي، ٻيڙي هلائيندو هو.
جُهڏو لفظ جي معنيٰ آهي غار، جيڪا چِٽِ وانگر هجي. پاٽيءَ جي ڪڏ، ڪنب، پراڻ، قديم، جهونو وغيره.
لاڙ جي لعل سيد سمن شاه سرڪار جي مزار، جهڏي شهر ڪان ١٥ ڪلوميٽر اولهہ طرف پنگريو روڊ تي آهي. ڪنهن زماني ۾ وڏو ڪاروباري مرڪز هو. گودام لفظ مان خبر ٿي پوي تہ هتي ٻيڙين رستي مال لهندو ۽ چڙهندو هو. جتي سامان رکبو آهي ان کي گودام چوندا آهيون. گودام جا نشان اڄ بہ ڪنڊرن ۽ ٽوٽن ٽڪارن جي صورت ۾ موجود آهن.
پراڻِ درياءَ تي ڪا بہ پل ڪو نہ هئي. سمورو ڪاروبار ٻيڙين ذريعي ٿيندو هو. واپارين لاءِ گودام ئي سامان گڏ ڪرڻ ۽ ٻئي هنڌ موڪلڻ جو ذريعو هو.
پنري بداماٽيءَ جا آثار بہ جهڏي جي پرسان آهن، جنهن کي مرشد لطيف ؒ بہ ڳايو آهي.

هينئر گهرجين هير، بداماٽي پنرا،
جيئن تو پڳ ٿي پير، ويرين واٽون لائيون!

ياد رهي تہ هندستان جي وزير خارجہ سردار سورن سنگهہ ۽ انڊيا جي چيف آف آرمي اسٽاف جنرل اروڙا جو تعلق پڻ تعلقي جهڏي جي گجر سنگهہ ديهہ ٢٠٢ سان هو.
(ماخوذ: نور حسين هوت، تاريخ شهر جهڏو گودام، روزاني سنڌ ايڪسپريس حيدرآباد، اڱارو ٢٣ جولاءِ ٢٠١٣ع.)

پگهرجي ويو هو. اوطاق تي پهچي، اوطاق وارن سان تعارف ٿيو. حالي حوالي ٿيڻ بعد، اتي جي سيني چيو: ”جي آيا! ڀلي ڪري آيا“.

اوطاق جا ٻه حصا هئا: هڪ عام ۽ ٻيو خاص. گيٽ لوهي: پر چوڌاري پڪيون اوڏڪيون. اوپر پاسي ڪان ڪمرا نهيل هئا، جيڪي اَنَّ جي پاندن طور ڪتب ايندا هئا. ٻه وڏا مَٽ پاڻيءَ جا ڀريل، دلا ۽ گلاس ڇانوَ ۾ رکيل هيا. پاسي ڪان پرڀرو، ڀلي گهوڙي ٻڌل هئي. رئيس جي ملازمن اسان کي پڪي لانديءَ ۾ رهايو، جنهن کي اندر ۽ ٻاهر، فرش لڳل هو. اندر ڪٿون ۽ ڪجھ فرنيچر رکيل هو. ڳوٺ ۾ بجلي ٻه هئي. رئيس جي حويليءَ جون T.V جون اينٽينائون ڏيکارجن پيون. جڏهن ته اتر سنڌ ۾ T.V نشريات نه ڏيکاربي هئي. جتي اسان رهياسون، اها رئيس عبدالڪريم عرف پوڙهي خان جي بينڪ هئي.

اسڪول بند هو. رات تائين، سموري ڳوٺ ۾ خبر پکڙجي ويئي ته اتر سنڌ ڪان هڪ استاد نوڪريءَ لاءِ هلي پهتو آهي. رات سڪون سان گذاري، صبح جو تيار ٿي مامو ۽ مان اسڪول وياسين. ٿورڙي دير ۾ هيڊماستر محمّد عثمان پتافي صاحب ٻه اچي پهتو. هن حال احوال ورتا. مامي آرڊر ڏنس ۽ سپروائيزر جو نياپو ٻه ڏنائينس. هيڊ ماستر صاحب مامي کي دلداري ڏني ته: اوهان ڪا ڳڻتي نه ڪجو. هتي اوهان جو ڀاڻيجو سکيو رهندو. جوائننگ رپورٽ لکڻ ۽ مسٽر رول (حاضري واري ڪتاب) تي صحيح ڪرڻ ڪان پوءِ، مامي واحد بخش جلدي موڪلايو. مون ٻارن سان تعارف ڪرائي، ڪين پڙهائڻ شروع ڪيو. اسڪول: ٻن ڪمرن ۽ ويرانڊي تي مشتمل، ڪچي عمارت هئي. ڪمرا کليل ۽ هوادار هئا. اسڪول، اوطاق جي پرسان هو. ڳوٺ جا گهر پري هئا. ڳوٺ جو رستو، اسڪول جي ٻاهرين چوديواري ۽ دروازي وٽان گذريو پئي.

ٻارهين بجي ڏاري موڪل ٿي وئي. مون کي هيڊماستر صاحب ٻڌايو ته: ”منجهند جي ماني کائي، وري ٣ بجي ڪان ٥ بجي تائين، اسڪول ٻيهر هلندو.“ منهنجي لاءِ اهو نئون شيڊول هو. فائدو اهو

هو تہ سڄو ڏينهن آرام، سڪون ۽ پڙهڻ پڙهائڻ ۾ گذريو. پتافي صاحب وارن جا ڳاڏ ڪان ميل ڪن پنڌ تي، پنهنجي زمينن تي گهرڙا ۽ اوطاق اڏيل هيا. پاڻ اتي رهندو هو. منجهند جي ماني، گڏجي اسڪول ۾ ڪائيندا هئاسين. نيرن چانهہ سان ڪبي هئي. منجهند جو گوشت جي ڀاڄي، سبزي يا دال وغيره، رات جو بہ ماني، ڪڏهن ڪڏهن چانور هوندا هيا. جڏهن تہ چانورن جي ماني بلڪل ڪو نہ هئي. سڄا ساوا مرچ، ڀاڄيءَ ۾ مون اتي ڪائڻ سکيا. اتر سنڌ ۾، سڄا ۽ جيئرا ساوا مرچ، ان وقت ڀاڄين ۾ استعمال ڪو نہ ٿيندا هئا.

صبح جو وهنجڻ جي عادت هجڻ ڪري، وهنجڻ لاءِ واٽر ڪورس تي وڃڻو پوندو هو جيڪو پرسان ئي هو. پيئڻ جو پاڻي، اُتان وجي، هڪ پڪي ٽَلاءَ ۾ گڏ ٿيندو هو. جتان ڳوناٺا، مرد مايون ۽ رئيس جا ملازم، پيئڻ جي لاءِ، مٽن ۽ دلن ۾ ڀري ايندا هئا. پاڻي آنريل هوندو هو. وري بہ ڦٽڪيءَ سان صاف ڪبو هو. زندگيءَ جي نواڻ جو، جلدي عادي ٿي ويس. مان جتي رهندو هيس اها رئيس عبدالڪريم خاصخيليءَ جي اوطاق هئي. ڳوٺ جي ٻئي طرف، رئيس مبارڪ علي خان جو بهترين بنگلو هو. پڳ بہ رئيس تي هئي. ٻنهي رئيسن جا لطيف آباد حيدرآباد ۾ پڻ بنگلا هئا. تنهن هوندي بہ ٿي رئيساڻا ٻار، اسان جي اسڪول ۾ پڙهندا هئا.

هفتي هفتي ڳوٺ خط لکندو هيس. ضرورت جي شين لاءِ آچر تي جهڏي گودام ويندو هيس. ڪپڙن جي ڌلائي وغيره جي بهاني گهمڻ ڦرڻ ۽ تفريح ٿي ويندي هئي. ور نہ اهو اسڪول ۽ مسجد ۾ نماز، يا ڪو ڪتاب پڙهندو هيس. نمن جي جهلي هينان، خاموشيءَ سان ڳوناٺن جي ڪچهري وينو ٻڌندو هيس. ڪو اتر سنڌ بابت پڇندو هو تہ مختصر جواب ڏئي، هنن جي ڪچهريءَ جو وينو مزو وٺندو هوس. سادگي، سچائي، هر ڪو هڻ هٺان ۾ پورو. ٻہ هفتا ائين گذري ويا جو خبر ئي ڪو نہ پئي.

ڀهرين جُون تي جوائن ڪيو ۽ ١٥ جون کان ٻہ مهينا وئڪيشن شروع ٿي. گهر ڳوٺ مسوديري ۾ آيس، تہ ويڙهو ئي عجيب پئي

لڳو. سيني ڏسي چيو تہ: خوش آهي، لٽو ڀٽو نہ آهي. ڪين منهنجي لاءِ جيڪو اونو هو، سو مون کي خوش ڏسي، لهي وين ۽ پاڻ بہ مسرور ٿي ويا.

ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ، سائين محمد عثمان هيڊ ماستر جو ليٽر پهتو تہ: اوهان کي قرآن شريف جي ٽريننگ تي چونڊيو اٿن سو تعلقي هيڊڪوارٽر ٽنڊي باگي ۾ پهرين جولاءِ تي پهچو. تياري ڪري حيدرآباد کان ماتلي، تلهار کان ٽيندا ٽنڊي باگي پهتاسين. عجيب خوشي پئي ٿي. ماتليءَ جا ڪيلا، زمينون، پوکون، مسڪين مارو ماڻهو، ڳالهائڻ جو نرم لهجو. جڻ تہ مان اجنبي هجان ۽ ڪتابن ۾ لکيل سنڌ کي سالم هوش حواسن سان ڏسي رهيو هجان. ٽنڊي باگي پهچڻ سان عجيب شيءِ تي نظر پئي. انور علي مگرئي کي اشارو ڪري چيم تہ: ”هو ڏس! هڪ همراهہ ٻن ٽائرن واري گاڏي تي، پاڻيءَ جو ڊرم ڊوئي رهيو آهي.“ هن کلي چيو: ”اجا گهڻو ڪجهہ ڏسڻو آهي. لڳي ٿو پاڻيءَ جي کوٽ آهي. جَرُ منو نہ آهي. واهن وارو چُڙيو پاڻي: پيئڻ، وهنجڻ، رَڌ پچاءَ ۽ ڪپڙن ڌوئڻ لاءِ استعمال ٿئي ٿو.“

ڳوٺ (مسوديرو) جو الله وسايو خان مهر، ٽنڊي باگي جو مختيارڪار هو. بابا چيو هو تہ: ان سان وجي ملجو. مهر صاحب کي ڳولي لڌوسين. ڏاڍي قرب سان مليو. انور علي مگريو، مان ۽ ٽيون بہ دوست هو. رات جو صاف سٿرا هنڌ ۽ سٺي ماني ملي. صبوح جو نيرن ڪري، موڪلائي اسڪول آياسين. مهر صاحب ٻڌايو تہ: ”هتي اتر سنڌ وارا ڌاڙا، جهيڙا ۽ چوريون وغيره ڪو نہ آهن. پوليس ۽ روينيو ڪاتي وارا واندا ويٺا ڊيوٽي ڪندا آهيون. ڪڏهن ڪو فوتي ڪاتو متاثڻو ٿيو تہ خير، نہ تہ ويٺا الله الله ڪريون.“ رات جو ڪافي دير تائين ڪچهري ڪيائين. قائدِ اعظم محمّد علي جناحؒ جي ذهانت بابت بہ پنهنجا ويچار ونديائين.

ويهہ ٽيهہ استاد اچي پهتا ۽ قرآن شريف جي ٽريننگ شروع ٿي. سڀ قرآن شريف پڙهيل هئاسين، پوءِ بہ توجهہ سان ٽريننگ پوري

ڪئيسين. رات جو اسڪول ۾ رهندا هئاسين ۽ ماني هوٽل تي ڪائيندا هئاسين. واپسيءَ تي ٽنڊو محمّد خان گهمي ڏٺوسين. ٽريننگ جا پئسا به مليا هئا. حيدرآباد مان ٽيندا، ريل ڪار ذريعي لاڙڪاڻي مان نئون ديرو ۽ مسوديري پهتس. ننڍو ڀاءُ مشتاق علي نئين ديري ۾ رهندو هو.

وئڪيشن پوري ڪري، اسڪول پهتس. ان وقت ڏيڍ سؤ روپيا مهيني جي پگهار هئي. اچڻ وڃڻ ۽ کائڻ ڪپائڻ مان جيڪي بچندو هو، انهن پئسن مان حيدرآباد مان ڪجهه گهر لاءِ خريداري به ڪبي هئي.

سنڌ ۾ ان وقت يارهن ضلعا هوندا هيا: ڪراچي، ٺٽو، حيدرآباد، ٿرپارڪر، سانگهڙ، نوابشاهه، خيرپور ميرس، سکر، جيڪب آباد، لاڙڪاڻو ۽ دادو. دادو ٻين ضلعن کان ايراضيءَ جي لحاظ کان وڏو ضلعو هو. ٿرپارڪر جو هيڊڪوارٽر ميرپور خاص هو.

وئڪيشن کان پوءِ، مسٽر الاهي بخش تنيو، جيڪو خيرپور ميرس ضلعي جو هو، ٻئي اسڪول مان بدلي تي آيو. هو گهٽ ڳالهائڻ وارو، قداور ۽ صحتمند هو. رئيس علي، جمعو شيدي (ملازم) ۽ غلام علي پاٽي پرڻ وارو هڪ ٻه ٻيا مستقل اوطاق تي هوندا هئا. مسافرن لاءِ ماني ۽ هنڌ ڪتولو ملندا هئا. رئيس عبدالڪريم خان ڪڏهن حيدرآباد، ته ڪڏهن ٽنڊو محمّد خان رهندو هو. ڳوٺ ۾ هوندو هو ته سانجهيءَ ڌاري موالي اچي گڏ ٿيندا هئا. ڀنگ ۽ چرس جا ڦل. رات جو ١١-١٢ بجي تائين هنن جي محفل هلندي هئي. اسان ڪڏهن ان محفل ۾ ويهندا هئاسين، ته ڪڏهن سوير ماني کائي سمهبو هيو. يا پاڻ ۾ ڪچهري ڪندا هئاسين.

رئيس، جنهن کي سڀ رئيس پوڙهو خان سڏيندا هئا، سو پڙهيل لکيل ماڻهو هو. عمر جي حساب سان ٤٠ کان مٿي جو هو. پُٽي صاحب جو شيدائي هو. منهنجي طبيعت ۽ لاڙي کي ڏسي جمعي ملازم کي چيائين ته منهنجا ڪتاب ماستر کي آڻي ڏيندو ڪر. ”آخري چٽان“، ”اور تلوار ٽوٽ گئي“، وغيره نسيم حجازيءَ جا ناول، مون اتي پڙهيا. منهنجي پڙهڻ جي رفتار ڏسي، رئيس چيو ته:

جيڪي ڪتاب وٽئي گهراءِ، پئسا مان پريندس. ڪتاب مان پڙهان ۽ پئسا رئيس پري، اهو مناسب تہ نہ لڳو، پر هن جي فراخدلي ۽ علم دوستي سدا ياد رهندي.

رئيس ڪي جيپ هوندي هئي. روزانو شيوِ ڪرائڻ لاءِ جهڏي ويندو هو. هڪ ڏينهن هڙتال هئي، شهر بند هو. ملازم جمعو مون وٽ آيو. چيائين تہ: رئيس شيو ڪندو، سامان ڏيو. هن کي مون ڪبٽ جي چابي ڏني. رات جو ڪِلي رئيس پڇيو: ”تنهنجي شيو جو سامان بهترين آهي. لٽا ڪپڙا بہ سنا ٿو پائين. مون کي سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي، ڏيڍ سؤ روپين لاءِ اتر مان هتي اچي نوڪري ڪرڻ جو ڪهڙو سبب آهي؟“ مون ڪيس ڏاڍي اعتماد سان ٻڌايو تہ: ”غريب ۽ شريف خاندان آهي. مون کان پگهار ڪو نہ وٺندا آهن، پر ڪجهہ نہ ڪجهہ روڪ پئسا بہ ڏيندا آهن. ٻيو هتان جو سُک ۽ پنهنجائپ ڏسي، پرديس نہ ٿو لڳي.“ ٻيون بہ ڪجهہ ڳالهيون چئي ويس، جنهن جو مطلب اهو هو تہ: سنڌ سڄي اسان جي آهي. ڏاڙيلن جي يلغار ڪي روڪٽو آهي. گهر ڇڏٽا پوندا. ڏاڍو مهذب ۽ سنجيده رئيس هو. هڪ دفعي شراب جون بوتلون مون کي ڏيندي چيائين: ”ڪڏهن ڪڏهن مهمان اوچتو ٽا اچن، تنهنڪري تو وٽ ٿو رکان. دل چوئي تہ پِيل پيئجانءِ! پر نہ پيئندين تہ بهتر آ. ڏاڍي خراب شيءِ آهي. هاٽي تہ آءٌ انهن مان جند نٽو ڇڏائي سگهان.“

اتر سنڌ جي پوتار ۽ لاڙ سنڌ جي رئيس ۾، زمين آسمان جو فرق ڏٺم. رئيس ڪي، مان پاڻ پنهنجي گنهگار اکين سان، سائلن کي اَنُ ۽ اٽو نٽهڻ اس ۾ ڏيندي ڏٺم. جمعو شيدي ٻڌائيندو هو تہ: ڪافي ايڪڙ زمين جي اپت، فقيرن ۽ مهمانن لاءِ وقف ٿيل آهي. اها ضرور خيرات ڪندا آهن. لکن جون ڦٽيون ان وقت رئيس جون ٿينديون هيون. ڪٽڪ، ڪمند ۽ مرچ وغيره تنهن کان جدا ٿيندا هيا.

ضلعي خيرپور ميرس واري الاهي بخش تنيي جي اچڻ ڪري، رهڻ ۽ جهڏي اچڻ وڃڻ مان وڏيڪ لطف حاصل ڪري رهيو هيس. جهڏي ۾ راحب علي قاضي بہ پڙهائيندو هو. هو بہ نئين ديري جو هو ۽

منهنجو دوست هو. پاڻ ۾ ٽي چار دوست، سنگت ڪري رهندا هئا. هڪ ڀيرو دفعو مون وٽ گاڏ ٻه آيو ۽ رات ٻه رهيو. اتر سنڌ جا تمام گهڻا استاد، لاڙ سنڌ ۾ نوڪري ڪري رهيا هياسين. مان پرائيويٽ B.A جي ٻه تياري ڪندو هيس. ڪاپي ڪلچر جي شروعات ٿي رهي هئي.

پرائمري امتحان پورا ٿيا هئا. شاگردن وٽ ڪورس جا ڪتاب ڪو نه هئا. هيڊ ماستر کي چيم ته: ڪتاب ڪو نه آهن. هُن جمعي کي گهرائي، ڪتابن لاءِ چيو. تنهن ٻڌايو: ”جهڏي ۾ ڪتاب نه ملندا.“ مان نئون ڪوٽ لاءِ تيار ٿيس ته ڪتاب ٻه وٺي ايندس ۽ ”نئون ڪوٽ“ ٻه گهمي ايندس. نئين ڪوٽ جي شهر کي، عمرڪوٽ جي شهر وانگر، ٿر جو دروازو (Gate of the Thar) پڻ چوندا آهن. ان سان گڏ نئون ڪوٽ جو قلعو گهمڻ جو ٻه شوق هو.

ٻئي ڏينهن تي جهڏي مان ننڍڙي پٽڙيءَ تي هلندڙ ريل گاڏيءَ تي چڙهي، نئون ڪوٽ پهتس. جهولو پئي لڳو. واري پئي اڏامي. نئون ڪوٽ، شهر نه، پر ڳوٺ لڳو. ڪجهه ڪتاب مليا ۽ ڪجهه نه مليا. سامهون نئون ڪوٽ جو پڪو قلعو ڏسڻ ۾ پئي آيو. ڪِرائي تي سائيڪل ڪٽي، مون اوڏانهن وڃڻ پئي چاهيو. سائيڪلن واري دوڪاندار، مون کي منع ڪرڻ جي انداز ۾ چيو ته: ”اوڏانهن وڃي چا ڪندا؟ اتي ته سُڃَ آهي، ٻيو ڪافي تعداد ۾ چمڙا آهن.“ مون بي پرواهه ٿي کيس چيو ته: ”چمڙا مون کي چا ڪندا؟ ڪجهه پرپرو وڃي سوچيم ته پرديس ۾ تقدير ٻڇڙو ته ڪو نه ٿي ڪرائي. تنهن اس هئي. هڪ همراه گڏ هو، ان ڪان قلعي جو حال احوال پڇيم. تنهن ٻه اوڏانهن وڃڻ ڪان روڪيو ته: ”اڪيلا نه وڃو.“ قلعي کي حيرتن مان ڏسندو واپس آيس. سائيڪلن واري ڪِرايو ٻه نه ورتو. ڪارڊ واپس ڪيائين، جيڪو ضمانت ۾ رکيو هيائين. مون مايوس ٿي سوچيو: حڪمرانن جي روش اسان جي تاريخ ڏانهن چڱي نيت واري ناهي.

سائيڪل واپس ڪري اچي اسٽيشن تي ويٺس، جنهن ريل تي چڙهي آيو هيس، اها موٽڻي هئي. ان تي چڙهي واپس جهڏي ۾ ڳوٺ اوطاق تي پهتس.

نندي پنڙيءَ واري ريل گاڏي، حيدرآباد کان ميرپورخاص ۽ کوکرا پار تائين ويندي هئي. حيدرآباد-ماتلي ۽ بدين تائين بہ نندي گيج واري گاڏي هلندي هئي. ان تي بہ بعد ۾ شوقيہ سفر ڪري ڏٺو هو. گهٽي رلڻ ۾ مزو ايندو هو. اڪيلو نڪري پوندو هيس. ڦٽل دڙا، پراڻا آثار، پراڻيون ۽ ويران جايون ۽ ماڳ وٽڻ لڳا هيا. ڇو؟ ان ڇو جو جواب مون وٽ اڄ بہ ناهي!

وقت ڪي پَرَ آهن، جن سان مسلسل اڏام جاري رکندو اچي. هتي چاليهن سالن تي ڦهليل يادون آهن، جن کي اوهان تائين پهچائي رهيو آهيان. سماج جي هڪ ذميواري يا بوجھ آهي، جيڪو لکڻ سان، پاڻ کي آجو ۽ هلڪو ڪرڻ چاهيان ٿو.

ڊسمبر ١٩٧١ع واري ڀارت ۽ پاڪستان جي جنگ شروع ٿي. تہ ڪان انڊيا جي بارڊر وارا نڪاءَ، نريل رات جي خاموشيءَ ۾ ڇتا ٻڌبا هئا. بليڪ آئوٽ، انڊين جهازن جي بمباري، مسلسل خطرو. ولي محمّد ملاح، چوٿين ڪلاس جو شاگرد، هڪ ڏينهن گن-شپ هيليڪاپٽر جي، هٿ جيڏي گولِي کڻي آيو. ان کي ڏسي مان حيرت ۽ سوچ ۾ پئجي ويس. هيڊماستر ۽ رئيس کان موڪلائي سامان کڻي، ڳوٺ لاءِ نڪري پيس. هِت هُتِ سائرن جا آواز، وڏو خوف ۽ هراس، حيدرآباد پهچي ڏٺم. ڪوٽڙيءَ پهچندي رات ٿي ويئي. اسٽيشن اوندھ ۾ ٻڏل، بار بار سائرن جو آواز. ڏاڍي انتظار ۽ اوسيئڙي کان پوءِ، ڪراچيءَ کان ٽرين آئي. ٽڪيٽ هئي پر روشني نہ هئڻ ڪري جاءِ نہ ملي. آخر هڪ سپاهيءَ کي ايلاز ڪيم پر ڪجھ ڪو نہ وريو. پنج روپيا ٻئي سپاهيءَ کي ڏنم، هن وٺي اهڙي گاڏي ۾ چاڙهيو جتي رڳو هيٺ ويهڻ جي جاءِ هئي. چوڌاري زائفون، ٻار ۽ مرد. هڪ ٻن زائفن تيز ۽ تند لفظ ڪديا. ريل هلڻ شروع ڪيو. هڪ ٻن ڪراڙين وچ ۾ پئي عزت بچائي تہ امڙ ڇڏيو سڀ ٻچن وارا آهيون، هاڻي هتان ڪيئن لهندو. آهستي آهستي ريل اسپيڊ ورتي پر منهنجي اندر ۾ اوڙاھ. موت جو خوف ختم ٿي ويو پر عزت جو احساس ٿي رهيو هو تہ مان زائفن جي هتان خوار پيو ٿيان. لاڙڪاڻي تائين وقت ڪيئن ڪٽبو. ياد پيو: ”زائفاڻي مار: نہ خبر، نہ

چار!“ آهستي آهستي، ماحول ٺڌو ٿيندو ويو. چڱو جو اوندهه هئي. ڪو ڪنهن جا تاثرات ڏسي ڪو نہ رهيو هو. ضرورت وقت ڪجهہ نہ ڪجهہ پيٽ ۾ وجهي. اڌ ننڊ ۽ اڌ سجاڳ ۾ اچي لاڙڪاڻي پهتاسين. دادوءَ ڪان پوءِ، رش گهٽي هئي. نئون ديرو اسٽيشن تي لهي، گهر اچي پاءُ سان ملي آرام ڪيم. شام ڌاري ڳوٺ مسوديرو پهتس. سيني چيو تہ: چڱو ٿيو جو هليو آئين. رزق، رازق جي هٿ ۾ آهي.

ڪجهہ ڏينهن ڪان پوءِ، سائين محمّد عثمان جو خط پهتو تہ ڳوٺ جي پر واري سينٽر تي پوليس وٽ انٽري ڪرائي ڇڏ. مان آفيس وارن کي ٻڌائي ڇڏيو آهي. اسان ٽنڊي باگي ۾ پوليس وٽ ٽريننگ ڪريون ٿا. مان رتوديرو وڃي، پنهنجو نالو داخل ڪرايو. اسڪول ۾ روزانو حاضري تہ ٿيندي هئي ۽ P.T بہ ڪندا هئاسين. بنگلاديش آزاد ٿيو. جنگ بند ٿي. اسڪول کليا. پي ٽي P.T ٽريننگ وارو ليٽر وني، اچي هيڊماستر کي ڏنم. ائين وري نوڪريءَ جي شروعات ٿي. رتيديري ۾ پوليس جيڪا ٽريننگ ڪرائي، مان هميشہ ان کي اڌ ڪلاڪ روزانو جاري رکندو آيس. ان مان فائدو اهو ٿيو تہ مان نہ گهڻو بيمار ٿيندو هيس ۽ نہ وري جسم جو وزن وڌندو هو. اها فٽنيس ۴۰-۴۵ سالن جي عمر تائين برقرار رهي، بعد ۾ ان کي ڇڏي ڏنم ۽ جسم ٿلهو ٿيڻ شروع ٿيو. اسڪول پهتس تہ هيٺيان احوال مليا:

١. جنگ دوران، ٿر جي هندو استادن کي، لاڙ ۽ ٻئراج واري اسڪولن ڏانهن بدلي ڪيو ويو. لاڙ ۾ ڪم ڪندڙ، اتر وارن استادن کي ٿر ۾ بدلي ڪيو ويو.
٢. ڪن استادن کي P.T ٽريننگ ڪرائي ويئي تہ جيڪڏهن جنگ وڌيڪ ڏينهن هلي تہ رضاڪار طور، ڪانئن ڪم وني سگهجي.
٣. رات ۽ ڏينهن جو استادن ڪان پُلين ۽ اهم مرڪزن تي چوڪي ڏياري وئي تہ جيئن اُتي انديا جا ڇاپامار فوجي نہ لهن. جي لهن تہ اهڙي خبر پر واري ٿاڻي تائين پهچڻ گهرجي.
٤. اسد الله ڪلهوڙو ۽ منظور علي جوٽيجو ان اٿل پٿل دوران، ٽنڊي محمّد خان ڪان گڏ بدلي ٿي آيا. ٻئي وارهہ تعلقي جا هئا.

وارهه تعلقو ان وقت لاڙڪاڻي ضلعي ۾ هو ۽ هاڻي قنبر-شهدادڪوٽ ضلعي منجهه آهي.

هي منهنجين خوشين ۽ ڏکن جو داستان نہ آهي. مان سنڌ جي تباهه ٿيل معاشري جو ڪيڏارو ٿو لکان. ڪنهن کي وڻي ٿو يا نہ ٿو وڻي، منهنجي ان سان غرض نہ آهي. جيڪڏهن ڪنهن سنڌ سان عقيدت رکڻ واري لاءِ ہہ لفظ يا ہہ جملا ڪم جا لکجي ويا تہ اهو ئي منهنجو اجُورو آهي. ماڻهن جي ساراهہ ڪيتري ڪجي، الله ﷻ کي باڏائڻ، سنڌ جي سونهن ۽ سک لاءِ سوچڻ ڪان وڏيک ٻي ڪهڙي عبادت آهي! اسان سنڌين ڇا ڇا وڃايو آهي، هيءَ ڪٿا، ان لاءِ ثبوت طور لکان ٿو.

سڄيءَ سنڌ ۾ ١٩٧٠ع تائين تعليم کاتي جو هي حال هو تہ هڪ اسڪول پري پري هئا، استاد ٿورا هئا ۽ بجيٽ ٿوري هوندي هئي. استاد ميرٽ تي پرتي ٿيندا هئا. ٻي ايس سي ڪنڌڙن جي رزلٽ ہہ نہ ايندي هئي تہ ڪين سائنس ٽيچر (اسڪيل ١۴) طور پرتي ڪندا هئا. بعد ۾ ڪين پگهار سان P.T جي ٽريننگ ڪرائي پوءِ ١۵هون اسڪيل ڏيندا هيا. اهڙيءَ طرح انٽر پاس کي جونيئر ٽيچر (اسڪيل ٩) ۾ پرتي ڪندا هئا. انهن کي ٽريننگ ڪرائي ١٢ هين اسڪيل ۾ ڪنفرم ڪندا هئا. جڏهن ڪين ٽريننگ تي موڪليندا هيا تہ سندن خالي پيل جاين تي عارضي استاد رکندا هئا. جڏهن ٽريننگ ورتل استاد واپس ايندا هيا تہ سندن جاين تي رکيل استادن کي گهر موڪليو ويندو هو. اهڙي عمل کي استادن جي رڊڪشن چيو ويندو هو.

جنرل يحيٰ خان جي دؤر ۾، ڪئپٽن عثمان علي عيساڻي سيڪريٽري تعليم مقرر ٿيو. ان وقت گورنمينٽ، سيڪريٽري هوندا هئا. پاليسي ميڪرس اهي هئا. عيساڻي صاحب جي دور ١٩٧٠ع ۾، پاليسي جڙي تہ مئٽرڪ فرسٽ ۽ سيڪنڊ ڪلاس پاس ڪنڌڙ کي S.V سال ٽريننگ ڪرايو. ٿرڊ ڪلاس وارن کي P.T.C ہہ سال ڪرايو. سڄي سنڌ ۾ هزارين نوجوانن ان مان فائدو ورتو. لاڙ

۽ جيڪب آباد، تعليم ۾ پنتي هيا. اتي اسان وجي اسڪول آباد ڪيا ۽ تعليم کي عام ڪرڻ ۾ محنت ڪئي. نتو، بدين ۽ ٺٽو تائين، اتر سنڌ جي هزارين استادن تعليم ڏني. جمهوريت جي دؤر ۾، ميرٽ ڳولهئي بہ نہ ٿي لڀي. اسان چار ڄڻا اتر سنڌ جا ٿي پياسين. ڇهڇٽا وڏي ويا. اسد الله ۽ منظور علي، ٻئي شادي شده هئا، جنهنڪري ڪين گهر وڃڻ جي رعايت گهٽي ڏيندا هئاسين. باقي اسان جهڙا ڇڙاڇاند ۽ واندا: جهڙا ڳاڌ ۾، تهڙا گهر ۾.

آهستي آهستي الاهي بخش ڳالهائڻ شروع ڪيو هو. ڇرچن ۽ ذومعنيٰ گفتن ڪيڻ ۾ ڏاڍو تيز هو. اسد الله سان گهٽي لڳندي هئس. منظور عليءَ جي نيچر اسان کان مختلف هئي. هو رئيس وارن جو پير-پائي يعني لنواري واري بزرگ جو مريد هو.

اسڪول جي پرسان رئيسن جو ٨-١٠ ايڪڙن تي مشتمل انبن جو باغ هو. شام ڌاري، ان باغ جو سير ائين ڪندا هئاسين، ڄڻ اهو سڀ ڪجهہ اسان جو هو. باغائي وغيره ڪجهہ ڪو نہ چوندا هئا. مان داغيل انبڙيون، منيون هجڻ ڪري ڪائيندو هئس. باقي ڪٽيون انبڙيون نہ ڪائي سگهندو هوس، جو ڏند ڪٽا ٿي پوندا هئا. آهستي آهستي، پڪيون انبڙيون، جن کي ٽپڪي جا انب چوندا آهن، سي اسد الله، پٿر هٽي ڪيرائيندو هو. ڪمند، ڪٽڪ، مرچ ۽ ٻيو سڀ فصل ٿيندو هو. صرف ساريون نہ ٿينديون هيون. زمينون پليون هيون. حيدرآباد کان ميرپورخاص روڊ جي ٻنهي پاسن کان گهاٽن وڻن جون قطارون، ڪيلن ۽ انبن جا باغ هوندا هيا. تن ڏينهن ۾ روڊ جي نوع واري حساب سان ميرپورخاص کان ڏگهڙي، ٽنڊو جان محمّد ۽ جُهڏي تائين، پنجن ڪلاڪن جو سفر هو. ٻئي طرف حيدرآباد-ٽنڊو جان محمّد- ماتلي ۽ ٽنڊو غلام علي وارو روڊ ڏگهڙيءَ ايندو هو. اهو خراب روڊ هو. ٽائيم بہ اوترو لڳي ويندو هو. مون کي سفر ڪندي لطف ايندو هو، اصل ٿڪبو ئي نہ هئس. ڄڻ سنڌ منهنجي جنت آهي ۽ مان ان جو روح. ڇا تہ ڏينهن هئا. نہ غم نہ فڪر، نہ عاشقي نہ معشوقي. صرف ٿڪ ئي ٿڪ، سڪون ئي

سڪون. جواني ته نه هئي، جڻ هڪ بهار هئي جنهن تي خزان اچڻي ئي نه هئي. اها ٻي ڳالهه آهي ته اک ڇنب ۾ وَهي وهي وئي ۽ پاڻ ڪوڪلا ٿي ويا آهيون. گوريون ۽ ٽڪيون، ڪيسن ۾ آهن. صبح، شام ۽ رات ڪاوان ٿو تڏهن ته هي جملا لکڻ جهڙو ٿيان ٿو. شڪر آ! مالڪ ٻاجھ ڪندو! آخرت به موچاري ڪندو.

هڪ رات ڪچهريءَ دوران ڳالهين ڳالهين ۾ رئيس چيو ته: ”برساتون اچن ته تر هلنداسون. هرڻ جو شڪار وغيره ڪبو.“ تر بابت هِتان هُتان معلومات وٺڻ شروع ڪيم. مون کي تر لاءِ اتساهه وڌندو رهيو. مون لاءِ تر، پاڪ پوتر، پراسرار ۽ اهڙو سادو سودو لڳو جهڙو منهنجو مَن، جهڙيون منهنجيون سوچون ۽ جهڙو منهنجو ڪنوارو روح! زندگي صاف ستري گذري رهي هئي. گناهه ۽ ثواب جي، ظالم ۽ مظلوم جي، حق ۽ ناحق جي ڪا خبر ڪو نه هئي. اياز جي شعر وانگر: جهڙ نيٽئون نه لهي. جمعي ڏينهن ٻڌايو ته رئيس سمن سرڪار جي ميلي تي هلڻ جي تيارين لاءِ چيو آهي. رات رئيس مون کي به هلڻ لاءِ چيو. ميلي جي شروع ٿيڻ کان اڳ، اتي هاري ۽ سامان ڏياري موڪليائين. صبح جو جيپ تي سمن سرڪار لاءِ نڪتاسين. جهڏي کان پنگريو جي سڙڪ هئي. پنگريو کان روڊ ٽنڊو باڳي ڏي نڪتو. رستي تي چانهه پيتي. ان وقت رواج هو ته چانهه جي ڪوپ ۾ ٿوري چانهه مٿان وجهبي هئي جيڪا چانهه جي مٿان تري بيهندي هئي ۽ نگاهه وجهڻ سان نظر ايندي هئي. چانهه جو ذائقو، سنو هو. سمن سرڪار جي ايوان ۾ پهتاسين ته جهنگ ۾ رنگ نظر آيو. اڇو قبو، بازارون، رهائشي ڇنا يا پڪڙا يا مَنهَ يا لانڊي. مزو اچي ويو. هر وڏيري ۽ رئيس جو پنهنجو ڇنو هو. جيئن اسان وٽ ڇِخان ناهبيون آهن. اهڙين ڇخن ۾، جيڪي ڪانن جون ٻَڌل نه پر فولڊنگ آهن. ڪمرا، ويرانڊا ۽ پناهه لاءِ ڇخان ڏنل. ٻاهران بورچيخانو: جنهن ۾ ملازم، سامان ۽ بورچي. مان زندگيءَ ۾ ڪڏهن اهڙو ڇهڇٽو ڪو نه ڏٺو هو. بابا مرحوم جي ڇوڻ تي رئيس ڪي زريءَ جو ٽوپ ڏنو هو. رئيس کان ماٿهو پڇي رهيا هئا ته هيءَ ڪٿان جي سوڪڙي آهي. هو هُنن کي جواب پيو ڏئي ته اتر سنڌ جو

آ. منجهند جي ماني ڪاڌي. شام ڪان رات جي تياري شروع ٿي. رئيس جا مهمان اچي پهتا. جمعي، مون کي ڪنڌائتو وٺي چيو تہ: ”رات وڏو راڳ رنگ آهي. دارون بہ هلندو. اگر شوق اٿئي تہ رئيس سان ويهجانءِ نہ تہ پاڻ بچائجانءِ. پوءِ جي ميار نہ ڏجانءِ تہ اڳ ۾ چيو نہ ٻڌايئي.“ مان سيڪجهہ سمجهي، مرڪي پيس تہ اڄ پنهنجو امتحان آهي. مولا بچائيندو.

سال ١٩٧٠ع ۾ سيوهڻ جو ميلو گهميو هيو. سيوهڻ جي هر گهٽيءَ ۾ لوٽي وارين جا اردو غزل ۽ گانا، ڊانسون ۽ جهمريون، ناٽ ۽ ادائون وغيره ماضيءَ جا تروار اکين ۾ اوتجي آيا. سيوهڻ جي اوطاقن، ڪافين ۽ ڪوٺين مان گهنگهرن جا آواز تہ ٻڌا هئا، پر هنن جون مخصوص محفلون ڪو نہ ڏٺيون هيون. هتي جي هر شيءِ ڪليل هئي، سواءِ سنجوڳ جي.

ڪارو ڪوجهو، پوڙهو، گنجو، جوان ۽ ڪراڙو: هر هڪ ڪي دل هٿن ۾ هئي. هر پاسي، موسيقي، چمڪا، نمڪا ۽ شاعري. مان حيران، پريشان هل هلان، روشنيون ۽ اندر جون چلولايون، مانيون ئي ڪو نہ پيون ٿين. گهمڻ ۽ هلڻ مان نہ ٿڪجان پيو ۽ نہ ڍَاپجان پيو. روضي ڪان ٿورو پرڀرو رستي تي ڪليل شراب جون بوتلون، وڏيرن ۽ رئيسن جي آڏو نوٽن جا بنڊل. گوشت پوست جون نهيل پَريون ائين ناچ ڪري رهيون هيون، ڄڻ هنن جي جسم ۾ هڏ هيو ئي ڪو نہ. گهنگهرو، باجو، ڏُڪڙ، ناچ ۽ آواز: ڪائنات جو سُر ٻڌجي چُڪا هُئا. اهڙي نشيلي ماحول ۾ مون ڏٺو تہ هڪڙو همراهہ نشي ۾ ڌُتُ، دَفلي ڪٽي ڳائڻ ۽ نچڻ لڳو: ”نہ ڪوئي بنده رها، نہ ڪوئي بنده نواز.“ خبر پئي تہ هو رئيس ڪريم بخش خان نظاماڻي، ماتليءَ وارو آهي. ڪنهن رئيس، نچندڙ نانگڻ کي سڏي، نوٽ ڏيندي، هُن کي چيو تہ: ”نوٽ هن جي ڳل تي رکان ٿو، نوٽ ڪٽڻ سان گڏ، هِن جي مُڇ جو وار بہ پَٽ تہ بہ نوٽ ٻيا بہ ڏيانءِ.“ ٻئي رئيس جي هاءِ گهوڙا تہ: ”اڙي نشا نہ ٽوڙ، مَزو نہ وڃاءِ، منهنجي مُڇ نہ پَٽاءِ.“ ائين ٺهڪڙا ۽ هوڪريا هيا. ان رات ڳَٽڻ ڪان مٿي ڳائٽيون هيون، هزارين، لکين روپيا هڪ رات ۾ لٽيا هوندائون. اشارن ۾،

اکين سان نظارن کي ڏسندي، روح کي سيراب ڪندي، جسم کي بچائيندي، ٻئي طرف هليو ويس. ڏٺم ته سُرندي وارا سرندو پيا وڄائين، چنگ وارا چنگ پيا وڄائين. مطلب ته سڀ لاڙ جا سازندا اچي هڪ هنڌ گڏ ٿيا هئا. ڪٿي دودي چنيسر جا قصا ته ڪٿي عمر مارئيءَ جو داستان. هر هنڌ ماڻهن جا هجوم، ڍنب ۽ انبوهه. رات جو ١٢ بجي ڊاري بک جو احساس ٿيو. جمعي وٽ اچي ماني کاڌم. جمعي چيو ته: رئيس اوهان جو پڇيو. مون کيس چيو ته: مزار تي دُعا گهرڻ ويو آهي. اندر چٽيءَ ۾ راڳ هلي رهيو هو. ٽڪجي پيو هيس. ڏاڍي خوبصورت پنجاپڻ، درديلي آواز ۽ ادائن سان ڳائي رهي هئي "حسن کي بازار ۾." وڌيڪ پڙهو آغا شورش ڪاشميريءَ جو ڪتاب، جيڪو ايوب خان دور ۾ لکيو ويو هو ۽ بندش هيٺ آيو هو. ان مان اوهان کي خبر پوندي ته لاهوري نچڻيون سنڌ جي ميلن مان ايترو ڪمائينديون هيون جن مان سال جو سال ان ڪمائيءَ مان گذارو ڪنديون هيون. "تونې جو زخم لگايا وه سي ليا." ونجي ويس. توڙي جو خبر به نه هئي ته زخم، ڇا ٿيندو آهي ۽ ان جو سبجڻ ڇا ٿيندو آهي. اي دولت! هن ڌرتيءَ جي نظام کي تو درهم برهم ڪيو آهي. معصوميت کي ماري، وحشانيت کي هٿي ڏني آهي. تنهن هوندي به ڪير شريف ۽ انسان رهندو؟ اڄ نه ته صبحاڻي، ماءُ جي پيٽان ڪٽي ايندڙ روحانيت ۽ انسانيت، تو آڏو هارائي ويندي. ان وقت منهنجو وجود گناهن جي نديءَ ڪناري، ٻڏڻ لاءِ آتو هوندو، پر ڪا دعا ڪا سوجهه ٻوجهه بچائيندي پئي اچي. پر ڪيستائين؟ ائين رهي گهٽا بچيا آهن؟ اڪثريت جو ڪهڙو حال آهي؟

باقي رات جو ٿوري ننڊ ڪري، صبح جو تڙ ڪري، ڪپڙا بدلائي، رئيس سان گڏجي نيرن ڪئي ۽ چانهه پيتي. رئيس سان ميلي گهمڻ ۽ راڳ رنگ جا حال احوال ٿيا. اهڙيءَ طرح ڏينهن ۽ ٻي رات به گذري وئي.

ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ جانورن جي منڊيءَ طور، ميلو متل رهيو. ان کان پوءِ عورتن جي خريداريءَ وارو ميلو شروع ٿيو. هي واحد ميلو هو جيڪو سنڌ ۾ هفتو کن هلندو هو.

گاڏ جا پڪل پيرون، ڪاٺ شروع ڪيا. زبان ۾ وات ٻهارجي پوندو هو. ٻاجهر جي ماني، جيڪا ڪاٺ ۾ تُوري مني ٿئي ٿي، سا ڪائي ڏٺي، پر مزو ڪو نه آيو. شهر ۾ ڪئين مور ۽ ڊيلون هونديون هيون. مور اڏامندا رهندا هئا، جن جي آواز تي مون کان سيسراٽ ۽ ڇرڪَ نڪري ويندا هئا. مور جي ڪوڪ جو آواز ڏاڍو خوفناڪ آهي. سنگت موڪل تي هوندي هئي ته اڪيلو جهنگ ۾ هليو ويندو هيس. چوڏاري ديويون، وچ ۾ ميدان هوندو هو. مور اتي لهي، ناچ ڪندا هئا. ڇا ته قدرت جي نظارن ۾ ڪشش آهي! جڏهن مور نچندو هو ته ڪائنات جا سڀ رنگ، منهنجي اکين ۾ جهرمر ڪندا هئا. منهنجو وجود، ڪنهن اجنبي ڪيفيت ۾ وڪوڙجي ويندو هو. سڄ لهڻ مهل، واپس اوطاق تي موٽي ايندو هيس.

هڪ ڏينهن اسان جي اسڪول جي شاگرد ولي محمّد ملاح چيو ته: ”سائين، ڳوناٺا ٽا پڇن: توهان جو ماستر چريو آهي ڇا؟ جهنگ ۾ اڪيلو ڇا ڪندو آهي؟“

مون هن کي ٻڌايو ته: ”مور نچندا آهن، اهي جهنگ ۾ ڏسندو آهيان.“ مون سمجهي ورتو ته اسان تي سيني جون نظرون آهن.

منهنجي لاءِ اهي يادگار گهڙيون هونديون هيون جڏهن آسمان تي ڪارا ڪڪر گجگوڙ ڪندي ڇانئجي ويندا هئا. انهي جي ٿڌي هوا ۽ مورن جا ٽهوڪا، جسم مان سيسڙاٽ ۽ ڇرڪ ڪيرائي ڇڏيندا هيا. لهندڙ ٻڏندڙ سج مهل، ڪڪرن جي اونده ۾، مهڪندڙ فضا اندر مور اڏامندا هئا ۽ رڙي ڪڪرن کي وسڻ جا وس ڪندا هئا. اوچتو وسڪارو شروع ٿيندو هو ته آءٌ تڪڙو تڪڙو پڄندو، اوطاق تي پڄندو هيس.

ٻار، مورن جا ڇٽيل کنڀ ڪٽي، مون کي ڏيندا هئا. مان ڪين ڪجھ خرچي ڏيندو هوس. کنڀ ڳوٺ ڪٽي ايندو هيس، جتي مائٽن ۾

دوستن کي ورهائي ڏيندو هوس. مورن جا ننڍڙا رنگين کنڀ، اسان وٽ قرآن شريف ۾ نشانيءَ طور رکڻ جو رواج آهي.

هفتي جي آخر ۾، موڪل جي ڏينهن، چار ئي جڻا، ڪپڙا ڌورائڻ ۽ استري ڪرائڻ لاءِ جهڏي ايندا هئاسين. اسان رسم وڏي ته بازار جي شربت جي مشهور هوٽل تي ويهندا هئاسين. گاڏ جو جيڪو همراه اتان لنگهندو هو، ان کي شربت پياريندا هئاسين. پنج پنج روپيا ڪڍندا هئاسين. اعتبار ڪريو اسان جا ٢٠ روپيا ڪو نه ڪٽندا هئا. شربت صندل ۽ گلاب وغيره ڏاڍا مزيدار هوندا هئا. سائين نجي الله صاحب چوندو آهي: ”شربت منو ۽ ٿڌو هجڻ گهرجي. خوشبودار شربت، دل ۽ دماغ کي تراوت ڏيندو آهي. ڪجهه وقت لاءِ گرمي ختم ٿيندي آهي ۽ جسم ٺري پوندو آهي.“ جهڏي جو شهر، نئين ديري کان وڏو هو بلڪ رتيديري جيترو وڏو هو ۽ تجارت جو مرڪز هو.

گاڏ جي ڳوٺ ۾ تقريباً اڌ آبادي پورهيتن، شيدين، مينگهواڙن ۽ ڪولهين تي مشتمل هئي. ڪا چوري چڪاري ۽ جهيڙو جهڳڙو، ڪڏهن به ٻڌڻ ۾ نه آيو. هڪ اترادي ماستر احمد نالي، پنهنجو ڏاڍو نالو ڪڍرايو. مون سان ڪڏهن به نه مليو. لاڙيچن ٻڌايو ته: ”چور کي ڪو به پناهه ڪو نه ڏيندو آهي. نه ڪو ماني ڏيئيس، نه پاڻي ڏيئيس. هلي هلي ساٿو تي پوندو آهي ۽ آخر پيري ۽ پاڳيا هن کي پڪڙي وٺندا آهن.“

ننڍي کان وني ٿر تائين، ڪٿي به جهيڙو جهڳڙو يا چوري چڪاري ڪو نه هئي. ڪراچي ۽ بدين واري ساموندي ڪناري جون هوائون، سڄي لاڙ ۾ پهچنديون هيون، جنهنڪري اونهاري ۾ راتيون ٿڌيون ۽ وڻندڙ هونديون هيون. مان رات جي پهرئين پهر ۾ چادر، پوءِ رلهي وجهندو هيس. جڏهن ته اَسر ڌاري، اگهڻ مان اٿي، ويراندي ۾ وڃي سمهي پوندو هيس. اونهاري دوارن ڪجهه ڏيهاڙا، ڏينهن جو گرم هوائون هلنديون هيون ۽ سهڻ جيتري گرمي هوندي هئي. لاڙڪاڻي بدلي تي اچڻ کان پوءِ، به چار پيرا گاڏ ڏانهن ويس. هلي هلي نيٺ رابطو ڪٽجي ويو. الله جَلّ جَلالہٗ سيني کي خوش رکي.

گذريل ٻن سالن ڪان، اوڏانهن وڃڻ لاءِ تڙپان پيو. سمنڊ جي اٿل، ليفٽ بئنڪ آئوٽ فال ڊرين ۽ برساتن ڏاڍي تباهي مچائي آهي، جنهنڪري بي روزگاري وڌي وئي آهي. سيڪجهه وڃي اڪين سان ڏسڻ ٿو چاهيان پر جڏهن ڏور جي چڪ ٿئي ۽ الله ﷻ مهرباني ڪري.

٢٠٠٩ع ۾، جهڏي ۽ نئون ڪوٽ ڪان لانگهائو ٿيو هيس. مٺي، اسلام ڪوٽ ۽ ڪارونجهر ويو هيس. اتي لهي گاڏ ٻه ويو هيس. اجنبيت نظر آئي هئي. رئيسن مان ڪو ٻه ڪو نه هو. مايوس ٿي موٽيو هيس. هاڻ وري ويندس، حياتي رهي ته. رئيس پوڙهي خان جي ناناڻن مان هڪ ٻه نوجوان، ٽنڊو جان محمد اسڪول ۽ ڪاليج ۾ پڙهندا هئا. انهن سان موڪل واري ڏينهن ڪچهريون ٿينديون هيون، تن سان ضرور ملڻ جي ڪندس.

* * *

تن ڏينهن ۾، سوير ساجهر ڄامشورو ريلوي اسٽيشن تي، ريل تان لهبو هو. اتان ڪنهن سواريءَ ۾ ويهي حيدرآباد جي گهنٽا گهر واري مارڪيٽ پهچي ڪنهن سئلون تي وهنجي سهنجي، ڪپڙا بدلائي، سنو ناشتو ڪبو هو. سني ناشتي جو مطلب آهي ته مغز ۽ جيرا وغيره. چانهه پي موسم آهر فروٽ خريد ڪري، حيدرآباد جي شاهي بازار جي ڪلڻ جو انتظار ڪري، دڪانن جو نظارو ڪبو هو. ايڏو سامان، ماڻهن ۽ ماين جي پيهه ڏسي، مزو پيو ايندو هو. سڄي شاهي بازار هلندي، وڃي ريشم گليءَ وٽان ڪوهه نور سئنيما واري گهٽيءَ مان مڙبو هو، جيڪا اوريئينٽ هوٽل تي پهچندي هئي، جتان پڪي قلعي يا اسٽيشن تي فوجداري روڊ تان لنگهي پهچبو هو. اگر شاهي بازار مان، ريشم گليءَ ڏانهن نه مڙبو هو ته پوءِ، نڪ سامهون سڌو وڃي پڪي قلعي وٽ پهچبو هو. جتان وري ساڄيو فوجداري روڊ وٺي اسٽيشن تي پهچبو هو. آوارگيءَ جو شوق نه هوندو هو ته تلڪ چاڙهيءَ ڪان اولڊ ڪئمپس يا اسٽيشن واري پل وٽ اچي لهبو

هو. ائين عليؓ سائين جا قدم ۽ ٻيا ڪلهوڙن جا مقبرا گهمي، ٽائيم پيو پاس ڪبو هو.

ڳوٺ موٽبو هو تہ گول بلڊنگ وٽان ڪوٽڙيءَ لاءِ بس ملندي هئي. ان وقت قاضين جو ”اورينٽ هوٽل“ شهر جو بهترين هوٽل هو. اتي ماني تہ ڪڏهن ڪو نہ کاڌي، باقي چانهہ وغيره پي وڃندا هئاسين. سروس ڪندڙ ٻئرا، مخصوص ڊريس ۾ ٺاهہ ۾ هوندا هئا. هوٽل تان نڪري، هڪ ٻئي کي چوندا هئاسين: ”اڙي هتي تہ پڙهيل لکيل ۽ مهذب ماڻهو بہ ٻئراگيري ٿا ڪن پيا. ائين چلولائيون ڪندا، ٽهڪ ڏيندا، ماڻهن کي پيا پاڻ ڏي متوجهہ ڪندا هئاسين. دوستن سان گڏجي گهمڻ ۽ آوارگي ڪرڻ ۽ ٽهڪن ڏيڻ ۾ جيڪو سرور ۽ نشو آ سو بند بوتل واري رنگين پاڻيءَ ۾ ڪٿي آ!

اڪيلو هوندو هيس تہ اولڊ ڪئمپس جي مٿان، چاڙهيءَ تي، آفيسن جي پرسان علي بابا ريسٽورنٽ هوندو هو، اتي وڃي ويهندو هوس. ان جي چانهہ جي چا ڳالهہ ڪجي! وڏو مزو هوندو هو، ان دودهہ پتي چانهہ جو. منجهس باداميون ۽ پستا وغيره پيل هوندا هيا. پهريون دفعو جڏهن اتي چانهہ پيتي تہ دانهن نڪري وئي. ٻئري کي چيم تہ: ”يار! هي چا وڏو اٿئي؟“ هُن چيو: ”ادا! ڊراءِ فروٽ آهي. ڪائي ۽ پي ڏسو. مزو اچي ويندو.“ واقعي ڏاڍو لطف ڏنو چانهہ. پوءِ تہ هر دفعي اتي ضرور ايندو هيس. اندازو اٿم تہ ٻئرو پڪ ئي پڪ دل ۾ چوندو هوندو: ”کهڙا کهڙا ڀهراڙيءَ جا جٽ هتي چانهہ پيئڻ ٿا اچن. بس پئسو آهي جو هنن کي صاحب صاحب چوٽو ٿو پوي!“ اهي خيال، اڄ بہ منهنجي ميراث آهن. سوچيندي سوچيندي، پنهنجي سادگيءَ تي مُرڪي پوندو آهيان. اتي ئي پرسان وينس سئنيما هوندي هئي. اتي فلم بہ ڏسي ونبي هئي. جي ريل جو ٽائيم ٿي ويندو هو تہ، فلم اڌ ۾ ڇڏي، رڪشا ڪري ڪوٽڙي اسٽيشن تي وڃي پهچبو هو. پئسا بچائڻا هوندا هئا تہ گول بلڊنگ وٽان، ڪوٽڙيءَ جي بس نڪرندي هئي، ان تي سوار ٿبو هو. پڪي قلعي ۾ سنڌ ميوزم، راڻي باغ وغيره گهمندي ٿڪبو ڪو نہ هيس. ماني ٿوري ۽ فروٽ گهڻو کائيندو هيس. فروٽ، سستو هوندو هو. ههڙو، ڪو نہ هو.

ڄامشوري جون ڪڙهايون، روسٽ ۽ فراءِ ٿيل دال جو ذائقو اڄ بہ ياد آهي.

جڏهن نئون ديرائي ٽولو ناهي، تڏين هوائن ۾، وارن ڪي هٿن جي آڱرين سان ٺاهيندي، حيدرآباد جي روڊن تي گهمندا هئاسين تہ ائين لڳندو هو ڄڻ هن شهر جا اسان ئي مالڪ آهيون. غلام عمر کهڙو، راحب علي قاضي، قاضي قمرالدين، محمّد شريف ۽ ٻيا ڪافي، هڪ ٻئي ڪي خط لکي اڳي حيدرآباد گڏ ٿيندا هئاسين يا نئين ديري مان گڏجي ٽرين تي حيدرآباد ايندا هئاسين.

غلام عمر کهڙو، پنهنجو يار آهي. هڪ ٻئي جو خيال ڪندا هئاسين. اڄ بہ اهڙيون ڳالهيون ڪري، ماضيءَ مان مزو وٺندا آهيون. غلام عمر جا اڄ بہ ساڳيا افعال آهن. ڏاڏو ڳاريل ٿي پيو آهي. موڊ ۾ اچي چوندو آهي: ”منگي! تو ڪي ڏسي لاڙيچا چوندا هوندا تہ اترادي ڪيڏا نہ بکيا آهن. روزانو پنجن روپين ڪمائڻ جي لالچ ۾، ماءُ پنهنجي هنج مان ڪڍي، ماستري ڪرڻ لاءِ موڪليو اٿس“. مان ڪلي چوندو آهيان تہ: ”ڇا ياد ڪندا هوندا اترادين ڪي تہ ڪهڙا سهڻا شهزادا هئا. قد نهندڙ هوندو هو، پيٽ يا ٽولھ وغيره نہ هوندي هئي. مال جو ڪم ڪار ڪندو هئس، جنهنڪري جسم سنهڙو ۽ طاقتور هوندو هو. ڊڪڻ ۽ راند روند ڪرڻ ۽ سائيڪل هلائڻ، پاڻيءَ ۾ ترڻ، ڪير پيئڻ ۽ بسريون کائڻ هميشہ مون ڪي سمارٽ رکيو. مَرد تڏهن خوار ٿيندو آهي، جڏهن پيٽ وارين ماين وانگر پيٽ لهڻ ۽ ٽولھ وڌڻ سبب بي ڊولو ٿي پوندو آهي. مان ڏيهاڙي پي ٽيءَ واري بوٽ سان ورزش ڪندو هيس.

مون لاڙ جي نوڪريءَ مان ڏاڍو پرايو: اٿڻ ويهڻ، سنگت ساٿ، ڪائڻ پيئڻ، لٽو ڪپڙو وٺڻ، سبائڻ ۽ پائڻ. وڏي ڳالھ تہ پنهنجي خواهشن تي ڪنٽرول رکيو. پئسا هوندا هئا تہ شهنشاھ تي خرچ ڪبو هو، نہ تہ فضول خرچي نہ ڪبي هئي ۽ نہ ئي وري قرض ڪٽبو هو. والدين ڪي ڪَڪِ نہ ڪبو هو. اجايا مطالبا نہ ڪبا هئا. هر حال ۾ راضي هوندا هئاسين. پاڻ رُلي پني ڏڪا ٿابا ڪائي، نواب نہ پر بادشاھ بڻيا آهيون.

هڪ دفعي ڊگهڙيءَ ۾ ماني ڪاڌي. اسدالله ساڻ هجي. هوٽل واري کي پئسا ڏنا. هن جيڪي پئسا واپس ڪيا ان ۾ پائلي لسي هجي. واپس ڪيم. ڪائونٽر تي وينل ڏسي چيو تہ اتر جا آهيو. مان ڪجھ نہ سمجهندي ڪيس ها ڪيم. هن پائلي بدلائي ڏني. پڇيومانس تہ اوهان ڪيئن سمجهيو! هُن چيو تہ هتان جا ماڻهو ايئن پئسا اچلائي نہ ڏيندا آهن. مان وائڙو ٿي ويس: ”مار! اڄ تہ اتر سنڌ کي لڄايو آهي. وري زندگي ڀر اهڙي حرڪت نہ ڪبي.“ سکيا جو عمل، سڄي زندگي جاري رهيو. مون کي استادن پڙهايو، معاشري جي ذميوارين کي نڀائڻ لاءِ دوستن ۽ وڏڙن جي نصيحتن ۽ انهن جي عزت جي خوف ائين هلايو، جيئن گهوڙي کي لغام ڏئي هلائجي. ڏاندن ۽ وهڙن کي نٿ هٽي رسي سان ٻڌبو آهي. ائين سنڌ جي مٿانهن قدرن ڏانهن، جوابده رهياسين. اهو وقت ۽ ماحول ئي اهڙو هو. هڪ خراب ٿيندو هو تہ سنگت ان کي روڪيندي هئي.

لطيف سرڪار چواڻي:

بندي ٻيا قرار، اسين لوچون لوھ ۾،
مٿان تن ترار، سدا ساڃيئڙن جي.
شاھ ؒ

يادن جا وهڪرا آهن. ويرون ٿي مٿان ورن ٿا ۽ لکڻ تي مجبور ڪن ٿا. ڳالھ مان ڳالھ نڪري ٿي. ڳالھ ڳالھ تان ڇُرندي، هڪ عاشق جو قصو دل تي تري اچي ٿو.

لاڙ اندر نوڪري ڪندي خبر پئي تہ: هڪ ماستر، ٻار پڙهائيندي هڪ شاگرداڻيءَ تي عاشق ٿي پيو. ٻارن جي واتان ڳالھ، ڳوٺ وارن ۽ ڇوڪريءَ جي مائٽن تائين پهتي. ماستر اسڪول ڇڏي هليو ويو. ڪجھ وقت کان پوءِ هو چريو ٿي پيو. تعليم جي آفيسرن کي خبر پئي. هو هُن کي هلائيندا هئا. اسڪول ڪو نہ ويندو هو. پگهار جاري هيس. ٻن ٽن مهينن جي انتظار ۽ ڳولا، نياپن ۽ چنين کان پوءِ ساڻس ٽنڊي باگي ۾ ملڻ ٿيو. هوٽل تي منهنجو انتظار ڪري رهيو هو. ڪيس ڏٺم، واقعي نہ جيئرن ۾، نہ ئي مُئن ۾ هو. ڪپڙا

ميرا، حال اجڙيل. چڱي ڪچهري ڪئيسين. اصل ٽاپڪ يعني ڇوڪريءَ واري عشق تي، جتان ٽڙيو هو، ڳالهه ٻولهه ڇيڙي نه سگهيس. پئسن پرڻ جي ڪيم. چيائين ته: ”نه! اوهان منهنجا مهمان آهيو.“

سچي زندگي، اهو ماستر منهنجي وجود ۾ پيهجي ويو. جنس ۽ عشق جي پوشيده اسرارن کان خوف ٿيڻ لڳو. پاڻيءَ ۾ گهڙڻ پڄاڻان انساني وجود پسڻ کان بچي! يا هوا گهلڻ سان وڻ جي ٽاري يا پن، لڏڻ کان رهجي وڃي. اهو سڀڪجهه ناممڪن آهي. منهنجو وجود به اتي ٻُڏو، جتي تري سگهيس پئي. بيوسي ۽ لاچارگي به ڪا شيءِ آهي. مون جهڙن ماڻهن لاءِ ئي مرشد لطيف ؒ چيو آهي: عامن سندو عام، خاصن منجهان ڪين ٿيو.

زندگي رهي ته جرئت ۽ همت کان ڪم وٺي عشق ۽ حسن بابت وڏيڪ قصا ۽ مشاهدا لکندس. پنهنجو پاڻ کي، اڻ ڏٺن آڏو اگهاڙو ڪرڻ، ڏاڍو ڏکيو عمل آهي. سچي عمر ذهني ۽ جسماني ڏکيائيون سَنيون اٿم. ڪنهن سان دل جو حال نه ڪيو اٿم. نوجوانيءَ کان ڪراڙپ تائين، ٿاندن تي هليو آهيان. الله ﷻ جي ٻاجهه کان پوءِ، گهر وارن، دوستن ۽ واسطي وارن ڏاڍو سليقي سان مون کي سنڀاليو آهي. سندن پلاين کي ڏسي، پنهنجي وڪريل وجود کي ميڙيندو ۽ جوڙيندو آيو آهيان. زندگي ۽ زمانو، ڪجهه نه آهي. سڀڪجهه ماڻهوءَ جو ماڻهپو ۽ ويساهه آهي. اهي جڏهن وجود وڃائي ٿا ويهن، تڏهن بي اختيار رڙيون ٿيون نڪرن: ”هي ته سڀ ڪجهه دوکو آهي. زندگي صرف صوفيءَ وارو رِڻ رُڃ نه آهي. دولت ۽ آسائش، گهٽو ڪجهه هوندي به سڀ ڪجهه نه آهي. پنهنجي وجود کي بچائڻ لاءِ ڪنهن آفاقي سهاري جي ضرورت آهي.“ لارين مون تي عاشق ٿي پئي. مون سان ملندي هئي ته گلاب جي گل وانگر مهڪي پوندي هئي. هڪ دفعي شڪايت ڪندي پڇيائين: ”مان پري آهيان ته ٻين ڇوڪرين سان ڪلين ڳالهائين ۽ ڇهڪين ٿو. مون سان ملندي ڪنڀير ٿي ٿو وڃين. ڇا ڳالهه آهي؟“ ڪوڙ ڳالهائيندي، ڪيس چيو

هيم: ”جن ڏي تنهنجو اشارو آهي، ڇا اهي تو جيتريون سهڻيون ۽ سمارٽ ۽ سچيون آهن؟“ هن گد گد ٿيندي چيو هو: ”ڳالهائڻ به سکي ويو آهين؟!“ موٽ ۾ چيو هيومانس: ”تو جهڙو سڪيا ڏيندڙ هوندو ته ڪا ڪوتاهي نه رهندي.“

سچي زندگي بي صبرو نه رهيو آهيان. خواهشن ۽ لذتن جو غلام نه بڻيو آهيان. ان عيوض ٿهڪ، جيڪي مزا، ڪاڏا، ڪپڙا ۽ ڪچهريون ماڻيون اٿم، انهن روحاني خوشين جي آڏو منهنجي زندگي پر جا اوسيئڙا، انتظار ۽ ڏک، ڪا معنیٰ ڪو نه ٿا رکن. مان دوستن کي چوندو آهيان ۴۹ سيڪڙو خاميون ماڻهن ۾ هجڻ گهرجن، ڪوشش ڪئي اٿم ته ۵۱ سيڪڙو چڱايون مون وٽ رهن. شل الله ﷻ ٻاجهه ڪري. استغفرالله ربي.

ڪافي عرصي کان پوءِ ”گلنار“ ڏي ويس. ڪلاڪ ڪن، نويڪلائيءَ جي ڪچهري ٿي. ڪچهري ڪندي هن ٻي نازنين جو نالو ڪنيو، پر ڪنيائين اهڙي انداز سان جو ان بابت ٿورو تفصيل ڪائنس پڇڻو پئجي ويو. ڳالهين تي ڳالهيون چڙهنديون آيون ۽ آخر دل جي ڳالهه زبان تي اچي ويس. جيڪا ڳالهه ان بابت چوڻي هيس ان لاءِ چئي ڏنائين: ”ان تو لاءِ چيو پئي ته ’مون سان ٻنيهه دليون اٿس ۽ مون سان ته بلڪل نهيو پيو آهي.‘ سندس اهي لفظ ٻڌي منهنجو ته اندر ئي جلي ويو. چپ ڪري ويس. اندر سڙئي ڪان ڪچيس ڪو نه پئي، تنهن هوندي به ساڙوتيءَ کان تو لاءِ پڇي وينس: ’اڙي هو ساماڀو به نه هوندو جو مان مٿس پئي مران. مون کي ئي ڪڏهن نه ليکيائين. ان هوندي به اگر تون پنهنجو ڪري وئينس ته هيءَ سينڊ آهي، جهڙو وڳو چوندينءَ اهڙو وني ڏيندي‌سانءِ. ٻڌاءِ! تون ڪا مون کان وڌيڪ سهڻي آهين؟!“ اهو جملو چوندي ٿوري جذباتي به ٿي وئي هئي. ٿورو ڳالهائڻ کان روڪي پڇي وينومانس: ”ان سوال تي ڇا چيو هيائين؟!“ ڳالهه کي اڳتي وڌائيندي ٻڌايائين: ”ڪجهه وقت ته ان سوال تي ڊڪرن ۾ پئجي وئي، پر پوءِ پاڻ سنيالي چوڻ لڳي: ’ادي! پرائي دل، پرديس آهي. ڇا تو چئي سگهجي.‘“ ان سان به ڪنهن اتفاق سان ملڻ ٿيو هو. اهو سمورو احوال، گلنار کي ڏنم ۽

ڪانئس ٽٽائي جان ڇڏائڻ جو احوال بہ ٻڌايومانس، جنهن تي گلنار، ڪِلي ڪلي ڪيري تي پئي. ان ڏينهن هن جي سچائي ۽ ايڏو اعتبار ڏسي، منهنجا سڀ ضبط ٽٽي پيا. ڪيس چيم: ”چري! ايترو اعتبار نہ ڪندي ڪر.“ ڪيس سمجهائڻ واري انداز ۾ چيم: ”مان پونئرو ناهيان جو هر گل جو واس وٺندو وتان ۽ اڏامي جيئندو وتان. مان انسان آهيان. گوشت پوست جو نهيل انسان. گهرجن ۽ معاشرتي بندشن ۾ وڪوڙيل انسان. انهن زنجيرن ۽ سنگهرن مان آزاد نہ ٿو ٿي سگهان. معاشرتي بنڌڻ ۽ قدر، اگر ٽٽا تہ هتي ڪو ڪنهن تي اعتبار نہ ڪندو. سَڀُ رُلي وينداسون. رتيءَ جي رهاڻ سڀ ڪجھ نہ آهي. ڪا تہ ڳڻ ڳوت ڪبي، تڏهن جِي سگهبو.“ هن پولارن مان جواب ڏنو هو: ”جيئن تنهنجي مرضي! مان ان ۾ بہ تو سان ٻڌل. اسان جو آسرو، اڳ ۾ ئي پليل آهي.“

مارچ ١٩٧٢ع ڌاري، اترادي استادن هڪ ايسوسئيشن ان ارادي سان ناهي تہ جيئن جدوجهد ڪري، سرڪار کان اها ڳالھ مڃرائجي ۽ عمل هيٺ آڻائجي، جنهن تحت سمورا استاد واپس پنهنجن پنهنجن ضلعن ۾ اماڻيا وڃن ۽ اتي ڪين نوڪرين ۾ رکيو وڃي. ان ايسوسيئيشن پاران ڪجھ اخباري بيان آيا. سيڪريٽري صاحب ڏانهن پڻ ڪجھ ليٽرس موڪليا ويا. ٿورن استادن جي لسٽ تيار ٿي جن کي پنهنجن پنهنجن ضلعن ڏانهن اماڻيو ويو. ان لسٽ ۾ منهنجو بہ نالو هو.

مئي جي آخر ۾ فيصلو ٿيو تہ: سيني ٽيچرس کي، پنهنجو پنهنجو ضلعو ڏنو وڃي. ان فيصلي تحت جيڪا لسٽ نهي، ان ۾ پهرين لسٽ وارا اڻچاڻائيءَ ۾ رهجي ويا. سائين پناه علي شاه ڊائريڪٽر ۽ بقا محمّد قريشي صاحب ڊپٽي ڊائريڪٽر هو.

پناه علي شاه صاحب سان وڃي مليس. ڪيس ٻڌايم تہ: ”سائين پوئين ۽ حتمي لسٽ ۾ منهنجو نالو نہ آهي. جڏهن تہ پهرين لسٽ ۾ نالو هيو.“ ڇهڙ ڏيندي چيائين: ”پوءِ مان ڇا ڪريان؟“ سندس ان دابي سان، منهنجو منهن ئي لهي ويو. مايوسيءَ ۾ ٻاهر نڪري، پاڻ

ڪي چيم ته: ”هت ڪو ٻڌڻ لاءِ تيار نه آهي، رڳو ظلم ۽ انڌير آهي. هزارين استاد واپس ٿا ٿين. اسين آڳرين تي ڳڻڻ جيترا هتي رهايا ٿا وڃون. اسان به ڳوٺ ٿا وڃون، نه ڪپي نوڪري. چار پنج ڇٽا گڏ ٿياسين. جعفري خيرپور وارو، يونين جو صدر هو، تنهن چيو ته: ”اچو ته ڪراچيءَ هلون.“ جڏهن ته سندس نالو، پنهنجن ضلعن ڏانهن واپس ڪيل ٽيچرس واري لسٽ ۾ هو.

چار ڇٽا، سنڌ سيڪريٽريٽ ڪراچيءَ وڃي، غلام رضا پُٽي، تڏهوڪي ڊپٽي سيڪريٽري تعليم سان ملياسون. هن ڪي ٻڌايم ته: ”سائين پناهه علي شاهه صاحب، ڏاڍا ڏڙڪا ڏنا آهن.“ ڪلي چيائين: ”بابا! سائين ته منهنجو به استاد آهي.“ عيساڻي صاحب سان ملياسون. ان چيو ته: ”توهان ڪراچيءَ ڪي ڳولي لڌو آ! باقي ٻاهر نوڪري نه ٿي پڄي. وڃو! واپس ٿيو. هتي ڪاٿي رهندئو. صبحاڻي لطيف آباد، بورڊ آفيس ۾ ملجو.“ اتان واپس ٿياسين. ٻئي ڏينهن لطيف آباد بورڊ جي آفيس ۾ ساڻس وڃي ملياسين. بورڊ جي ميٽنگ ڇڏي، سائين پاڻ هيٺ لهي آيو. پڇيائين: ”اڃا توهان جو ڪم نه ٿيو آهي؟!“ پنهنجي آفيس ۾ وري واپس موٽي ويو. فون ڪري موٽي آيو. اچي ٻڌايائين: ”بابا! سائين، بادشاهه آهي. چوي ٿو ته سڄو ضلعو خالي ٿيندو، اسڪول ڪير هلائيندو. پناهه علي شاهه صاحب ڪي مون راضي ڪيو آهي. وڃي ڪانئس آرڊر وٺو. هيرآباد ۾ زبيده ڪاليج جي ڏکڻ ۾ آفيس هئي، اتي آياسين. سڄي آفيس ٽرتلي ۾ هئي. شاهه صاحب گهر هليو ويو. بقا محمّد قريشي صاحب، وڏي ٽيبل تي آهلي پيو. پنجين بجي لسٽون ٽائيپ ٿيون. هڪ هڪ نالو چيڪ ٿيو. صحيح ڪري، اسان سمورن کي پنهنجن پنهنجن ضلعن ڏانهن اماڻيو ويو.

ڏوڪري تعلقي اندر، مشورين جي ڳوٺ واري پرائمري اسڪول ۾ رکيو ويو. صبح جو نئون ديري ڪان ريل ۾ ويندو هيس. شام ڌاري ريل تي واپس ايندو هيس. منجهند جي ماني ڪڏهن ڪٽي ويندو هيس ته ڪڏهن بسڪيٽن تي گذارو ڪري، شام جو گهر اچي ماني

ڪائبي هئي. ٻارهن مهينا ڪن اتي رهيس. سائين نجي الله عباسي، جيڪو ان وقت سپروائيزر هو، ساڻس واقفيت ٿي. جيڪا اڳتي هلي دوستيءَ ۾ تبديل ٿي وئي. رتيديري تعلقي جي هڪ ڳوٺ "عزت جي واند" جو پرائمري اسڪول مليو. ان بعد نئون ديرو، آخر مسوديرو. سال ١٩٧٦ع ڌاري، پروموشن مليو. مون ڪان اڳ جي ايس ٽي (نائون اسڪيل) ۾ پروموشن، حاجي گل محمّد جوکيو، عبدالسميع پٺو، انور علي مڱريو وٺي چڪا هئا يعني اهي سيڪنڊري اسڪول ۾ پهتا هيا.

سال ١٩٧٤ع ڌاري شادي ٿي. بابي امان، گڏيل راءِ سان، لاشارين جي ڳوٺ مان شادي ڪرائي. ٻن ڀينرن جو رشتو ٻه اڳي ئي اتي جي مائٽن ۾ ٿيل هو. بابي نئون ديري ۾ گهر ناهي ڏنو. ڀاءُ کي دوڪان وٺي ڏنو. انعام، ٽيون ڀاءُ، اجا ننڍو هو. بابا کي ٻه نئون ديري ۾ رهائڻ شروع ڪيو. چاچو، ڳوٺ ۾ ئي رهجي ويو.

سال ١٩٨١-٨٢ع ڌاري، هڻ وٺ پڄاڻان، ٽڪجي پيس. بابا کي چيم ته: "سکر، ٻارهن مهينا پڙهبو، اڌ پگهار ملندي، جيڪا سکر ۾ خرچ ٿيندي. اڳتي هلي ڊگريءَ مان فائدو ملندو." بابو ۽ ڀاءُ تيار ٿيا. مان بي ايڊ لاءِ اپلاءِ ڪيو. استدي ليوِ منظور ٿي ۽ آسانيءَ سان ڪاليج آف ايجوڪيشن ۾ داخلا ٿي وئي. سنڌ ۾ تعليم ڪاتي ۾ سکر ريجن جو واڌارو ٿيو هو. ڪاليج ۾ سيمسٽر سسٽم هو. اتر سنڌ ۾ ڪاليج آف ايجوڪيشن، ڪو-ايجوڪيشن جو سڀ کان وڏو ادارو هو، جتي نواب شاه کان وٺي جيڪب آباد ۽ لاڙڪاڻي جا اسٽوڊنٽس ۽ ٽيچرس، ٽريننگ وٺندا هئا.

هاسٽل ۾ رهڻ لاءِ ڪمرو ورتو. ٻيا نئون ديري، لاڙڪاڻي ۽ مدئجي جا شاگرد يا ٽريني استاد، ايس آر ٽي سي جي ڊگهين ۽ وڏين بسن تي چڙهي ايندا هئا. مان پويان اٺ ڏهه سال، سنڌي ۽ اردو ادب پڙهيو هو، انگريزي ادب ۽ ڪتابن کي ٽائيم نه ڏنو هو. ان ڪوٺ جو احساس اتي ٿيو، جنهنڪري اتي محنت سان پڙهڻ شروع ڪيو.

* * *

لاڙ مان واپس اچڻ کان پوءِ، منظور علي جوڻيجو، اسان جي سنگت مان ڪاٿا تي ويو. ان جي جاءِ تي عبدالڪريم ڏيرو (وينل بادِهه شهر)، رئيس نور محمّد خان مغيري (وينل ڳوٺ قائم مغيري، نزد لالو رائنڪ، موجوده ضلعو قنبر-شهدادڪوٽ)، مظهر علي تنيو، حاجن خان چنه (نئون ڳوٺ پناڻ، نزد اگڙا شهر، ضلعو خيرپور ميرس)، حاجي اڪبر علي عباسي (لاڙڪاڻو) جي معرفت ٻانيڻ ڳوٺ وارن: جلال خان ۽ سندس ڀين مائٽن سان ڏيٺ ويٺ ٿي.

ٿولا ناهي، سڄيءَ سنڌ ۾، جاڏي وڻندو هو تاڏي، گهمندا ڦرندا هياسين.

رئيس نور محمّد خان مغيريءَ ڪي ٽويوٽا ڪرولا ڪار هوندي هئي. ان تي چڙهي اوچتو اسد الله ڪلهوڙي وٽ پهچندو هو. اتان الاهي بخش وٽ رات رهي، ان کي ساڻ ڪٺي نواب شاهه جي پرسان رندن جو ڳوٺ هوندو هو، اتان جو سيد، رئيس جو مرشد هوندو هو، ان وٽ پهچي دُعا به وٺبي هئي، ته ٽڪ به لاهبو هو. وڏيون اوطاقون، ڪٽون، هنڌ ۽ ڪچهريون، رات جو هڪ به ٿي ويندا هئا. ڪنهن جي سِڪ ئي نه لهندي هئي. ڪاڏا پيتا، چانهيون ۽ کير! ڇا ڳالهه ڪجي! سڀ کان وڏي ۽ قابل ذڪر ڳالهه ته تن ڏينهين امن امان ۽ بي فڪري، خلوص ۽ سچائي هئي. ڪنهن ڪارَ-زباني جي نظر لڳي وئي، اسان جي معاشري کي. سادا ۽ سچا ماڻهو الائي ڪاڏي هليا ويا. الاهي بخش ۽ اسد الله ته پاڻ کي زور ڏياريندا هئا ۽ مون تي ٽوڪ ڪندي چوندا هئا: ”هِن جا زور به اسان کي ڏيو. هيءَ ڇوڪري آهي، زور ڏياريندي پَؤ ٿو ٿئيس.“ اهي ڳالهيون ياد ڪري جيئان ٿو پيو. ور نه هاڻي جيئڻ ۾ ڇا رکيو آهي؟! چاهت ئي گم ٿي وئي آ. سنڌي معاشرو بدلجي پيو ۽ مان، بغير پيئڻ جي، جيئان پيو.

رئيس نور محمد خان مغيري، جهيڳڙي ۾ مارجي ويو. بابا به ١٩٨٨ع ۾ وفات ڪري ويو. ننڍو ڀاءُ انعام، سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ داخلا ملڻ سبب جام شوري هليو ويو، جنهنڪري بي فڪرو ٿي، گهر ڇڏڻ مسئلو ٿي پيو. گهر، دوڪان، ڊيوٽي ۽ بيماري ٻڙي، متن مائٽن سان اُٿڻ ويهڻ، اهڙو ڦاسي پيس جيئن ڪوڙڪيءَ ۾ ڪو ڦاسندو آهي.

منهنجيون پنهنجيون مجبوريون، يارن جون پنهنجون هجتون ته وڏو ماڻهو ٿي ويو آهين، هاڻي لفٽ ڪو نه ٿو ڏين. هڪڙو ٻرو پلو چوي ته ٻيو پاسو وٺي، وٺ وراڻ ڪندي، اهڙي هٽندو جو مان ڳالهائڻ جهڙو ئي نه رهان. آهستي آهستي، سمورا پير جهليندا ويا. امن امان بگڙندو رهيو. مان، اڪيلو ڏوهاري هجڻ ڪري، ڪنهن کي ميار به ڏئي ڪو نه پئي سگهيس.

اسد الله ڪلهوڙي سان، لاڙڪاڻي شهر اندر اٺڻ ويهڻ رهيو. هو اصل لالو رائنڪ-وارهه روڊ جي پرسان ڳوٺ ڏڀ ڪلهوڙا جو آهي. اسسٽنٽ ڊائريڪٽر ايگريڪلچر تان رٽائر ٿيو. ماستري ڇڏي ڏني هيائين، طبيعت جو پلو، سيني کي سنڀالڻ ۽ نڀائڻ وارو. اهڙا ماڻهو تمام گهٽ ڏٺا آهن. الاهي بخش تونيه، حاجي اڪبر ۽ اسد الله جن دوستيءَ مان ترقي ڪري، پاڻ ۾ مٽ مائٽ ٿي ويا آهن.

مظهر علي تنيو، دلبر انسان آهي. اسان جو خاص خيال ڪندو آهي. باقي اسد الله ڪلهوڙي ۽ الاهي بخش تنيي کي وينو جهير ڏيندو آهي. هو به اهڙي ڪندو اتس جو وينا ڪلندا ۽ خوش ٿيندا آهيون. دل چوندي آهي؛ هميشه ساڻن گڏ هجان. تڪلف سان اٺڻ ويهڻ. گهرو ذميواريون ۽ اجاين پروٽوڪولن ۽ ضابطن ٿڪائي ساڃو ڪري ڇڏيو آهي. وري ٻچپن واري، ذميوارين کان آجي ۽ نيچرل زندگي گذارڻ ٿو چاهيان. جڏهن ته اهو به سمجهان ٿو؛ هاڻي ائين ٿيڻ ممڪن ڪو نه رهيو آهي. ڏڌو ڪير، ڇتو تير، نڪتل ڏند، موٽي ماڳ نه ٿيا آهن. گذريل دور ۽ لمحا، موٽي راس نه آيا آهن.

اسان جي سنگت ۾ علي گوهر چنو، علي حسن چنو ۽ ٻيا دوست، ضلعي خيرپور جي شهر اڳڙا پرسان نئون ڳوٺ پناڻ ۽ جادي جا هيا. لاڙڪاڻو-خيرپور پل نهڻ کان اڳ، سفر ڪرڻ جو وڏو ڦيرو هوندو هو. ايندي ويندي چڱو خاصو وقت، خوشگوار نموني گذري ويندو هو. پُل نهڻ کان پوءِ ته وقت جڻ لڳي ئي ڪو نه ٿو.

غوث بخش تنيو، الاهي بخش جو وڏو ڀاءُ، ڪافي عرصو ٿيو فوت ٿي ويو آهي. سندن ٻيو ڀاءُ عبدالستار تونيو فقير-منش آهي. جڏهن ته سندن ٽيون ڀاءُ حضور بخش تونيو ڊاڪٽر صاحب ۽ سکر شهر ۾ سڪونت پذير آهي.

مظهر عليءَ جو وڏو ڀاءُ، پاڪ آرميءَ ۾ ميجر ڊاڪٽر رهيو. اتان رٽائر ٿيڻ کان پوءِ، سانگهڙ ۾ فوجي فائونڊيشن وارن جي اسپتال ۾ نوڪري ڪري ٿو. گهر ٻار سان اتي رهندو هو. هاڻي خبر پيئي آهي ته گمبٽ ۾ رهائش اختيار ڪئي اٿائين.

مسٽر غلام اڪبر سومرو، نئون ڳوٺ پناڻ جو هو. اهو به پهريائين استاد هو. هو اسان جي لڏي جو نه هو پر ڄاڻ ۽ علم وارو هو. بعد ۾ ماستري ڇڏي، ميرٽ تي P.T.C.L ۾ آفيسر ٿي ويو. هاڻي رٽائرمينٽ کان پوءِ، گمبٽ ۾ رهي ٿو. سڀ غريبن جا ٻار، محنتون ڪري آسائشن واري رٽائرڊ زندگي گذاري رهيا آهن. سڪون ۽ آرام ڪو نه آهي. اُڻ تڻ، بي آرامي، بدامني ۽ ٻچڙن جي روزگار جي مسئلن منجهائي وڌو آهي. دوا درمل ۽ تعليم ايترا مهانگا ٿي پيا آهن، جو سڀ ڪو پڄي ڪو نه ٿو سگهي. حلال مان گذر ڪرڻ، ڏاڍو تنگ ٿي پيو آهي. جڏهن ته حرام ڪمائڻ جا وسيلا هٿ ڪرڻ سيني جي وس جي ڳالهه نه آهي. اتي اڳي ئي واڳون واجهه وجهيو وينا آهن. هونئن به چوندا آهن: حرام به تڏهن ملندو، جڏهن نصيب ۾ لکيل هوندو. الله ﷻ سيني کي پنهنجي دران گهران ڪارائي، حرام ۽ ظلم جي ڪمائيءَ کان بچائي. آمين.

ظاهري طور مون وٽ عشق ۽ اِنتظار نه رهيو آهي، پر اندر ۾ جيڪي محبتن جا ٻج ڇَٽيا آهن اهي جهنگ ٻڻجي چڪا آهن. ان ٻيلي ۾ موجود يادن منجهان، منهنجو وجود ۽ مان، آسائتو ٿي مزا وٺي رهيا آهيون. ڪنهن سان نه گلا، نه شڪايت. ڪڏهن ڪڏهن مايوسي وڏي وجي ٿي ته ڪٿي وجي پناهه وٺندو آهيان. اڪيلائپ ۽ لاچارگيءَ، بيوسي ۽ بيچارگيءَ ۾ پنهنجو پاڻ کي سنڀالڻ به هڪ گر آهي، جيڪو سيني کي ڪو نه ٿو اچي. مون کي ته اصل ڪو نه ايندو آهي. اها حقيقت آهي، ڪنهن تي دانهن نه آهي.

اڪيلائپ، بيوسيءَ، لاچارگيءَ مان مراد آهي خيالن ۽ سوچن ۾ دوستن وغيره جو متفق نه هئڻ. ڳالهه ٿا ڪريون ته: ”قوم، ٻولي ۽ اخلاقيات تباهه پئي ٿئي.“ موٽ ۾ ڇهڙ ڏئي ٿا چون ته: ”ائين ٿيندو آيو آهي. تون-اسان ڇا ٿا ڪري سگهون. وغيره وغيره.“ هن دور جو

درمان ڪرڻ لاءِ تہ ڪو تيار نہ آهي، پر ان جو نوحو ٻڌڻ ۽ سمجهڻ لاءِ بہ ڪنهن وٽ وقت نہ رهيو آهي. ماڻهوءَ ڪي هڪ ڏينهن مرڻو آهي. ان جو اهو مطلب ناهي تہ اڄ ئي ڪفن وٺي، مرڻ گهرجي. اهو زندگيءَ جو ناڪاري پهلو آهي. هاڪاري پهلو اهو آهي تہ: دنيا جي قومن، جيئن چئلينجن کي مُنهن ڏنو آهي، تيئن ئي ايندڙ نسل جي آسائشن لاءِ جاکوڙڻو پوندو، نہ تہ مٽجي ويندا سون.

***

# سنڌ اندر تعليم

## (تباهيءَ ۽ تنزل جا ڪارڻ)

مرشد لطيف چيو آهي:

معلم ماڳ نہ اڳئين، ڦلنگي منجهہ ڦِريا،
ملاح تنهنجي مڪڙيءَ ۾، اڄي چور چڙهيا.

هن شعر جي لفظن ۽ مفهوم تي پوءِ ٿا سوچيون. پهرين موضوع سان، گهٽو نہ تہ ٿورو ئي سهي، انصاف ٿيڻ گهرجي. تمام ڊگهي بحث وارو موضوع آهي. تنهن هوندي بہ ڪوشش ڪبي تہ گهٽ ۾ گهٽ جملن ۾، مقصد واري ڳالھ نمايان ڪجي. مختصر طور تي ائين چئي سگهجي ٿو تہ: تعليمي تباهيءَ جا ذميوار، هيٺ ڄاڻايل عوامل ئي ٿي سگهن ٿا:

١- **حڪومت:-** ڪير بہ هجي: فوجي يا سياسي ماڻهو.

٢- **حڪومتي مشينري:-** تعليمي سيڪريٽري، ڊائريڪٽرَ، ڊسٽرڪٽ آفيسرَ، پرنسپال ۽ هيڊماستر صاحب وغيره.

٣- **استاد صاحب:-** ٻار/شاگرد جو، گهر کان پوءِ، استاد سان سڌو سنئون واسطو رهي ٿو.

٤- **والدين:-** ٻار جو جمڻ کان وٺي، ساڻن سڌو سنئون واسطو ٿئي ٿو.

٥- **معاشرو:-** اڄوڪو ٻار، جڏهن ورتل تعليم جو اهل ثابت نہ ٿو ٿئي تہ معاشرو سَنڌِ ٻڌجي وڃي ٿو. سماج ترقي ڪرڻ بدران، پنتي گهلجڻ شروع ٿئي ٿو. اڄ سڄي سنڌ جي حالت اهڙي ئي آهي، جنهن مان ڪا بهتريءَ جي اميد نہ ٿي رکي سگهجي.

هاڻي هر هڪ نقطي تي تفصيلي تجزيو پيش ڪريون ٿا.

۱. حڪومت:-

يورپ، آمريڪا، آسٽريليا، چائنا، جپان ۽ اسرائيل وغيره Welfare States (عوام جي ڀلائيءَ ۽ بهتريءَ وارا جمهوري ملڪ) آهن، جتي تعليم ۽ صحت ڪي اوليت حاصل آهي. اهي ملڪ، صحت ۽ تعليم جي حساب سان، گهڻو اڳتي آهن. جڏهن ته اسان ترڪي، سريلنڪا، بنگلاديش ۽ ملائيشيا کان به گهڻو پٺتي ٿي ويا آهيون. ٿورن لفظن ۾ ائين چئي سگهجي ٿو ته ۱۹۴۷ع کان وٺي ايوب خان يا يحيٰ خان جي دورن تائين، جيڪو اسان وٽ تعليمي معيار رهيو، هاڻي ان جي برابر نه رهيا آهيون. مطلب ته: تعليمي گراف، ستر واري ڏهاڪي ۾ بهتر هو ۽ هاڻي بدترين سطح تي پهچي چڪو آهي.

جمهوريت هجي يا ڊڪٽيرشپ، سيني حڪومتن جا اعلان هڪ طرف پر عملي طور تي سڄي صورتحال، لاعلاج مرض بڻجي چڪي آهي. يونيورسٽين، ڪاليجن، هاير سيڪنڊري اسڪولن، هاءِ اسڪولن ۽ پرائمري اسڪولن جي پرمار آهي، پر تعليمي معيار بهتر ٿيڻ بجاءِ ناقص نظر اچي ٿو. هڪ ته اسٽاف جي پرمار، ٻيو ڪاليجن ۽ اسڪولن ۾ استاد حاضري ڪو نه هوندي. اگر هوندا ته ڪين پڙهائڻ ايندو ئي ڪو نه! مون اڪين سان اهڙا ڏٺا آهن جيڪي، پگهارون ته ڪٽندا آهن، پر پڙهائڻ سندن وس جي ڳالهه ئي نه هوندي آهي. ائين شرمساريءَ ۾ پگهارون ڪٽندا رهندا آهن ۽ پروموشن ماڻيندا رهندا آهن.

”ناني ورهائڻ واري، ڏوهٽا ڪائڻ وارا.“ تعليمي ڪاتي ۾ نوڪريون ورهائيندي ورهائيندي، حڪومت وقت، موجوده صورتحال پيدا ڪئي آهي، جنهن جي ڪا دوا ۽ درمان ٿيڻ ممڪن نظر نه ٿو اچي.

تعليم ڪاتي ۾ هنگامي نه پر جنگي بنيادن تي اصلاح جي ضرورت آهي. اهو تڏهن ممڪن آهي، جڏهن حڪمرانن جا پنهنجا ٻار به انهن تعليمي ادارن ۾ پڙهن. ايترا ته ڊالرن ۾ فنڊ ٿا اچن جو حڪومتي

سطح تي بہ انهن کي هيٺ مٿي ڪرڻ لاءِ ورهاست جي باقاعدي پلاننگ ڪرڻي پوندي آهي. وزير، سيڪريٽري ۽ آفيسرَ هٿ ڪري، انهن کي ٺيڪا ڏنا ويندا آهن.

جڏهن حڪومت اهڙي نموني تعليم کي هلائيندي تہ سڌارو ڇو ايندو؟ هڪ تعليمي اداري جي سربراهہ کي ڇيو ويو تہ: ”هيٽرن لکن جا چيڪ ڏيو.“ هن چين تہ: ”صبحاڻي اچجو.“ رات پيٽ ۾، ان سربراهہ پنهنجي عهدي تان استعيفا ڏئي ڇڏي ۽ پاڻ صرف پگهار تي پڙهائڻ لاءِ خوش تي سڪون جي ننڊ ڪرڻ لڳو. سنڌ يونيورسٽيءَ سان، سنڌ سرڪار ڪيتري جٺ ڪئي آهي. وِي سِي صاحب جي عهدي کي برقرار رکندي، سڄي سنڌ جي سوِل سوسائٽي طرفان ڪيل مطالبن کي مجتا نہ ڏيندي رهي آهي. اجا ٻيا ڪهڙا مثال ڏجن. حڪومتي ٿنڪ ٽينڪ پنهنجي سوچ بدلائي تہ پوءِ بهتر تعليم لاءِ سڀ ڪجهہ ٿي سگهي ٿو. ڇو جو ڪجهہ بہ ناممڪن، قطعي نہ آهي.

٢- حڪومتي مشينري:-

حڪومتن کي اختيار آهي تہ سيڪريٽريءَ کان وٺي ايس ڊي اي او تائين، سمورا تعليمي آفيسر مقرر ڪري، پنهنجا Aims, Objects and goals حاصل ڪري. جڏهن حڪومت چاهي ئي نہ ٿي تہ تعليم سڌارڻي آهي، رڳو پنهنجا ڪاراوا ۽ ڪمدار مقرر ڪري، فائيلن جا پيٽ پري، پنهنجا پِيَ پرٽا آهن، تڏهن ايماندار، محنتي ۽ جفاڪش آفيسر ڪنڌائتا ٿيندا وڃن. نمايان پوسٽن تي اهي آفيسر مقرر ٿيندا آهن، جيڪي پاڻ پگهار کان وڌيڪ ڪمائيندا آهن ۽ مالڪن کي گهر ويٺي بريف ڪيس پري پهچائيندا رهندا آهن. تازو نيب، سنڌ ۾ تعليمي آفيسرن خلاف وٺ وٺان ڪئي تہ لاڙڪاڻي مان ئي آفيسرن جا ميڊيا ۽ پرنٽ ميڊيا جي پنن جي سُرخين سان هنن جي ڪرپشن جا تفصيل پڙهڻ لاءِ مليا. ان کان پوءِ باقي آفيسر سڄيءَ سنڌ مان اندر ئي اندر ڪروڙين روپيا ڏئي، تماشو ٿيڻ کان بچي ويا. چرٻٽ

راڄ وارو دور آهي، جنهن ڪي قاهي پوري آئي. اهڙيءَ طرح، تعليم کاتي ۾، سڀ رڏون ٻوٽ-ڪاريون، جاوا ڪري رهيون آهن. گذريل پنج سال، پير مظهرالحق ڪي سڄي سنڌ ڪجھ ڪو نہ ڪري سگهي، چو تہ حڪومت جي اصل واڳ وارا، منجهائئس خوش هئا. نتيجي طور، علم جي نالي ۾، جهالت ڪي عام ڪندو رهيو.

## ٣. استاد صاحبان:-

مرشد لطيف ؒ وارو شعر پڙهي ڏسو ۽ اڄوڪي استاد ڪي ڏسو. لفظ ڪهڙا بہ هجن، استاد، ماستر، ليڪچرر، پروفيسر وغيره ساڳي ڳالھ آهن. اهي عربي لفظ معلم وارا ئي آهن. معلم لفظ تي ڪيترا ئي اعتراض ڪندا تہ هن جي معنيٰ تعليم ڏيندڙ يا آخوند نہ آهي، پر مان ان لفظ ڪي تعليم ڏيندڙ جي پس منظر ۾ ڏسان ٿو.

ٽيچر، جڏهن ذميوار ٻٽبو آهي تہ سريلنڪا، بنگلاديش ۽ ملائيشيا وانگر قوم پيرن تي بيهڻ سڪي وئندي آهي. جيڪڏهن استاد ڏُسڙ ۾ پير هٽندو آهي تہ سنڌ واري صورتحال سامهون ايندي آهي.

استاد ڪي مقرر ڪرڻ وارا، حڪومتي ڪامورا آهن ۽ پاليسي حڪمران ٻٽائيندا آهن. سنڌ ۾ ١٩٧١ع تائين، ميرٽ تي جڏهن مقرريون ٿينديون هيون، تڏهن اسان جو استاد سڄي ڏکڻ ايشيا ۾ بهترين علم رکندڙ ۽ بااخلاق هو. استاد پيشو جُزِ پيغمبري هو. بعد ۾ اهو پوليس جمعداريءَ ڪان بہ بدترين ثابت ٿيو آهي. ڪاڪو سپاهي، صرف چور جو گهر ويران ڪندو هو، پر استاد: ڳوٺ، شهر ۽ پوري قوم ڪي تباهہ ۽ برباد ڪري ڇڏيو آهي. غريبن جا ذهين ٻار، جن لاءِ استادَ، والدين ۽ مُرشد ٻٽبا هئا. هنن استادن انهن معصومن ڪي جاهل، بشني ۽ ڏوهاري ٻٽائڻ ۾ ڪا ڪسر نہ ڇڏي آهي. اسان واري دور ۾ اسان جي والدين ڪي خبر ئي ڪو نہ هوندي هئي تہ ٻار ڇا ٿا ڪن. پرائمري استاد ۽ سيڪنڊري استاد جو ذمو هوندو هو ۽ ڪين خبر هوندي هئي تہ هي ٻار، جيڪي صبوح ڪان منجهند تائين اسان جي حوالي آهن، تن جي زندگي سنوارڻ، اسان جو فرض آهي. جيڪڏهن ڪو ٻار نہ پڙهندو هو تہ ان جي پيءُ ڪي گهرائي، ڪيس

ٻڌايو ويندو هو تہ: تو واري ٻار کان پڙهڻ زور آهي. ڪو هنر يا هارپو وجي ڪرائينس.

هاڻي هر شاگرد، سال پوري ٿيڻ کان پوءِ، پروموشن وني، مٿئين ڪلاس ۾ اچي ٿو. استاد هن کي انٽر تائين تہ ڪاپي ڪرائي سرٽيفڪيٽ هٿ ۾ ڏئي ٿو. حڪمران ۽ آفيسر، سفارش ۽ پئسن جي آڌار تي، اڳ ۾ ان ڊفر کي نوڪري ٿا ڏين. ذهين ۽ حقدار، يونيورسٽين جا ڊگري حاصل ڪندڙ شاگرد حيران، پريشان ۽ ڊپريشن ۾ ونجيو وڃن تہ هي ڪهڙو انڌير آهي! عقل جا جڏا، مزا پيا ماڻين ۽ اسان اهل اميدوارن کي پڇڻ وارو ڪو بہ نہ آهي. غريب مسڪين ۽ شريف والدين جي ٻچن جي مستقبل تي راتاها لڳا پيا آهن. ائين چاليهہ سال گذري چڪا آهن. هاڻي تہ نااهل استادن، اهڙيون تنظيمون ناهيون آهن جو حڪومتون بہ سندن آڏو لاچار ۽ مجبور ٿي چڪيون آهن. ڪين پنهنجن حقن جو تہ عِلم آهي پر قوم جا مٿن ڪهڙا فرض آهن، اُهو ڪتاب هو کولڻ لاءِ تيار نہ آهن. هو نيشنل بلڊر تہ سڏرائي ٿو پر اسڪول ۾ اچڻ ۽ پڙهائڻ لاءِ تيار نہ آهي.

استاد، ڪيترن قسمن جا آهن.

١- گورنمينٽ آف سنڌ مان پگهار کڻڻ، يونين جا عهديدار بڻجي، پنهنجا خانگي ڪاروبار ڪرڻ وغيرهہ.

٢- پرائيويٽ اسڪولن ۾، سرڪاري پگهار کڻندڙ استاد، پابنديءَ سان ڪلاس وٺندا آهن ۽ پئسا ڪمائيندا آهن. پرائيويٽ اسڪول بہ اُهي ئي هلائيندا آهن.

٣- اسڪولن ۾ ريگيولر استادن جو ڪاروبار، ٽيوشن جي صورت ۾ هلي ٿو. جن کي پڙهائن ٿا، انهن لاءِ وري ساڳيو اسڪول، پنهنجي اوطاق يا مسواڙ جي جاءِ ۾، ٽيوشن سينٽر جي نالي سان

ڪولين ٿا. ائين اهو ڏنڊو ڏينهون ڏينهن عروج حاصل ڪندو رهي ٿو.

۴- يونين ۾ آفيسرن جي معرفت، پنهنجي پگهار مان ٻيا ٻي روزگار مقرر ڪري، ڪين ڪجهه ونڊ ڪرائي، استاد مقرر ٿين ٿا. يونين ۾ آفيسرن ڪي علم هوندو آهي، ڇو جو ڪين ٻه منٿلي ملندي رهندي آهي.

۵- وڏيرن ۾ آفيسرن جي چوڻ تي اسڪول نه وڃڻ، صرف بنگلن تي ڪمداري ڪرڻ وارا استاد ٿيڻ.

٦- پگهار، اڪائونٽ ۾ هر مهيني پابنديءَ سان ويندي پر استاد اسڪول جا ملڪ ۾ ئي نه هوندو آهي. جنهن ڪي ٻين لفظن ۾ ويزا تي وڃڻ ٿا سڏين.

٧- نهي نڪي، روز اسڪول ويندو، پر پڙهائڻ ڪان ٻرو چڙهندس.

ائين انيڪ قسمن جا استاد آهن، جو ٻڌندي ۾ ڏسندي حيرت پئي لڳي. جعلي استادن جو ايترو تعداد آهي، جيترو اسلام آباد جي گڏريل پارليامينٽ ۾، جعلي ڊگريون رکندڙ پارليامينٽرين ميمبر به نه هئا.

ڪڏهن اوپر پاڪستان جي استادن جون ڳالهيون پڙهندا ۾ ٻڌندا هئاسين، پر هاڻي ته تعليم، سگهن وجهائڻ خاطر پنهنجا ڪن به ڪپائي ويني آهي. اهو صرف ۾ صرف اُستاد جو ڪارنامو آهي. هو استاد ٿيڻ بجاءِ، پيپلو، مسلم ليگي ۾ ديشي وغيره ٿي پيو آهي. قوم جو سڄو ٻيڙو استاد ٻوڙيو آهي. جرڳو ڪري، ڪين ميڙ منٿ ڪرڻ گهرجي. نه سڌرن ته ڪورٽن ۾ گهلي وني هلجين. بلڪل ٿورا آهن، پر منظم هجڻ جي صورت ۾، شريفن جي اڪثريت ڪي، هاءِ جيڪ ڪري وينا آهن. جيئن خيبر پختونخوا ۾ طالبان تعليم تباه ڪري رهيا آهن. سنڌ ۾ پنهنجن مفادن جي ڪري، استادن تعليم جي ٻيڙي ٻوڙي ڇڏي آهي.

## ۴- والدين:-

اچو تہ والدين کي ڪئٽيگريز ۾ ورهايون:

١. سياستدان ۽ بيوروڪريٽ والدين:- هنن جا ٻار بهترين پرائيويٽ اسڪولن ۾ پڙهن ٿا، تنهنڪري بحث کان خارج آهن.

٢. مڇي ماني ڪائڻ وارا والدين (مڊل ڪلاس):- اهي توجهہ ڏين ٿا. ٻارن جي مستقبل تي ڪافي خرچ بہ ڪن ٿا. حرام و حلال جي دولت وٽن پڻ آهي.

٣. نوڪري پيشہ ۽ دوڪاندار والدين:- پنهنجي حال آهر، ٻارن کي سنڀالين ٿا. تڪليفون وٺي ٻارن کي پرائيويٽ اسڪولن ۾ پڙهائين ٿا.

۴. عام طبقي جا والدين:- چوندا آهن: ”گدرو ڪري چاقوءَ تي، يا چاقو ڪري گدري تي؛ نقصان مڙئي گدري کي.“ عام طبقي جا والدين تقريباً ستر (٧٠) سيڪڙو ٿئي ٿو. سڀ کان وڌيڪ ٽئڪس اهو ڏئي ٿو. سڄو ڏينهن محنت مزدوري بہ اهو ڪري ٿو. مستقبل بہ ان جو غير يقيني آهي.

جڏهن حڪمران؛ جاگيردار ۽ صنعتڪار هجن تہ ايئن ٿيندو، جيئن ”گوشت جا واهي ٻلا هجن.“ هتي تہ اسلام ۽ جمهوريت جا نالا آهن، پر معاشري ۾ رڳو ظلم ۽ ناانصافي آهي.

عام والدين، گهر جو ۽ پيٽ جو دوزخ پرڻ ۾ پورو ڪو نہ ٿو پوي تہ ٻارن جي تعليم تي هو ڪهڙو توجهہ ڏئي. ائين سنڌ جي ذهانت تباهہ ۽ برباد ٿي رهي آهي. چانورن جي اٽي ۽ سبزيءَ، اسان جي اڪثريت کي پريشان ڪري ڇڏيو آهي. جيئڻ مسئلو بڻجي پيو آهي. قدرتي آفتن بہ هن طبقي کي بيوس ۽ لاچار ڪري ڇڏيو آهي. بيمارين مان جند ڪو نہ ٿي ڇٽي، ماسترن کان وڌيڪ ڊاڪٽر بي رحم بڻجي چڪا آهن. انهن حالتن ۾ غريب ڇا ڪري. منهنجي وس

۾ نہ آهي. مون ڪي لفظ ۽ جملا ڪو نہ ٿا سُجهن جو هنن جي عذابن ڪي مان قلمبند ڪري سگهان.

خوشي ۽ خريد، وئي ويچارن وسري.

## ۵. معاشرو:-

سول سوسائٽي سنڌ جي، دانشور سنڌ جو، هاري ۽ پورهيت سنڌ جو، عام پڙهيل لکيل سنڌ جو، واپاري، دوڪاندار، ٺيڪيدر، صوبيدار، ٽپيدار، مختيارڪار، آفيسر، چور، ڌاڙيل، پاٽاريدار، بيمار، ڊاڪٽر، شاگرد استاد ۽ حڪمران وغيره هن معاشري جو حصو آهن. جڏهن تہ معاشري ڪي بئلنس ڪرڻ، قانون جي حڪمراني، امن امان ۽ انصاف هر ڪنهن ڪي گهرجي. اِهي ڳالهيون گذريل سالن کان اسان جي معاشري ۾ ناپيد آهن. پوءِ ڇا ٿيڻ گهرجي ۽ ڇا ڪرڻ گهرجي؟

اسان جي معاشري کان وڌيڪ خراب معاشرا پنهنجي وجود برقرار رکڻ ۾ ڪامياب ٿيا آهن. جن ننڊ ڪئي آهي، اهي مٽجي ويا آهن. ڇو تہ الله ﷻ بہ انهن جي مدد ڪري ٿو جيڪي پنهنجا هٿ، پير ۽ دماغ استعمال ڪري، جيئري جنت ناهين ٿا، ور نہ جيئري ئي پيا دوزخ ۾ سڙن. الله ﷻ کي ڪنهن جي پرواهہ نہ آهي. همتِ مردان، مدد خُدا.

مرشد لطيف ؒ چيو آهي:

سَڌائـتـي سپ ڪا، بک نہ باسي ڪا،
جيهي تيهي ذات جي، جنبش ڪانهي جاءِ. (آسا)

جنهن معاشري تي آءٌ لکڻ چاهيان ٿو، اهو تہ اسان سيني جي آڏو آهي. هر هڪ ان ۾ رهي ٿو ۽ هر ڪو ئي پاڻ کي غير محفوظ سمجهي ٿو. ظاهر آهي، سوشل جسٽس ختم ٿيندو تہ ائين ئي ٿيندو. جدلي ماديت يا تضادن کي ڪنٽرول ڪرڻ، تيستائين ڏکيو آهي،

جيستائين ان جي پاڙُن (Roots) کي تبديل نہ ڪيو ويندو. هن ملڪ کي وجود ۾ آئي ٦٥ سال گذري چڪا آهن. پل هزارين سال بہ گذرن، اگر صحيح دڳ نہ ورتو ته ڪو لاڀ يا ڦل ملڻ جي اميد ڪرڻ، ٻبرن کان ٻير گهرڻ جي مترادف ٿيندو.

نيٺ ٿيڻ ڇا گهرجي؟

منهنجو خيال آهي تہ سنڌ جي ٿنڪ ٽينڪ (Think tank) کي، جيڪا پاڻ کي سنڌي معاشري ڏانهن جوابده سمجهي ٿي ۽ پنهنجي ضمير جي هٿئون ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪرڻ چاهي ٿي، سياست کي خيرآباد چوڻ گهرجي. هيترا سال نعريبازي ڪئي آهي، وريو تہ ڪجهہ بہ ڪو نہ آهي. اڳي کان وڌيڪ ننڍڙا ٽي ويا آهيون. ٽنهنڪري ليڊرن بدران ورڪر تيار ڪرڻ گهرجن. اسان چاهيون تہ سيني چڙوچڙ ماڻهن، پ پ پ کان گذريل دؤر ۾ لوڪل باڊيز جو بل واپس ورتايو. اهڙي نموني تعليم جي نقطي تي متفق ٿي، جدوجهد ڪرڻ گهرجي.

هتي پاور، هميشہ ڏاڍي مڙس وٽ رهيو آهي. اُهو هاڻي، انصاف پرئي معاشري قائم ڪرڻ لاءِ، شريف ماڻهوءَ جي هٿ ۾ اچڻ گهرجي. ٻئي هٿ ۾، ڪيس شاهہ جو رسالو هئڻ گهرجي. جيڪو وري شاهہ جي آيتن کي مڃتا نہ ڏئي، ان کي جوڳي سزا ڏيڻ گهرجي. هر ضلعي ۾ وڪيلن جا پينل هئڻ گهرجن. اهڙي نموني استادن، پروفيسرن، ڊاڪٽرن ۽ انجنيئرن وغيره کي سوشل ورڪ ڪرڻ لاءِ تيار ڪجي. ڇا هر ضلعي مان ڏهہ ماڻهو ملڻ مشڪل آهن؟ سڄي سنڌ مان اسان تقريباً هڪ سؤ ماڻهن جي اسيمبلي فورم ٺاهي سگهون ٿا. پنهنجو خرچ پاڻ برداشت ڪرڻ جي بنياد تي، سال ۾ بہ دفعا، ڪٿي گڏ ٿي سگهون ٿا. هيءَ رٿا افسانوي لڳي ٿي، پر ڪم ۾ هٿ وجهبو تہ ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪري وجهبو. علم کان سواءِ، ڪجهہ بہ نہ آهي. مُٺ جيترن انگريزن، اسان سنڌين کان هٿيارن جي زور تي، آزادي کسي ورتي هئي. دنيا وارو اهو علم، اسان جي

قوم جي هٿ نہ ايندو تہ فنا جي ڪُن ۾ غرق ٿي وينداسين. ڪو بہ اسان کي بچائي ڪو نہ سگھندو.

اڄوڪي دؤر ۾ هي مضمون ۽ مقالا، تقريرون ۽ تحريرون، سڀ سنڌي پڙهيل ۽ اڻ پڙهيل ڄاڻن ٿا. اسان کي سنڌ ۾ ائين ڪم ڪرڻ گھرجي، جيئن حضرت عيسيٰ عليه السلام جي پيروڪارن، مشنريءَ جي ناليءَ، انسانيت کي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڦهلايو. مان عيسيٰ عليه السلام کي سوشلسٽ نبي ۽ موسيٰ عليه السلام کي قوم پرست نبي چوندو آهيان. موسيٰ عليه السلام جڏهن ڏنو تہ هڪ بني اسرائيل کي، هڪڙو مصري ماري رهيو آهي تہ هن اڳتي وڌي هُن کي ٺُڪ هنئي جنهن تي هو مري پيو. حضرت عيسيٰ عليه السلام کي تہ گھر ۽ ٻار بہ ڪو نہ هئا. نظرين کي قوت ٿيندي آهي. اسان کي ڪنهن نظريي تي هلڻو پوندو، اهو آهي سنڌين جي خدمت ۽ عظمت.

سپريم ڪورٽ، سنڌ ۾ تعليم کي سڌارڻ لاءِ حڪمنانو ڏنو آهي. عمل تہ حڪومت ڪرائيندي نہ. ڪو بہ سڌارو اچڻو نہ آهي، جيستائين سول سوسائٽي پاڻ ڪجھ نہ ٿي ڪري. هر تعلقي نہ تہ ضلعي ۾ تعليمي آفيسرن، يونين جي عهديدارن ۽ استادن کي ڪٺهڙي ۾ بيهارڻ گھرجي. اهو ڪم سياست کان وڌيڪ مقدس آهي. ڪامريڊ حيدربخش جتوئيءَ اڪيلي سر ڪورٽن جي آڏار تي هارين کي ٻنئيءَ مان حصو وٺي ڏنو هو. هو با اخلاق ۽ Devoted ماڻهو هو، تہ ڪجھ ڪري ويو. سائين جي ايم سيد سڄي عمر ڪشالا ڪڍيا. نتيجي ۾ مرڪز وارين سياسي پارٽين ٽوپي، اجرڪ ۽ گيتن کي پنهنجو ڪيو پر اصل نظريي جا اڄ بہ ايترا مخالف آهن جيترا ڪلهہ هئا. اهو نظريو آهي؟؟ خوشحالي، حق وارثي، تاريخ تمدن ۽ اقتصادي وسيلا، سنڌي ماڻهن لاءِ هئڻ گھرجن. سنڌ، پنهنجي اصل حيثيت وڃائي ويني آهي، پر اسان کي سياست کان پاسيرو رهڻو پوندو. جيڪڏهن عوام چاهيو تہ پوءِ سياست ڪاڏي ويندي. نابالغ ٻار، شادي نہ ڪندو آهي. پاڻ ذهني طور بالغ ٿيون تہ ايندڙ

وقت ۾ سياست ۾ ٿيندي. سنڌ ڪنهن ”بيڪريءَ جو ڪيڪ“ نہ آهي جو هر ڌرتيءَ-لوڌيو ڪائيندو وتي. پير ۽ مير، واري واري سان، انهن جا اتحادي ٻٽبا وتن. ڪارلائل چيو آهي: ”نانگ پنهنجي ڪل تيستائين نہ مٽائيندو آهي، جيستائين اندران سندس ٻي ڪل پچي راس نہ ٿيندي آهي.“ تعليم جي تباهيءَ ۾ اسين سڀ هوش وارا ذميوار آهيون. تعليم جي سهاري، دنيا پنهنجو وجود بچايو آهي ۽ ترقي ڪئي آهي.

**Education:-** The aggregate of all the process by means of which a person develops abilities, attitudes and other forms of behavior of positive value in the society in which he lives.

***

# سنڌ ۾ بجلي

## (بحران ۽ واپڊا جي آپدا)

سنڌ جو ٧٠ سيڪڙو عوام، بجلي نہ هئڻ ڪري، ڏکن ۽ ڏوجهرن ۾ آهي. اڄ دل چوي ٿي تہ ان تي لکجي.

سال ١٩٦٢ع ڌاري، جنرل ايوب خان جي صدارتي اليڪشن ڪان پوءِ، اسان جي ڳوٺ مسوديرو، تعلقو رتوديرو، ضلعو لاڙڪاڻو ۽ پرپاسي جي وڏن ڳوٺن خاص طور تي ميرپور پٽو[1] ۾ بجلي ان ڪري لڳي هئي جو ايوب خان جي بيسڪ ڊيموڪريسيءَ تحت، هر يونين ڪائونسل جي چيئرمين جي ڳوٺ کي بجلي ڏيٽي هئي. ميرپور وارا، پُٽي صاحب يعني ايوب خان جي ڌر هئا. جڏهن تہ سردار غلام رسول خان جلباڻيءَ فاطمہ جناح کي صدارتي ووٽ ڪيو هو. هڪ ڳالھ ظاهر آهي تہ بجلي صرف ايوب خان جي حمايتين لاءِ ڪو نہ هئي پر مخالف ڌر لاءِ بہ ساڳيو منصوبو هو. اهو ون يونٽ جو دور هو. ون يونٽ يعني سنڌ صوبو، خيرپور رياست، بهاولپور رياست، پنجاب صوبو، سرحد صوبو، قلات رياست ۽ بلوچستان جو انتظامي يونٽ ملائي، اولھ پاڪستان نالي سان هڪ صوبو ناهيو ويو هو. اها بي ايماني اوڀر پاڪستانين جي برابريءَ لاءِ ڪئي وئي هئي، جيڪا يحيٰ خان ١٩٧٠ع جي اليڪشن دوران، بلوچستان کي صوبائي حيثيت ڏئي، رياستون ختم ڪري، پنجاب، سنڌ ۽ سرحد کي الڳ صوبي طور بحال ڪيو.

جڏهن بجليءَ جا پول ۽ تارون لڳيون هيون تہ اسان کي لغڙن اڏائڻ ۾ تڪليف ٿي هئي. جڏهن تہ بلبن، رات کي ڏينهن بڻائي ڇڏيو هو. سانوڻ ۾ پکن جي هوائن، گهرن کي جنت بڻائي ڇڏيو هو. معمولي

---

1 سردار پير بخش خان پُٽي جو ڳوٺ

بل هوندو هو. ڪو بہ چوري نہ ڪندو هو. اها سنڌ بااخلاق، مهذب، ايماندار، صابرين، غربت ۽ امن امان واري اڪين سان ڏٺي، جنهن ڪان اسان جي اولاد محروم آهي. اهي غيرتمند سنڌي قبرن ۾ هليا ويا ۽ ڪتابن ۾ هميشہ زندھ رهندا. اڄوڪو دجالي دور نہ هو: جو ماڻهو، ٻار ۽ عورتون ڊورن ۽ ڏڦن وانگر ٻڪرين ۽ رڍن وانگر چوري (اغوا) پيا ٿين. عزت ۽ شرافت سڀ ڪجھ هو. پئسي جي اهميت ثانوي هئي. چوندا هئا: دولت، هٿن جي مَر آهي.

غربت، مِهڻو ڪو نہ هوندو هو. چور ۽ بدماش ٿيڻ، ذلت هوندو هو. هر ڪو پورهيو ڪري، پنهنجي گهران تران حلال ڪائيندو هو. گهُري اڏارو ونبو هو، چنڊ جو رواج نہ هو. آهستي آهستي ڏارين جي اچڻ، ريڊيو، اخبارن ۽ ميل جول وغيره اسان کي تبديل ڪرڻ شروع ڪيو. هاڻي اسان جا لڇڻ: وڏيرن، آفيسرن، حڪمرانن ۽ غلط ماڻهن جهڙا ٿيا آهن. نتيجي ۾ سيئي مصيبتن ۾ آهيون. ٻيا تہ نهيو، گهر وارا، پائر ۽ اولاد بہ هڪٻئي کي ڪو نہ ٿا سڃاڻون. رڳو هڪڙي دانهن آهي: اسان سِگَن وجهرائڻ لاءِ ڪوشش ڪئي، الٽو ڪَنَ بہ ڪپائي آياسون.

نئون ڊيرو، پٽن مان ڦري هاڻي زردارين جو شهر ٿي پيو آهي. اڳتي جي خبر خدا کي. پ پ پ جي گذريل دور ۾، پنج سال اسان لوڊ-شيڊنگ نہ ڏٺي. چوويھ ئي ڪلاڪ بجلي هوندي هئي. نواز شريف جي حڪومت اچڻ کان پوءِ، نئين ديري وارن کان، سڀ پَلوَ اڳاڙجي ويا آهن. هڙتالون، جلوس، اخباري بيان پر "پئنچن کي مُهت آ، نياز آ اتي جو اتي"، وڏي عذاب ۾ آهيون.

١٦ ڪلاڪ، ١٨ ڪلاڪ، ١٢ ڪلاڪ، ١٠ ڪلاڪ بجلي نہ هوندي آهي. رمضان شريف جي مهيني اندر، برڪت ڀريي مهيني جي صدقي، ڪجھ رليف مليو. بجلي پوءِ بہ هر هر ٽِرپ پئي ٿئي. سرنديءَ وارن وٽ جنريٽر، سولر سسٽم ۽ يو پي ايس وغيره آهن. اهي خرچ ٧٠ سيڪڙو نئون ديرائي برداشت نہ ٿا ڪري سگهون.

سرڪار ڪي گهٽو ٻُرو پلو چئون ٿا، پر اڄ پنهنجي ڪردار تي بہ لڪڻ لاءِ مجبور آهيان. نہ شاگرد پڙهِي، امتحانن جي تياري ڪري ٿا سگهن. نہ وري آرام سان ڪاروبار ڪري سگهجي ٿو. نہ ڪو ئي اسپتالن ۾ مريضن جي آپريشن وغيره ٿي سگهي ٿي. گهرن ۾ بيچيني آهي. جڻ سڄي سنڌ پاڳل بڻجڻ جي ويجهو پئي ٿيندي وڃي. هن شهر ۾ بغير ميٽرن جي اي سِيز جو تعداد، هر سانوڻ ۾ وڌندو رهي ٿو. مون کي ياد آهي ۲۰۰۸ع ۾ اي سيز جو تعداد ۴۵۰ کان مٿي ڪو نہ هو. هاڻي انهن ۾ گهٽو واڌارو اچي چڪو آهي. گهر، اوطاقون، دوڪان، مدرسا ۽ مسجدون بہ اي سي لڳل ٿي پيا آهن. واپڊا وارن سان سيٽي جي ڏيتي ليتي آهي. جيڪي انهن کي پئسا نہ ٿا ڏين، انهن جي گهر جي بلن ۾ لکين روپيا بقايا لڳل آهن.

شهر جا ۳۰ سيڪڙو ماڻهو، اي سي هلائن ٿا. باقي ۷۰ سيڪڙو بلب ۽ پکي تي گذارو ڪن ٿا. انهن مان اڌ ماڻهن وٽ ميٽر نہ آهن. انهن کان بہ، واپڊا وارن طرفان هر محلي ۾ مقرر ٿيل ماڻهو، اوڳاڙي ڪري کين پهچائين ٿا. ڏيتي ليتيءَ جي اهڙي چين آهي، جنهن کي ڪٿي بہ ثابت ڪري نہ ٿو سگهجي. تنهن هوندي بہ هڪ ثبوت ڪافي آهي تہ گهرن ۾ بجليءَ جو سامان، استعمال هيٺ آهي. بجليءَ جو ميٽر نہ آهي تہ بل ڇو ايندو؟ اهڙو جادوئي سسٽم.

هونئن تہ سڄيءَ سنڌ ۾، هفتن جا هفتا ۽ مهينن جا مهينا، ٽرانسفارمر خراب آهن يا سڙيل آهن. ڳوٺاڻن کي، هزارين روپيا گڏ ڪري، رشوت طور ڏيڻا پوندا آهن، پوءِ بہ ٽرانسفارمر هليو تہ شڪر ڪن. مزي جي ڳالهہ تہ پئسا بہ اهي گڏ ڪندا آهن، جن وٽ سڌو سنئون اي سيون هلنديون آهن. پر پئسن جو بار، سڄي ڳوٺ تي رکندا آهن. ڳوٺاڻن کي وري ميٽر نہ هوندا آهن. جن کي ميٽر آهن، اهي بل ڏسي اندر ئي اندر ۾ دونهين وانگر پيا دکندا آهن تہ ناحق وڏا ميٽر هٽائي ويا، هاڻي تہ ڏچو ئي ڏچو آهي.

لاڙڪاڻي ۾ نيب وارا پهتا آهن، وٺ پڪڙ آهي. لاڙڪاڻي جيل جي بجلي ڪٽيل آهي، ڇو تہ ڪروڙن ۾ بل رهيل آهي. ٿيندو ڪجهہ

ڪو نہ. ڇو تہ تقريباً ستر سال هن معاشري کي ايئن ئي بگڙجندو ڏسون ٿا. بجلي اچي ٿي تہ ٽي وي تي ڏسجي ٿو تہ توهان اسان جهڙا انسان، شاندار ڪوٺين مان نڪري، اي سي گاڏي تي چڙهي، ٿڌن هالن يا آفيسن ۾ اچن ٿا. ڪوٽ سوٽ، سياري وارا پيا اٽن. سنڌ ۾، سڄ نيزي پاند آهي. ڪامڻ ۽ ٻُڪين جون بيماريون وڌي رهيون آهن. ٻار ۽ مور مري رهيا آهن. چمڙيءَ جون بيماريون ۽ ذهني بيماريون وڌي رهيون آهن. پر وس وارا چوندا تہ: ”ادا! سانوڻ باقي ٿي مهينا، دِل نہ لاهيو، پوءِ تہ موجان ئي موجان.“

مٿي ڳالهہ ڪري چڪو آهيان تہ ڳوٺ ۾ بجليءَ جا ڪارا ۽ ننڍا ميٽر هوندا هئا. نئين ديري ۾ گهر نهي مڪمل ٿيو تہ ڳوٺ جي گهرن جا ميٽر ۽ سروس وائر، رتيديري واپڊا جي آفيس ۾ جمع ڪرايا هئا. ڪجهہ سالن ڪان پوءِ خبر پئي تہ بجليءَ جا بل اچي رهيا آهن. مشرف دور ۾ سختي ٿي تہ مان محتسب اعليٰ (صوبائي) کي شڪايت ڪئي تہ بل بوگس آهن. اسان نئين ديري لڏي آيا آهيون. اتي تہ جايون بہ پٽ ٿي ويون آهن. آخر ٣ سال حاضريون ڪاٽيون، پوءِ منهنجي حق ۾ فيصلو آيو.

اهڙي نموني سڄيءَ سنڌ ۾ اربين روپين جون بوگس بقاياڻون آهن. ڇا ڪجي؟ ميٽر ريڊر سنڌي، SPOs مهراڻ جا قومپرست، سياستدان ۽ حڪمران سنڌي، شڪايت ڪيون تہ ڪيون ڪنهن جي؟ ڪاش! نورالدين سرڪي جيئرو هجي ها تہ سڄيءَ سنڌ جو ڪيس مفت ۾ وڙهي ها.

چوندا آهن تہ حقيقي عالم ۽ دانشور، قومن جو اثاثو هوندا آهن، سو اڄ سراج ميمڻ ياد پيو اچي. هن ڪافي عرصو اڳ ”جاڳو“ اخبار جي مستقل ڪالم ”رتي جي رهاڻ“ ۾ لکيو هو تہ:

”اسان جا سنڌي دبئي ۽ مشرق وسطيٰ ۾ مزدوريون ڪري، خون ۽ پگهر ڏئي، اليڪٽرانڪ جو سامان آڻن ٿا. اڳتي تہ بجلي ئي ڪو نہ هوندي پوءِ اهي بيڪار گهرن ۾ پيا هوندا.“

سراج اهو سنڌي هو، جنهن کي CSS پاس ڪرڻ کان پوءِ، نوڪري ملي هئي. هن کي ائين چئي نوڪريءَ مان ڪڍيو ويو هو ته: ”توهان جي ايم سيد سان گڏجي پمفليٽ لکيو آهي سو پياري پاڪستان ۾ نوڪري ڪرڻ لائق ناهيو.“

سو يار! ولي خان جو پٽ، غوث بخش بزنجي جو پٽ، شاهه محمد شاهه، جام ساقي ۽ غلام قادر پليجو وغيره سڀ توهان جهڙا پاڪستاني ٿي چڪا آهن. هاڻي ته اسان کي سڪون سان جيئڻ ڏيو. عمل، انصاف، مالي وسيلا، درياءَ جو پاڻي، ڪسٽم جو روينيو، ڌارين جي لوڏ، چائنا جي ڪاريڊور مان سنڌ جو حصو، آءِ ايم ايف جي قرضن جو حساب ڪتاب ته توهان کان ڪو نه ٿا گهرون. صرف پڪي جي هوا ۽ بجليءَ جي روشني به نه ٿا ڏئي سگهو، ته ڏيو سنڌ ڪنهن کي ٺيڪي تي. ماڻهو ماضيءَ مان سڪندا آهن پر اوهان پاڻ مان به نه ٿا سکو.

شل! اوهان به هوا ۽ روشني لاءِ سڪندا رهو، تڙپندا رهو!

***

# سانگهڙ جو سفر

## (عبدالغفار تبسم سان ملهايل شام جو احوال)

ڊاڪٽر خليل الله شيخ ۽ مان، ۱۰ فيبروري تي ۱۲ بجي، گڏجي نئين ديري مان نڪتاسين. سانجهيءَ کان اڳ، حيدرآباد باءِ پاس تي قاسم آباد گيٽ وٽ، پهچي موڪلايوسين. ايندڙ صبح تي ملڻ جو پروگرام طئه ٿيو. مان پنهنجن پٽن سان مليس. تبسم صاحب ڪراچيءَ مان اچي رهيو هو. امداد علي کهڙي (خان صاحب) وٽ بئي رات رهندا. خميس تي سانگهڙ لاءِ نڪربو.[1]

پٽن عبدالله ۽ تاج سان، ڪجهه ٽائيم رهي، چانهه پي، رشيد ڪٽپر صاحب وٽ فليٽ تي پهتس، جيڪو نسيم نگر جي ويجهو ئي هيو. رات جو احسان راهوجو صاحب مليو. گڏجي ماني کائي، سمهڻ جي ڪئي ته راهوجي صاحب آفر ڏني: ”سنڌ ميوزم جي ممتاز آڊيٽوريم اندر، سنڌي ٻولي قومي ٻوليءَ بابت گڏجاڻي آهي، آخر ۾ راڳ رنگ آهي، هلو ته هلون.“

ڪٽپر صاحب هلڻ لاءِ تيار نه ٿيو. ٿڪل هجڻ جو عذُر ڏنائين. پاڻ نڪري پياسون. قاسم آباد، گذريل ڇهن مهينن ۾، وڏي ترقي ڪئي آهي. روڊ رستا ۽ چوراها ڏسي، دل کي آٿت مليو.

سنڌ ميوزيم ۾ پهتاسون ته ڊاڪٽر صاحب وارا تبسم سميت ڪلندي مليا. خان صاحب، ميار ڏني ته: ”اوهان نه آيا.“ اتي ئي نوابشاهه وارو قاضي پريتم به مليو. ڪجهه ٽائيم مقررن جون تقريرون ٻُڌيون. هال

---

[1] عبدالغفار تبسم سان، سانگهڙ جي اديب دوستن شام ملهائي، جيڪا خميس ۱۱ فيبروري ۲۰۱٦ع تي رکيل هئي. ان ۾ شرڪت لاءِ، تبسم صاحب سان گڏ سفر ڪرڻو پيو. اهو احوال ۽ جيڪي ان دوران ڏٺو وائنو، هتي پڙهندڙن جي دلچسپيءَ لاءِ درج ڪجي ٿو.

پريل هو. راهوجي صاحب کي مهمان ملي ويو. هن کي، ڪيس ماني ڪارائڻي هئي. مان اتي ئي رهڻ تي ترجيح ڏني.
گهُٽ هٽي، ڊاڪٽر صاحب جن ڪان بنا ٻڌائڻ جي ٻاهر نڪري آيس. نياز حسين ملي ويو. چانهه جي تلاش ڪئيسون پر ڪو آثار نہ مليو. سڀني ڏينهن جو ٿڪ ظاهر ٿيڻ شروع ٿيو. هال ڏانهن واپس وڃڻ جي بجاءِ، نياز حسين سان ڪچهري ڪرڻ لڳس. راهوجو صاحب آيو تہ ٻاهران ئي راڳ جا آلاپ ٻڌي، واپس فليٽ تي پهتاسون.

معمول موجب، صبح جو سوير سجاڳ ٿي تيار ٿيس. گڏجي نيرن ڪري، عبدالغفار پٽي ۽ ڊاڪٽر صاحبان جو انتظار شروع ٿيو. پوءِ جيئن ٿيندو آ، تيئن ٿيو. سانگهڙ جي تاريخي ماڳن ڏسڻ تان مون پاڻ پلي ڇڏيو، ڇو تہ ٽائيم ئي ڪو نہ ملندو.

برهمڻ آباد (منصوره يا دلوراءِ)، گڙنگ بنگلو، مُکيءَ جي ٻيلي واري سرزمين ۽ ڍنڍ وغيره (جيڪي نشان بہ ختم ٿي چڪا آهن)، آخر ۾ ١٢ بجي حيدرآباد ڇڏيوسين. احسان علي راهوجي سان مان ۽ نصير مرزا صاحب، ڊاڪٽر صاحب سان پٽي صاحب ۽ انعام شيخ، رشيد ڪٽپر صاحب سان حق نواز سومرو صاحب گڏ هو. خان صاحب، گهر جي اڪيلائي سبب، اسان سان گڏ رفيق سفر نہ ٿيو.

سفر ۾ ڪچهريءَ دؤران، يادن پنهنجا ڪَرَ ڪنيا. ڪافي عرصو اڳ برساتن جي موسم ۾ (جون جولاءِ جي موڪلن ۾) ٽنڊو آدم، سانگهڙ، سنڌڙي، ميرپورخاص ڪان عمرڪوٽ تائين ويا هئاسون. بسن تي هلندي ٿڪبا ڪو نہ هئاسون. ڪو ماڻهو پڇندو هو تہ: ”اتر جا آهيو؟“ اسان جون واڇون ٽڙي پونديون هيون. فخر سان چوندا هئاسون: ”لاڙڪاڻي جا آهيون.“ ايئن رلندي پٽڪندي، سنڌ گهمندي، سرور ماڻيندا هئاسون. هاڻي ڏٻري ڍور وانگر ٿي پيا آهيون. جلد ٿڪجي پئون ٿا. جڏهن پراڻي سنگت ملندي آهي تہ چوندي آهي: ”ڪافي ماڳ مڪان رهيا پيا آهن. اسان کي گهمائين نہ ٿو؟“ ڪين مرڪندي جواب ڏيندو آهيان: ”اڳ غربت هئي، جواني ۽ جذبو هو، رت ۾ ستُ هو. هاڻي پئسا آهن، ٻيو ڪجهہ نہ بچيو آهي. اوهان وٽ

ڪارون آهن، پوءِ بہ اوهين نڪري نہ سگهندا.“ چوندا آهن: ”سچ آهي! پر پوءِ بہ ڳالهين ڪرڻ تي خرچ ڪو نہ ٿو اچي.“

تازو ڪراچيءَ مان ستون Oxford وارن جو ڪتابي ميلو ۽ گڏجاڻيون ڏسي موٽيو هيس. (۵، ٦، ۷ فيبروري سال ۲۰۱٦ع). لکڻ جو مقصد اهو آهي تہ اسان ڪي ڏارين ۾ ٻين ڪي بہ ڏسڻ ۽ سکڻ گهرجي. ٻڌايائون تہ گذريل سال، سوا لک ماڻهو شريڪ ٿيا هئا. هاڻي هن سال، اڳ ڪان وڌيڪ آهن. گذريل دفعي، هڪ بہ اسٽال، سنڌي ڪتابن جو نہ هو. هن سال، ڪلچر ڊپارٽمينٽ جو هڪ اسٽال هيو. جڏهن تہ ٻيا سنڌي علمي ادارا سڀ بجيٽ پيٽرول وغيره تي خرچ ڪري Balance Nil پيا ڏيکارين.

رشيد احمد ڪنڀر صاحب، شروع ڪان، تبسم صاحب سان شام ملهائڻ واري رٿا لاءِ ٻڌائيندو آيو هو. تنهن هوندي بہ، اتي پاڻ ملهائڻ لاءِ، ڪا تياري نہ ڪري سگهيو هئس. ڪنهن پروگرام ڪي ميچوئر ٿيڻ تائين، ڪافي مرحلن مان گذرڻو پوي ٿو. اها خبر انهن کي هوندي، جن اهڙا پروگرام ڪيا هوندا. سنگت جا انگل آرا، ڏک ڏوراپا ۽ مهڻي آب ڊائلاگ ماڻهوءَ کي ساڻو ۽ پريشان ڪري ڇڏيندا آهن. هٽ ڪڍڻ لاءِ ماڻهو مجبور ٿي پوندو آهي. پر نواز ڪنڀر جي سٽ وارن همت ڪئي، سول سوسائٽي ۽ ٻين جي ساٿ سان پروگرام جو آخري ڏينهن مٿان پهچي چڪو آهي.

مون سوچيو: پروگرام وارو ڏينهن، آفيشلي هڪ ورڪنگ ڊي آهي. ادبي پروگرام ۾ ماڻهو ايندا الائي نہ. ڇو تہ اديب، دانشور ۽ شاعر وغيره سڀ سرڪاري ملازم هوندا آهن. ڊيوٽي ڏئي، ٿڪجي گهر ايندا آهن. وري تيار ٿي، پروگرام ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ قرباني ڏيڻي پوندن.

رستو سنو ڪو نہ هو، پر خراب بہ ڪو نہ ٿو چئي سگهجي. سڄي سنڌ، روڊن جي حوالي سان ڪيڙي لڳي پئي آهي. حڪمرانن، پنهنجي اچڻ وڃڻ لاءِ، روڊن تي خرچ ڪري، يورپ جهڙا روڊ ٺاهيا

آهن. مون کي لاڙڪاڻي ۽ خيرپور جي شهرن ۾ لنک روڊن جي ڄاڻ آهي.

هڪ ڀ فون ڪري، وري سنڌ ۽ سانگهڙ تي سوچڻ لڳس. ١٨٤٣ع ۾ سنڌ، انگريزن غلام بڻائي. ١٩٤٣ع ۾ سنڌ ۾ حُر تحريڪ کي ڪچلڻ لاءِ انگريزن مارشل لا لڳائي. هوائي حملا ٿيا. ايتريون گرفتاريون ٿيون، جو جيل ڀرجي ويا. پير صاحب پاڳاري سورهيه بادشاهه سان خادمي مريدي جي رشتي ۾ نسبت سان، سنڌين کي ڏورن ڏڱن وانگر واڙيو ويو. بلوچستان مان بگٽي ۾ ٻين قبيلن کي جاگيرون، مراعتون ۾ هٿيار ڏئي حُر تحريڪ کي ڪچليو ويو. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ، انهن قربانين عيوض ميوزم ۾ يادگار ٺاهيا وڃن ٿا. سوين ڪتاب اڇڻ گهربا هئا. لئبرريون قائم ٿيڻ گهربيون هيون. مختصر ماڻهن کي مٿي ڪنيو ويو. سانگهڙ ۾ سنڌ کي ڇا مليو؟

حُر تحريڪ کي آءٌ سنڌ تحريڪ سڏيندو آهيان. ڇو تہ مان سياسي ماڻهن وانگر مفاد ڪو نہ ٿو رکان. صرف مختصر پڙهيل سنڌيءَ جي اينگل سان سوچيان ٿو. پيلا MRD تحريڪ بہ تہ ناڪام ٿي هئي. ان کي سنڌ جي تحريڪ ڇو ٿا سڏين. اسلام آباد جي حڪومت حاصل ڪرڻ ۾ جمهوريت جي بحاليءَ جي تحريڪ هئي. آمريت کي هٽائڻو هو. ڪجهہ وقت کان پوءِ MRD جا Goals, Aims & Objectives حاصل ٿيا هئا. مليو ڇا هو توهان کي، مون کي ۾ سنڌ کي؟ ڀُٽي صاحب جي ڦاهي يا شهادت مان سنڌين کي سڪڻو هو. بدلجڻو هو. پر رهندو بينظير کي بہ وڃائي ويناسين. اهڙي سياست ۾، ايئن ئي ٿيندو آهي.

ان ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ MRD جي تحريڪ ۾، سنڌين جان جي بازي لڳائي حصو ورتو هو. جڏهن مچ تي پروانا گڏ ٿيا هئا تہ وڏيرن، پيرن ۾ تحريڪ هلائيندڙن ماڳهين تحريڪ تان ئي هٿ ڪڍي، اقتدار لاءِ ڳالهيون ڪري، سڀ ڪجهہ نيلام ڪيو هو.

مون کي سنڌ تحريڪ سان دلچسپي آهي. پاڪستان ٽوڙڻ جي ڳالھ ڪو نہ ٿو ڪريان، پر جاگرافيءَ جي هڪ انچ، تاريخ جي پني، وسيلن جي ٻُڪَ، سنڌوءَ جي پاڻيءَ، ٻولي، ڪلچر ۽ روزگار وغيره تان هٿ ڪڻڻ لاءِ تيار نہ آهيان. سنڌ ۾ ڌاريو ائين رهي، جيئن سعودي ۽ متحده امارات ۾ ڌاريا مسلمان رهن ٿا. سنڌ، پاڪستان ۾ ائين ڏسڻ چاهيان ٿو، جيئن دنيا جي ملڪن ۾، معاشرن ۽ جمهوري سوسائٽين ۾، فرد ۽ قومون، عزت ۽ احترام سان رهن ٿا. مان ڇا ڪريان؟! سياست تہ منهنجي وس جي ڳالھ نہ آهي.

مرشد لطيف چواڻي:

لفظ واڳون تي وريام، پاڻان پڙهيم جي.

سڀ جي سنڌ ڪمپرومائيز ڪري وني، پر مان انهن سان گڏ آهيان، جيڪي عملي طور چون ٿا تہ: سنڌ جا سور، اسان جا سور آهن ۽ انهيءَ ورثي/ ملڪيت تان، هٿ ڪو نہ ڪڻنداسون.

ڪي ڪي تنظيمون ۽ فرد، مٿين ڳالهين کي ورجائين ٿا. پر سندن حاصلات، پنهنجي ذات کي اڳتي وڌائڻ سان گڏ، سچن ماڻهن کي پنتي ڌڪڻ بہ آهي. اسان سيني کي لالچ ۽ لوڀ ڇڏي، اهڙو سنڌي معاشرو اڏڻ گهرجي، جيئن دنيا جي سڌريل جمهوري معاشرن ۾ فردن ۽ قومن کي حق مليل آهن. اسان وٽ تہ جمهوريت، عرب ملڪن جي ڊڪٽيٽرشپ ۽ بادشاهتن کان بہ بدتر آهي. پورو ملڪ، مڪمل ڦرلٽ ۽ ڌاڙو سو ڳابو جي ور چڙهيل آهي: نہ قانون، نہ انصاف، نہ روزگار، نہ امن امان، نہ تعليم، نہ صحت جو اونو. ٽاڪ شوز ۾ سرڪاري نمائندن جون ڳالهيون ٽين ٽيون. ٻڌجن تہ وچ! سنڌ تہ يورپ ٿي وئي آهي. گهر کان ٻاهر نڪري ڏس تہ پينگ لڳي پئي آهي. گذريل ڏهن سالن کان سنڌ جي بجيٽ ڪاڏي وئي. نڳن، پنندڙن ۽ ٺيڪيدارن جو تعداد وڌي ويو آهي.

عبدالغفار تبسم ڀيٽي، نئين ديري جو آهي. هن وقت تائين، چوڏهن پندرهن ڪتاب شاعريءَ جا ۽ هڪ ڪتاب يادگيرين تي مشتمل، ڇپائي چڪو آهي. هن وقت سندس عمر سٺهٺ انهٺ سال ٿي وئي

آهي، پر ٽڪو ڪو نہ آهي. مسلسل لڪندو اچي. سڄي سنڌ ۾ اٿندو ويهندو پڻ اچي.

فرد جي ذات لاءِ پيار ضروري آهي. انفراديت ڪان اجتماعيت ڏانهن سفر، ڏاڍي سليقي سان ڪيو اٿائين. ڪٿي پٽڪيو ڪو نہ آهي. اهڙو ڪم ڪو نہ ڪيو اٿائين جنهن تي اسان نئون ديرائي، ڪيس ڏوراپو ڏيون. هو هر ڪنهن سان ڏاڍي ذميواريءَ سان نڀائيندو ۽ سنڀاليندو اچي.

هو ننڍي هوندي ڪان خوشحال گهر جو لاڏلو رهيو آهي. سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جا سُور، سندس سوچن جو محور رهيا آهن. تجربن ۽ مشاهدن جي آڌار تي، ڊبل اسٽينڊرڊ ۽ منافقيءَ وارن ڪان ٿورو پريرو رهي ٿو. خاموشيءَ سان سوچيندڙ ۽ شاعري سرجيندڙ انسان جا خيال، هنن بيتن مان پروڙيو.

ميلان ڪنڊيرا، سارتر، گيتانجليءَ وارا،
گرديو شاهہ، خٽڪ، او رسول حمزا توف،
هيڏيون پڪارون ٻُڌي، ڪاٿون واهرون تہ ڪيو.
او منهنجي چي گويرا جا عظيم ڪاسترو،
آزاد افق جي سورج جا مهڪندڙ شعاعو،
ڪو تہ آزادين جي ڏيرن مان اچي،
ڪتاب سونهن ڪٿي ساٽيهہ چميو.

وستيءَ تي طوفان پئي ڪاهيو، ڇا ٿيندو،
مان تہ سڏيو پئي، ڪنهن نہ ڪنايو، ڇا ٿيندو.
هيڏي ساري ڳوٺ مان مهلَ تي ڪو نہ پُڳو،
هينئر ڪنجهڪو، هينئر سعيو ڇا ٿيندو. (ص: ٩٨)

سوڍن سورمن ڪي، ڪي عرصا لنگهي ويا،
ڪنهن باغيءَ وري پونءِ ڪي، سِر ئي نہ آڇيو.
ڪو جُنگ، جوءِ تي سر گهورڻ ئي نہ پڇندو،

تہ ويران مقتل جو کھڙو ڏوھہ. (ص: ١٠٧)

پيڙھين جون پيڙھيون لنگھيون،
سٽيون جن ڳنڍيون[1] نہ ڳُتيون[2]،
ڪيترا ورھيہ ٿيا الڪن ۾،
سنڌياڻيون نہ سُتيون.

چنڊ رات جي ٽڪل پھر ۾ وسمي دل چيو:
ڪنھن عشق کان سواءِ سُھائي بہ ڇا رھي.

شاعريءَ لاءِ تبسم چوي ٿو:

شاعري بہ عجب شيءِ آ، جو نيٽين کي بند ڪري،
ويھجي، مراقبو ڪجي، دنيا نظارجي.

عشق لاءِ چوي ٿو:

سورن کان سواءِ سڀ منھنجو،
تنھن جي دوستيءَ جي نانءُ
سوچون، ننڊون، اوجاڳا،
ھڙ ئي دل لڳيءَ جي نانءُ.

سماجي ساڃاھہ کي شاعريءَ جو لباس ھيئن پارايو اٿس:
ليلا چيو: او ڊوليا! پورائيءَ جي پُل ھئي،
ور چيو: ور جو وڪڻڻ، سوداگريءَ جي نانءُ.

وڏيڪ لکي ٿو:
تبسم جيڪا پنيوري، جوانيءَ جي آر ۾،
ھر پنئوري تي پنيلجي، تنھن سان لونءِ ڇا لائجي!

ڪنھن کي ايلاز ڪندي چوي ٿو تہ:

---

1 ڳنڍڻ = وار ويڙھڻ.
2 ڳتڻ = وار ملائڻ

ضبط ڪيون وتان، امتحان وٺين متان،
مَن متان ٿٿي پوان، گهاوَ ايترا نہ ڏي،
او پرين سزا نہ ڏي، درد جي دوا نہ ڏي.
تون پري، تبسم پري، وقت ويچا ويو ڪري،
درد جي ڏُکن پيا، انهن ڪي هوا نہ ڏي!
او پرين سزا نہ ڏي، درد جي دوا نہ ڏي.

مشورو:

پتڪڙا ماڻهو، اڏرڻ جون اهلون نہ ڪر،
اپ ۾ هنج پيي اٿئي، ڏاڍيون ڪيندءِ وڏون.
رستن ۾ صرف هڪڙو جهنگ ئي ناهي،
ميان اداسيءَ سان هيڏي دس تي هليو آن.
سياسي نہ مهاجر نہ تون پکشو آهين،
ڪهڙو پلُ ٿئي، باقي ڇا تي بانوريو آن.

ڪتاب جو پل جهومي جهول ۾: (ص: ٩۴)

سونهن جي سرابَ ڪيئن سٽيو ڪا ڄاڻ ئي نہ پئي،
جيئڻ جو رخُ ڪتان متيو ڪا ڄاڻ ئي نہ پئي. (ص: ٩۵)

رهبرن ڪاڻ هر دور ۾ پونءِ ڪي،
ڪو سيد، نياز، اياز ڏيندا هلو. (ص: ٩٩)

او ذرتي! مان تنهنجي رڪت ڏيندي ڏيندي،
رهندو تنهن جو مان قرضي ٿيندو وجان ٿو.

سنڌ ٽي وي وارن جو فلمايل قومي گيت ۽ شاندار پس منظر ۾ ڳايل آهي.

هزارين صفحن مان ڇا ڪٽي ڇا لڪجي، ڇا ٻڌائجي ۽ اوهان ڪيترو ٻڌندا. بهتر ائين آهي تہ عشق ڪيو پاڻ سان، گهر سان، محلن، ڳوٺن، شهرن ۽ سنڌ سان، سونهن ۽ انسانيت سان، شرافت ۽

خوشبوءِ سان، دائمي سکون ڳوليو، مادي آسائشون کجھ کو نہ آهن.

تبسم جو چؤسٽو آ:

ننگين پيرين تتهڻ ۾ تڙڳڻ لاءِ ڊوڙي،
چينل واھ، چندڻ ۾ موٽڻ گھران ٿو.
او تبسم مان مطلب تہ موٽي اتي ئي،
نئون ديري جي تتهڻ ۾ موٽڻ گھران ٿو.

هي سوچيندڙ کوي، جڏهن پڙهيل لکيل حکمرانن، آفيسرن، دانشورن ۽ دوستن جون غلط حرڪتون ڏسندو آهي تہ ڏکوئجي پوندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن ذاتي محفلن ۾ شروع ٿيندو آهي تہ آءٌ دنگ رهجي ويندو آهيان. وڏي واکي چوندو آهي: ”هاڻي! هتي رهڻ جو ڪو جواز نہ آهي. آمريڪا هليو ويندس.“ اتي سندس پٽ رهي ٿو. مون کي يقين آهي جيڪڏهن آمريڪا يا يورپ هليو بہ ويو تہ ڪجھ وقت رهي وري موٽي ايندو. صرف پنهنجي ڪجھ وقت لاءِ حساسيت گهٽائيندو. جيڪو جوانيءَ ۾ سنڌ، نئون ديرو ۽ سنگت کي ڇڏي نہ سگھيو، سو پوڙهائپ ۾ اجنبي ديس ۾ رهي، سکون ڪيئن ماڻيندو!

عبدالغفار انهن انسانن مان آهي، جن جا گهراڻا خوشحال رهيا آهن. هو هن معاشري کان لاتعلق ٿي، خوش رهي نہ ٿو سگھي. هن جو جسم آسائش پسند آهي، پر هن جو روح رڙندو رهيو آهي. سندس شاعري، انهن رڙين جو عڪس/پاڇو آهي. بي قدري سنڌ ۾، الائي ڪيترا انسان آهن، جن کي هن معاشري جي بدلجڻ جو اونو آهي. ايئن ڇو آهي؟ ڇو آهي؟ ڇو جو بهتر سنڌ ۾ اسان جي اولاد ۽ سنڌ جو مستقبل آهي. معمولي ڳالھ نہ آهي. ”وڏيو آهين تہ ويھ! نہ تہ هنن ڳالهين کي معمولي ڳالھ نہ سمجھ!“

اسان جي فلاسافي، سنڌ جي فلاسافي آهي. هنن محفلن مان ڪجھ ورڻ گهرجي، نہ تہ ڪتابن ۾ بہ ليون الائي نہ! ڇو تہ لپي بہ بدلجي پئي. هڪ دوست سفر دوران ايس ايم ايس ڪيو تہ: ڪٿي پهتو

آهين؟ جواب ۾ لکيومانس: ”Waggan“ جواب ۾ لکيائين: But Where. نيٽ فون ڪري ٻڌايومانس: ”وڳڻ پهتو آهيان پيارا!“ هاڻي سوچ ته اسان جي سنڌي ٻوليءَ کي نيٽ ۽ موبائيل ڪيڏو هاجو رسائيندي. ٻوليءَ جي ماهرن کي گڏ ٿيڻ گهرجي. رومن انگريزيءَ ۾ ٥٢ اکرن جي پٽي تيار ٿيڻ گهرجي. ڊاڪٽر خليل الله شيخ سان مان اوهان کي ملائيندس هو ماهر نه آهي، انگريزي ۽ سنڌي سني اٿس، ڪم جو ماڻهو آهي.

مان سمجهان ٿو ته مٿين سوچن سان سهمت، رڳو اڪيلو مان ڪو نه آهيان. ڇڙ و ڇڙ، سوين نه پر هزارين اهڙين سوچن سان لاڳاپيل آهيون. پر ڪمزوري اها آهي جو اسان سياسي نه آهيون. پاڻ ۾ رابطو نه آهي. گذريل دور جا تلخ تجربا آهن. سياسي ماڻهن، نظريا ۽ ڳالهيون ته سنيون ڪيون، پر عملي لحاظ کان ڏاڍي بداعتمادي پيدا ٿي آهي. ڀُٽي صاحب جي دور تائين، ايجنسين جي وٺ پڪڙ، لکڻ ۽ ڇپجڻ تي پابندي، ڪورٽون، سزائون ۽ وري ضياءُالحق جي دور ۾ قيد، ڪورٽون، ڪيس ۽ ڦٽڪا. هاڻي اسان سڀ شوبز جا ماڻهو ٿي ويا آهيون. جيئڻ جي خرچ پکي، هر ڪنهن کي ساٽو ڪري ڇڏيو آهي. هر هنڌ، ڪمرشل ازم آهي. نيٽ طرفان، فيس بوڪ وغيره وارين سهولتن مخصوص ماڻهن کي ڳنڍيو ته آهي پر جڏهن وجي انهن سهولتن مان، معاشري کي سڌارڻ وارو ڪم ونجي.

ٻن ڪلاڪن جي سفر کان پوءِ، سانگهڙ پهتاسون. ماني ڪائي، سڀ ضلعي ڪائونسل هال پهتاسون. اتي موجود گهڻن ماڻهن کي ڏسي، سرهائي ٿي. ڊي سي عمر فاروق بلو صاحب لنچ کان ونئي گڏ هيو. بُلو صاحب، جتوئي بلوچن جو پاڙو آهي. پنهي عاقل چانوٽيءَ جي پرسان، پنهنجو ڳوٺ اٿن. علم الدين بُلو، تاج بلوچ ۽ غلام حيدر بُلو اتان جا آهن. هڪ نوجوان سنڌ جي حڪمرانن ۽ ڪامورن تي، **چارلس نيپيئر کان محمد ميان سومرو تائين**، نالي ڪتاب لکي وڏو ڪم ڪيو آهي. شايد اهو ڪم مئدم حميده کهڙو پنهنجي دور ۾ هن کان ڪرايو هو. عبدالمؤمن بُلو، ان نوجوان جو نالو هو. ان کان

علاوه ان صاحب، سنڌ جي مختلف شهرن جا پروفائيل پڻ ترتيب ڏئي ڇپايا. عمر فاروق بلي جو خاندان، علمي ۽ ادبي گهراڻو آهي. حيدرآباد ۾، سندن وڏو، آفيسر طور آيو ۽ اتي ئي رهي پيو. عبدالمؤمن بُلو، جوانيءَ ۾ فوت ٿي ويو. اها سانگهڙ ۾ خبر پئي. فون تي وڌيڪ احوال، غلام حيدر بُلو کان ورتو، جيڪو گذريل ۱۵، ۲۰ سالن کان رابطي ۾ آهي. ساٽس ٽيچرس ٽريننگ گڏ ڪئي آهي.

ڊي سي صاحب، عبدالغفار تبسم، ڊاڪٽر خليل الله شيخ، انعام شيخ، نصير مرزا ۽ نادر علي ابڙو صاحبان کي سڏي اسٽيج تي ويهاريو ويو. مائيڪ نواز ڪنير جي حوالي هئي. مهمانن کي، سوکڙي طور، اجرڪ ڏنا ويا. سول سوسائٽيءَ طرفان، آذرياءُ واري تقرير ٿي. نواز ڪنير صاحب، وقفي وقفي سان ٻڌائيندو رهيو ته: هن محفل مچائڻ ۾ هنن هنن تنظيمن ۽ انهن جي روح روان فردن جو تعاون حاصل آهي. سائين! انهن جو شڪريو به ادا ڪندو رهيو.

جهان ديده حسن وساڻ سان گڏ، امر لغاري، ممتاز لغاري ۽ ٻين ڪيترن جو ذڪر، رشيد ڪٽپر صاحب ڪندو آهي. نواز ڪنير جو آواز فون تي ٻڌو هو. روبرو ڏٺو ته مون کي اجنبيت محسوس ڪو نه ٿي. مرحوم پٽي صاحب جي دورِ حڪومت ۾، سِڳا جون مرڪزي گڏجاڻيون، رمپا پلازا ڪراچيءَ ۾ ٿينديون هيون. مرڪزي آفيس به اتي ئي هئي ۽ هاڻي به اتي ئي آهي. اتي مرحوم شمشيرالحيدريءَ سان گڏ، ڊاڪٽر سليمان شيخ، ولي محمد روشن، بخش علي لاڪو، ادل سومرو ۽ مرحوم خان محمد پنهور کي ڏٺو هو. شمشير جو آواز ڀاري، رعبدار ۽ منفرد هو. ڳالهائڻ جو ڪرو ۽ سچو. نواز کي ڏسي، سندس آواز، مائيڪ تي ڳالهائڻ جو انداز، مُرڪ ۽ خلوص موهي وڌو.

سِڳا جي ميٽنگ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ، گهران خرچ ڪندو هوس. ٽرين تي ايندو ويندو هوس. غربت جو زمانو هو. ڪراچيءَ ۾ امن امان هو. هڪ دفعي، ويهن روپين واري ڪٽ ونئي، واڻ تي بريف ڪيس

مٿن ڪان ڏئي، ڪجهه ڪلاڪ آرام ڪيو هو. دوستن وٽ رهڻ لاءِ نه ويندو هئس. بسن تي سفر ڪبو هو. ڪينٽ تي ٽرين ڪان لهبو هو ۽ چڙهبو هو. ڇا ته يادگار ڏينهن هئا! جواني، جوڀن ۽ جنون هو. هاڻي ته رڳو بوتو وڃي بچيو آهيان. روح، سنڌ ۾ ڀٽڪڻ لاءِ آتو آهي. پر خوف: هيڏا هڏ، گهر ڇڏي نه ٿو سگهجي. بابا مرحوم هوندو هو. انگوڇو ڪلهي تي رکي، سنگت سان نڪري پئبو هو. هاڻي ان ڏينهن پلاننگ ڪجي ئي ڪين. ٽائيم تي ڪو نه ڪو ڪم نڪري پوندو آ. هاءِ ڙي قسمت! جهڙي سنڌ، اهڙو منهنجو مڻُ: منجهيل ۽ ويڳاڻو!

نواز ڪنبر صاحب، واري واري سان، سامعين مان ڳالهائڻ لاءِ سڏيندو رهيو. حسن وساڻ ڪان پوءِ، مون کي سڏ ٿيو. حسن وساڻ صاحب، بغير ڪنهن پروٽوڪول جي اڪوڙي ڊيم کي بنياد بڻائي، سنڌ جي مسئلن تي ڳالهائيندو رهيو. سماجي، ادبي ۽ علمي تقريب سان گڏ سرڪاري آفيسر به هئا. پر عشق کي ڪهڙي خبر ته حد بنديون ڇا ٿينديون آهن؟ پنجٽيهن ٣٥ سالن کان مٿي، ڪيموفلاج پائي، مون سرڪاري نوڪري ڪئي آهي.

ٺٽي جي اپيچند جي پيءُ، سرمد کي چيو هو: ”پنچائت ۾ ڏاڍو خوار ٿيو آهيان ته تنهنجي ڇوري تي سرمد عاشق ٿيو آهي. ڏاڍي ڇوءِ پڇوءِ ٿي آهي.“ سرمد پڇيس: ”پوءِ ڇا ڪريان.“ چيائينس: ”ٺٽو ڇڏي وڃ!“ يهودي واپاري، حسن جي آڏو حواس وڃائي چڪو هو، پر پوءِ به محبوب کي ڇڏي، دهليءَ هليو ويو هيو. هو سمجهي نه سگهيو ته ان ۾ محبوب جي خواري آهي. اُتي اورنگزيب ۽ دارا شڪوه جي اقتدار جي ڪشمڪش ۾ ڦاهي چڙهي ويو. حسن ۽ عاشقن، ٻنهي کان مون کي جوانيءَ کان ڊپ ٿيندو آهي. احترام ۾ رهندو آهيان. پنهنجي سرڪشيءَ کي، هميشه کان لغام ڏيندو آهيان. هاڻي مان ڪٿان شروع ڪريان، ڪٿي ختم ڪريان. ماستري ڪم اچي وئي. پرور پت رکي، نه ته ڪنڌائتو رهندڙ ماڻهو، هيڏن اڪابرن، شاعرن ۽ سنجيده ماحول ۾ گفتگوءَ جو آغاز ڪرڻ به مون

لاءِ مسئلو هو. مرشد لطيف جي سٽ پڙهي، تبسم صاحب جي شاعريءَ جو سهارو ورتو. ٻي جنگ عظيم، حسن وساڻ صاحب واري جرمني، موجوده سنڌ، اسان جا رويا، سنڌ جي تاريخ، سانگهڙ تي ٽيل انگريز حڪمرانن جا ڪلور. نہ منهن، نہ سُرُ: جيڪو منهن ۾ آيو، سو چوندو ويس. هوش ۾ رهندي، ٻي خوديءَ جون ڳالهيون ڪرڻ، ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي. شابس آهي ٻڌندڙن ڪي، جو مهمان سمجهي معاف ڪيائون. ايئن واپس اچي، پنهنجي سيٽ سنڀالي.

نواز جو سرور ڏيندڙ لهجو ۽ آواز، ڪنن تائين پهتو تہ پاڻي پي ورتو. اسان لاڙڪاڻي وارن کي لفظن جي مالها مان، نوازيندو رهيو. شال! جوانن واري جذبي سان ڪلندو، مسڪرائيندو ۽ سچ ورهائيندو وتي. (منهنجي خواهش آهي تہ اتان جو ڪو بزرگ دوست ڪارروائي کي قلمبند ڪري تہ بهتر ٿيندو.)

چوندا آهن تہ: "سڀ ڪجهہ ورثي ۾ ملندو آهي پر ڪردار نہ ملندو آهي." هر مقرر، ٻُلي صاحب ۽ ڪٽپر صاحب جي تعريف ڪئي. ڊي سي صاحب، سمورو ٽائيم اسان سان گڏ رهيو. هر تقرير توجہ سان ٻڌائين. جڏهن اسٽيج وارن جي ڳالهائڻ جو وارو آيو تہ ٻُلي صاحب، هر اٿاريل نُڪتي جو بهترين انداز ۾ جواب ڏنو. سانگهڙ آئي، ڪجهہ مهينا ٿيا اٿس. شهر جي مسئلن تي، ڪافي توجہ ڏنو اٿائين. لاڙڪاڻي ڪان سانگهڙ بدلي تي آيو آهي. ڊاڪٽر خليل الله شيخ (سابق D.H.O لاڙڪاڻو) سان واقفيت اٿس. ڪمشنر صاحب وٽ، پوليو مهم ۽ نئين ديري بنگلي تي C.M وغيره سان ميٽنگن ۾، ضلعي جي سيني ڪاتن جا سربراهہ گڏ ٿيندا آهن.

انعام شيخ ۽ نصير مرزا تہ اسٽيج جا شهنشاهہ آهن. ڊاڪٽر خليل الله شيخ ۽ نادر علي ابڙي، محبت واري انداز ۾ ميڙو مچائيندڙن ۽ تبسم بابت، ويچار ونديا.

سيني جو خيال هو تہ: سنڌ جي مالڪي ٽيڻ گهرجي، پڇاڙو ٽيڻ گهرجي، پسند ۽ ناپسند جو دور آهي، ميرٽ نہ آهي. گروهہ بندي ختم ٿيڻ گهرجي، وغيره وغيره.

تبسم (پَتي صاحب) کُلي ڳالهايو. چيائين: ”شاعري ۽ سنڌ کان سواءِ ٻيو ڪجھ نہ ڄاڻان. سانگھڙ پھريون دفعو آيو آهيان، سڄي سنڌ گھمڻ ۽ ڏسڻ چاهيان ٿو.“ ترنم سان پنھنجو گيت ٻڌايائين. آخر ۾، وينلن پتي صاحب کان سوال پڇيا. ڪن سوالن جا جواب ڏنائين، ڪن جي جوابن کان لنوائي ويو. ائين تقريب پڄاڻيءَ تي پھتي.

آخر ۾ راڳ رنگ ٿيو.

مان احسان راهوجي سان گڏ ملوڪ رند سان ملڻ لاءِ هليو ويس. واپس اچي چانھہ بسڪيٽ، پيٽ حوالي ڪيا. ڊاڪٽر صاحب آفر ڏني تہ ڪراچيءَ ٿا هلون. هتي رهڻ ۽ ماني وغيره جو بندوبست ٿيل هو، پر پوءِ واپس ٿيڻ تي متفق ٿياسين. ڪارن مان ٿيلها بدليا. مون سوچيو: ”منھنجي زندگيءَ جو يادگار ٽوئر پورو ٿيو.“ گفتگو ڪندا، ڪچھري ڪندا، ١٢ بجي ڪراچيءَ اچي پھتاسون. عاشق پاڻ تہ پريشان، پر جن سان گڏ انھن کي بہ لَهس.

پي آئي اي ڪالونيءَ ۾ ڦرندا رهياسين. گھٽيون بند، اتان نڪري آياسين تہ لاڪاني فليٽس، مون کان ڪو نہ لين. ايئن ٽائيم برباد ڪيو. پنھنجي خاندان ۾ ڪنھن جو عاشق نالو نہ رکجو. اها منھنجي صلاح اٿو، وڌيڪ پاڻ ڄاڻو.

ها هڪ ڳالھہ رهجي وئي. خان صاحب، قاسم آباد واري گيٽ تي مليو هو. مون پٽن کي اچڻ لاءِ روڪي ڇڏيو هو ۽ ڪراچيءَ وڃڻ جو اطلاع ڏنو هو. خان صاحب جي عمر ستر جي قريب ٿيندي پر واقعي محبت جون واٽون نراليون ۽ ساراهہ جوڳيون ٿين ٿيون.

مخصوص انداز ۾ خان صاحب چيو: ”يار! ترسو نہ! ڪراچيءَ وڃي ڇا ڪندا؟“

جيئو کھڙا صاحب.

***

# عبدالقادر منگي

(محبتن ۽ خدمتن جو سنگم)

## مختصر تعارف

نالو: محمد بچل عرف عبدالقادر منگي ولد علي شير خان منگي

ڄم جي تاريخ ۽ هنڌ: ٢٦ نومبر ١٩٤٧ع، رتوديرو، ضلعو لاڙڪاڻو.

## تعليم

مئٽرڪ: رتوديرو ١٩٦٥ع

انٽر (پري انجنيئرنگ): ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻو ١٩٦٧ع

بي ايس سي: سيدالمرسلين پاڪستان فاريسٽ انسٽيٽيوٽ پشاور يونيورسٽي ١٩٧٠ع

ايم-اي پوليٽيڪل سائنس: ١٩٧٢ع سنڌ يونيورسٽي

ايم-اي انگلش: ١٩٨١ع سنڌ يونيورسٽي

بي-ايڊ سنڌ يونيورسٽي ١٩٧٢ع

ايل-ايل-بي: سنڌ يونيورسٽي ١٩٧٨ع

## نوڪري

رينج فاريسٽ آفيسر: ١٩٧٠ ٻيلو کاتو.

سول سروس: اسسٽنٽ ڪمشنر ١٩٧٥ع (ڪپرو، گهارو، ٽنڊو الهيار، سجاول ۽ لاڙڪاڻو)

ائڊيشنل ڪمشنر: لاڙڪاڻو.

ڊپٽي ڪمشنر: ٿر.

## سيڪريٽري سنڌ

سال ١٩٩٣ع کان: لوڪل گورنمينٽ بورڊ، تعليم کاتو، سنڌ ڪلچر ۽ ٽوئرزم کاتو.

## رٽائرمينٽ

سال: ٢٠٠٧ع ۾.

## مشغلو

۱۹۸۳ع: پنيور سيمينار. (پنيور ۽ ديبل: ٻہ ڪتاب ڇپيا)
۱۹۸۵ع: وتايو فقير سيمينار. (وتايو فقير: ڪتاب ڇپيو)
۱۹۹۲ع: ٿر سيمينار. (ٿر ۽ پارڪر: ڪتاب ڇپيو).
ذاتي زرعي فارم سنڀالڻ، ڪتاب پڙهڻ ۽ خريد ڪرڻ.

عبدالقادر منگي، لاڙڪاڻي ضلعي جي تعلقي رتيديري ۾ ڄائو ۽ وڏي لاڏ ڪوڏ سان پليو. جڏهن ته سندس پيءُ، مرحوم علي شير خان منگي، ضلع شڪارپور جي شهر مدئجي ۾ ڄائو نپنو هيو ۽ اتان لڏي اچي رتيديري شهر منجھ رهيو هيو. سپروائيزنگ ٽپيدار جي عهدي تان رٽائر ڪيو هيائين.

منگي صاحب کي، پنهنجي والدين ۽ مامي کان ايترو پيار مليو جو بيان ڪرڻ کان ٻاهر آهي. سال ۱۹۶۲ع ڌاري، انين ڪلاس ۾ هيو جو سندس والد فوت ٿي ويو. امڙ ۽ ننڍي ڀيڻ سان گڏ، سندس مامو ديدار حسين منگي، سندس سرپرست بڻيو. سندس والد جي گهر ۾ سندس مامو، مامي ۽ ناني گڏ رهندا هئا.

لڳ ڀڳ سٺ سٺر سال اڳ، سنڌ جو اهو مثالي دور هو. امن امان، سادگي ۽ پنهنجائپ هر طرف. ائين سمجهبو هو تہ پنهنجن ۽ پراون ۾ ڪو فرق ئي ڪو نہ آهي. ڪيس، دوستن ۽ گهر ۾، محمد بچل طور سڃاتو ويندو هو. ننڍي هوندي کان ئي ذهين ۽ هوشيار هو. تعليمي نفسيات ۾ اهڙن ٻارن کي God gifted سڏيو ويندو آهي. ان جي وصف مختصر اها آهي تہ اهڙا ٻار، سؤ مان صرف پنجن کان اٺن جي تعداد ۾ هوندا آهن. باقي ٻين ٻارن جي ڀيٽ ۾، ذهانت جي لحاظ کان، تمام تيز هوندا آهن.

جڏهن ٻارن جي عمر، راند روند ڪيڏڻ ۽ چلولاين ڪرڻ جي هوندي آهي، تڏهن ان عمر کان محمد بچل ذهني طور وڏي عمر جو بڻجي ويو هيو. والد جي ڪوٺ، ڪيس سنجيده بڻائي ڇڏيو هيس. جنهنڪري، هن ان وقت کان ئي سخت محنت ڪرڻ جو عهد ڪيو

هيو. وقت جو ذرو بہ ضايع نہ ڪيائين. ڏاڍي سليقي ۽ ذميواريءَ سان، اٿڻ ويهڻ لڳو. دوستن ۾ نمايان حيثيت ماڻيائين. استادن کان شاباسون ورتائين. راندين رونِدين (والي بال وغيره) ۾ حيثيت مڃرايائين. ڪتابن کي گهربل وقت ڏنائين. نہ صرف انگريزيءَ تي توجهہ ڏنائين پر ڪورس جي مڙني ڪتابن سان گڏ اردو ادب جا ڪتاب پڻ مطالعي هيٺ رکيائين. عالمن ۽ سينئر استادن مان، هُن هر وقت پرايو. دوستن سان گڏجي اٿڻ ويهڻ، کائڻ پيئڻ ۽ وڏن وڏن ٺهڪن مان هن جو جيءُ نہ پربو هو. هن جي اوطاق دوستن ۽ استادن سان، واندي وقت ۾، پريل رهندي هئي. خصوصاً آچر ۽ موڪل وارن ڏينهن تي. هاءِ اسڪول رتيديري مان ١٩٦٥ع ڌاري مئٽرڪ پاس ڪيائين. ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻي مان ١٩٦٧ع ۾ انٽر پري انجنيئرنگ پاس ڪيائين. ميرٽ تي بي ايس سي فاريسٽ، پشاور يونيورسٽي مان پاس ڪيائين. اسڪالرشپ ملندي هيس. گهران بہ پئسا ملندا هئس. سنهڙو، ڊگهڙو، خوبصورت ۽ سنا ڪپڙا پائڻ وارو نوجوان عبدالقادر وڏي مزي، شوق ۽ ذميواريءَ سان ١٩٧٠ع ۾ امتحان پاس ڪري ڊگري وٺي واپس گهر آيو.

ساڳئي سال ١٩٧٠ع ۾ رينج فاريسٽ آفيسر مقرر ٿيو. سال ١٩٧٢ع ۾ بي ايڊ ۽ ١٩٧٧ع ۾ ايل ايل بي ڪيائين. آفيسر هوندي هو مطمئن ٿي نہ وينو. هن جي اندر واري انسان هن کي PCS ڪرڻ لاءِ اڪسايو. هونئن بہ ان وقت سول سروس کان وڌيڪ ٻي چارم واري نوڪري نہ هئي. وڏن ننن واري نوڪري سمجهي ويندي هئي. سخت محنت ڪرڻي پوندي هئي. پاڻ پوليٽيڪل سائنس ۽ انگلش ۾ ماسٽرس پڻ ڪيائين.

سال ١٩٧٠ع ۾ زميندار گهراڻي مان شادي ڪيائين. ائين مشهور پوليٽيشن ۽ صنعتڪار علي حسن منگيءَ جو ويجهو مائٽ ٿي ويو. سندس گهر واري، علي حسن صاحب جي گهر پلي ۽ پڙهي هئي ۽ گرامر اسڪول ۾ تعليم ورتي هئائين.

پي سي ايس ڪري ١٩٧٥ع ۾ سول سروس جوائن ڪيائين. ڪپرو، گھارو، ٽنڊوالھيار، سجاول، لاڙڪاڻو، ٺٽو، نوابشاھ، خيرپور، سکر، حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ جھڙن مختلف شھرن ۾ نوڪريءَ جا فرائض سرانجام ڏنائين. ڀٽي صاحب جي دور حڪومت ۾، لاڙڪاڻي جي ڊي سي خالد کرل صاحب سان گڏجي ڪم ڪيائين. کرل صاحب پڙهيل لکيل، ذهين ۽ سنڌ گيمز آفيسر هئڻ سان گڏ، ڀُٽي صاحب جو اعتماد وارو آفيسر هو. عبدالقادر کي سکڻ جو شوق هو، جنھنڪري ڏکيا ڪم پورا ڪرڻ لاءِ، هن کي چوندبيو ويندو هو. ائين نوڪريءَ جا گر ۽ داءَ-پيچ سکي، ڪندن بڻجي پچي راس ٿيو.

چئلينج وارا ڪم ڪرڻ ۾ کيس مزو ايندو هو. هر ڪم ڏاڍي سليقي، ڍنگ ۽ پيار سان ڪندو هو. آفيسرن جو اعتماد ماڻيائين. عزت ڪمايائين، ائين آهستي آهستي هو پنھنجا پبلڪ رليشنس وڌائڻ ۾ ڪامياب ٿيو.

جڏهن پنھنجي حدن ۾ حڪمرانيءَ جي ٽنن ۽ ڪاڏن پيتن مان ڊاپيو تہ ١٩٨٣ع ۾ گھارو ۾ ايس ڊي ايم هوندي پنھنجي سينئرن جي صلاحن سان سنڌ جي تاريخي ماڳ، ”ڀنڀور ۽ ديبل“ تي ميلو مچايائين. سڄي سنڌ ۾ مانُ ماڻيائين. ان وقت کان وني هن ڌرتيءَ تي هن جا پير پُختا ڄَميا پيا آهن. سنڌ جي چوٽيءَ جي اديبن، دانشورن ۽ محققن سان هن جا ذاتي لاڳاپا جُڙي پيا. سڀ کيس پيار ڪرڻ ۽ عزت ڏيڻ لڳا. حڪمرانيءَ جي نشي جي برعڪس هن رومانس مان جنھن مذ جو مزو يا سرور ماڻيو اهو بلڪل نرالو هو. رشتن مان خلوص سچائي ۽ روحاني سرور حاصل ڪيائين. ان کي ئي حقيقي ملڪيت سمجھي، ساھ سان سانديائين.

ڀٽي صاحب جي دور ۾ پيار علي الانا وزير تعليم جي حيثيت سان، پرڏيهي اديبن کي نيندڊ ڏئي ”Sindh Through Centuries“ سيمينار سڏرايو. ڀنڀور وارو ميڙاڪو، ان سلسلي ۾ سنڌ جي تاريخ کي نروار ڪرڻ ۽ سيني کي هڪ هنڌ گڏ ڪرڻ تي بنيادي طور ٻي ڪڙي هيو.

سال ١٩٨٥ع ڌاري، ٽنڊوالهيار ۾ ”وتايو سيمينار“ سڏايائين. سنڌ جي وتائي جا ٽوٽڪا، ايران جي شيخ سعدي ۽ روميءَ جي حڪايتن وانگر، سڄي سنڌ جي پڙهيلن ۽ اڻ پڙهيلن ۾ سينه به سينه مشهور هيا. سنڌ جو وتايو، ايراني شاعرن وانگر، شاعر نه هو. جڏهن ته سندس ٽوٽڪن منجهه سادن لفظن ۾ لڪل ناصحانه نُڪتا ڪنهن ڪان به گهٽ نه هئا. وتايي فقير تي مارڪيٽ ۾ ڪو به مستند ڪتاب موجود نه هو. عبدالقادر، هن فقير منش جي ڳالهين ڪي مختلف ليکڪن کان لکرائي، بهترين ڪتاب ڇپرائي، سنڌ وارن ڪي پڙهڻ لاءِ آڇيو. پاڻ مرتب بڻيو. اهڙي نموني درويش وتايي جي سينه به سينه سفر ڪندڙ ماڻڪن ۽ موتين جهڙين ڳالهين کي ڇنڊي، ڦوڪي، تراشي ۽ صاف ڪري، سنڌي ٻوليءَ جي خزاني ۾ اضافو ڪرڻ سان گڏ ٻين لاءِ مثال ڇڏيائين ۽ دعوت ڏنائين ته ”سنڌ جو انمول خزانو“ اجا گهڻو آهي، اچو ته گڏجي ان کي سنڀاليون. هي سندس ٻيو ڪارنامو هو.

هن جون ڪوششون ڏسي، ٻيا آفيسر به سندس نقش قدم تي هلڻ لڳا، ۽ ساڳي طرز تي ڪوششون ونڻ لڳا. ائين بيوروڪريسي ۾ ڪيترا ئي آفيسر ڏسندي ئي ڏسندي دانشور بڻجي ويا. عام ڪوجنا ڪندڙ بجاءِ آفيسرن، سهولتون هئڻ ڪري هنڌ هنڌ وجي سنڌي ادب ۽ تاريخ لاءِ ڪافي ڪم ڪيو آهي. ضرورت آهي وتائي فقير وارو ڪتاب انگريزي ٻوليءَ ۾ شايع ڪرائي فقير جا ماڻڪ، موتي ۽ لال جهڙا گفتا دنيا تائين پهچائجن.

آفيسرن ۾ وڏيون اميدون ڪو نه رکبيون آهن. ڪين ”ييس سر“ آفيسر سمجهبو آهي. جيڪي هر وقت حڪمرانن کي خوش رکڻ جي چڪر ۾ هوندا آهن ۽ ائين پروموشن وٺندا رهندا آهن.

آفيسر هجڻ ڪري، عبدالقادر منگي صاحب کي، ڪجهه نقصان به رسيو آهي. پر هن جيڪا عزت ۽ مجتا ماڻي آهي، ان سان هر ڪنهن کي ريس ڪرڻ گهرجي ۽ سنڌ سان پيار ڪري ان جي نقشِ قدم تي هلڻ گهرجي.

هر سال هر ضلعي جو آفيسر، هڪ ڪتاب سنڌين ۽ سنڌي ٻوليءَ سان محبت جي ثبوت طور پاڻ لکي يا ٻين کان لکرائي ته جيڪر آساني ٿي پوي. سيني جو قرض لهي پوي ۽ سنڌ جو پوشيده خزانو سامهون اچي وڃي.

محترم جي سال ١٩٨٨ع واري دور حڪومت ۾، لاڙڪاڻي اندر ايڊيشنل ڪمشنر طور ڪم ڪيائين. ان وقت لاڙڪاڻي ڊويزن جو ڪمشنر، ڪي بي رند صاحب هو. فطرت ۽ قدرت جا ٻه عجيب ڪرشما آهن. محمد بچل ننڍو هو ته والد وفات ڪري ويس. ڪيريئر جي سونهري سفر جي ابتدا ۾ گهر واري اوچتو بيمار ٿي راهِ اجل ڏانهن هلي ويس. اهو سال ١٩٩١ع هو.

لڳ لاڳاپا، ڊاڪٽر، دوائون ۽ دولت وغيره ڪجهه ڪو نه ڪري سگهيا. قضا آڏو هر ڪو لاچار ٿي پيو. جنهن نقطي تان، ننڍي هوندي کان سفر شروع ڪيو هيائين، ان سرڪل جو نڪتو وري اُتي اچي بيهي رهيو هو. هڪ پٽ، ٻه جوان نياڻيون، جن کي پيءُ سان گڏ ماءُ جي گهڻي ضرورت هئي. هنن ڇئن فردن جو ڪٽنب رضا تي راضي هو. صبر ڪيائون ۽ هڪٻئي جا اَپل ۽ آسرو بڻجي پيا. مِٽ مائٽ ۽ لوڪ: تماشائي. هر ڪو پيٽ ڪائڻ وارو، ڪجهه آٽت ڏيڻ وارو ۽ ڪجهه چوڻ بعد، گهر هليو وڃڻ وارو.

قدرت جا ڪرشما، ماڻهوءَ کي مجبور ڪندا آهن ته هو سوچي، پنهنجي مالڪ ۽ ڏڪويل انسانيت تي توجهه ڏئي ۽ انهن جي بهتريءَ لاءِ جاکوڙ ڪري. هيءَ دنيا: مايا يا رُج آهي. جيڪو ڪجهه سامهون آهي: سو سڀ عارضي آهي. دائمي نه آهي بلڪ هر شيءِ فاني آهي. ذهني خلفشار ۽ پيڙا ۾، دردن ۽ سورن جي پينگهي مان لڏندي، ڳوڙها لڪائيندي اولاد کي وڏيڪ قرب ڏيندي، همت ڪندي جيئڻ لڳو.

سال ١٩٩٢ع ڌاري ٿر جو ڊپٽي ڪمشنر مقرر ٿيو. لاڙڪاڻو وقتي طور ڪائڻ لڳس. جلدي تياري ڪري، پنهنجي معصوم ۽ ڏڪويل ٻارن سان گڏ "منيءَ" پهتو. وهمن ۾ سوچيندي باٿ روم ۾ ضرور

ڳوڙها ڳاڙيا هوندائين ۽ من ئي من ۾ اهو ضرور پڇيو هوندائين: ”يا خدا! هيءُ ڪهڙو امتحان آهي؟“

منيءَ پهتو تہ هو حاڪم نہ بلڪ هڪ دردوند انسان هو. ڪيس سمورا ٿري، ”يتيم“ ۽ ”بي واها“ لڳا. سندس درد جي دوا اها شيءِ بڻي تہ هو سندن همدرد ۽ خيرخواهہ ٿي پوي. ائين برابر ڪيائين ۽ ان ۾ ئي هو سڪون ماڻڻ لڳو. هو پنهنجي وجود جي ذري ذري کي، ائين ڪرڻ سان، Re-build ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو.

ٿر جا مارو ماڻهو: حڪمرانن، روينيو، پوليس، رينجرس ۽ فوج کان ڊڄندا ۽ پري ڀڄندا هئا پر منگي عبدالقادر جي رويي، ڪين تبديل ڪري ڇڏيو. بغير ڪنهن پروٽوڪول جي ڏينهن رات وٽس اچي پنهنجا ڏک سور ونڊيندا هيا. موٽ ۾ ٿرين، ڪيس ايترو تہ قرب ڏنو جو زخم تہ پرجي ويس پر سندن فلاح ۽ بهبود لاءِ ١٩٩٢ع ڌاري ”ٿر سيمينار“ سڏرايائين. ٿر تي بنيادي ڪتاب اڳ ۾ ئي موجود هئا، جيڪي انگريزن جا لکيل هيا. اردوءَ ۾ پڻ ڪوڙ ڪتاب لکيل هيا. سنڌيءَ ۾ پڻ تاريخ ريگستان ۽ سيرِ ريگستان وغيره موجود هئا. تنهن هوندي بہ گهڻو ڪجهہ رهيل هو. منگي صاحب سڄي سنڌ جي محققن ۽ دانشورن کي سنڌ جي ڏکي، ڏکويل ۽ مفلس مارن جي ديس ۾ اچڻ جي نينڊ ڏني. ڌاهن پنهنجي محنت، ڪاوش ۽ جاکوڙ سان اها موٽ ڏنس جو سنڌ جي نقشي تي ٿر جڳ نمايان ٿي پيو.

ٿر جي مسئلن جي حل بابت آيل تجويزن ۽ تحقيقي مقالن کي گڏ ڪري، ”ٿر“ نالي نئين ڪتاب جو مرتب بڻيو. هٿ ۾ ڪو الادين جو چراغ نہ هيس پر خلوص ۽ سچائيءَ سان سيني کي مجبور ڪيائين، جنهن سان سيني ساڻس تعاون ڪيو. پاڻ ڄڻ ٿرين لاءِ Devoted هو.

ٿر: سنڌ جو آخري حصو، دردن ۽ ڏکن جو ديس آهي. وسڪاري جي موسم تہ بهار جي موسم وانگر گذري ويندي آهي. ان وسڪاري ۾ ٿر جنت بڻبو آهي. تڏهن بہ ڏسڻ وٽان آهي. پر ڏڪار ۾ هي خطو ”دوزخ جو ٽڪرو“ بڻجي پوندو آهي. اهو درد ٿي وي تي ڏسڻ ۽ ڪتابن ۾ پڙهڻ بجاءِ، اکين سان ڏسجي ٿو تہ احساس وڌي ٿو وڃي.

دل مان بي اختيار نڪريو وڃي: ”اڃا اسان تاريخ ڪان اڳ واري دور ۾ رهون ٿا.“

هڪ انگريز مئجسٽريٽ جو لکيل دستاويز، سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري، ڇپائي ورتائين. مٿس نالو ڏنائين: ”تر ۽ پارڪر“.

ٿر سيمينار ۾، مردن سان گڏ عورتون به شريڪ ٿيون هيون. ڪين اهو اعتماد هو ته: ”پاءُ عبدالقادر، ميزبان آهي. اسان کي ڪا ڏکيائي نه ٿيندي.“ تنهن وقت ٿر جو سفر، ڏاڍو ڏکيو هوندو هيو. هاڻي واريون، روڍن رستن ۽ پاڻيءَ ڪانجهيءَ جون سهوليتون ميسر نه هيون.

غريب ٿري ماڻهن کي زندگيءَ ۾، مال متاع ته پري رهيو، به مٺا ٻول به آفيسرن نه ڏنا هوندا. جڏهن پاڻ وٽ، پاڻ جهڙي دل رکندڙ آفيسر ڏٺائون ته چوڻ لڳا: ”منگي صاحب جو هيليڪاپٽر به اسان جو آهي. اڃو ته ان تي چڙهي گهمون.“ ائين منگي صاحب، پنهنجائپ ۽ قرب واري ڏاڳي ۾، ڪين جڪڙي ڇڏيو.

منجهس ڪوتاهيون به آهن. اهڙيون ڪميون ڪوتاهيون، ٻين آفيسرن ۾ به هونديون. نه ملان آهي، نه وري موالي آهي. سي سڀ مزا ماڻيا اٿائين، جيڪي مزا ماڻڻ، مڙيئي آفيسر پنهنجو حق سمجهندا آهن. سندس طبيعت جي انفراديت اها آهي ته هر طبقي ۽ خوءِ جي ماڻهوءَ سان ڏاڍي خوش اسلوبيءَ سان نڀائيندو ايندو آهي. نفسيات جو ماهر آهي. ڳالهائيندي ڳالهائيندي خاموش ٿي ويندو آهي. جوانيءَ سان گڏ ڪاوڙ کي الوداع چيو اٿائين. موسيقيءَ کي ضرورت سمجهندو آهي. تنهنڪري سندس باري ۾ ٻن راين مان هڪ رايو رکي سگهجي ٿو: يا ”هو حُسن جو دلداده آهي“ يا ”هو حسن کي پنهنجي ضرورت سمجهي ٿو.“

نوڪريءَ دوران هميشه پنهنجي ٽيبل تي انگلش ڊڪشنري ضرور رکندو هو، جيتوڻيڪ انگريزي سُني ۽ ڊڪٽيشن پڪي هيس.

نواب شاھہ، خيرپور ۽ سکر ضلعن اندر، ضلعي آفيسر طور ڊيوٽي ڪيائين. خيرپور ۾ وڏي نياڻيءَ جي شادي ڪرايائين. پنهنجي پٽ ڊاڪٽر انيس جو گھر وسايائين. آخر پاڻ بہ شادي ڪيائين. سنڌ جي مشهور، زميندار علمي ۽ ادبي گھراڻي ”ڪرل ڪٽنب“ مان شادي ڪيائين. نسيم ڪرل سنڌ جو مشهور ڪهاڻيڪار هو. فهيم ڪرل صاحب سندس پراڻو واقفڪار ۽ دوست هو. ائين ٻنهي ڪٽنبن پنهنجا لاڳاپا قائم ڪيا ۽ شادي ارينج مئريج ٿي.

سندس ٻي يا موجوده گھر واري ”مسلم هسٽري“ جي پروفيسر آهي. ان ڪان علاوه گھرو معاملن ۾ ايتري تہ ذميواري محسوس ڪندي آهي جو پنهنجي ٻنهي پٽن: علي ۽ عريض کي، هوم ورڪ ڪرائڻ ۾ سندن هٿ پڻ ونڊائيندي آهي.

سنڌ جي سمنڊ ڪناري، ڪراچي شهر جي ڪلفٽن واري علائقي ۾ رهي ٿو. سُنن ڪتابن سان ڀريل لائبريري، ترتيب سان سانڍي اٿائين. اُتان، ڪمري جي دالان يا ڊرائينگ روم منجهان لهرون هڻندڙ سمنڊ ۽ تارن ڀريي آسمان جو نظارو پسي سگھجي ٿو.

حيدرآباد جي ايامڪاريءَ دوران، آخري نياڻيءَ جي شادي ڪرايائين. روايت پسند آهي. ٻئي نياڻيون خيروديرو جي منگين وٽ پرڻايون اٿائين. پٽس ڊاڪٽر انيس جي شادي، پنهنجي ماروٽ سان ٿيل آهي. ننهن ڊاڪٽرياڻي اٿس.

سنڌ ڪلچر ۽ ٽوئرزم کاتي جي سيڪريٽريءَ جي حيثيت سان ڪافي عملي منصوبا جوڙيائين. رقم مختص ڪرائي انهن جون پي سي ون وغيره منظور ڪرايائين.

سال ٢٠٠٧ع ۾ رٽائر ٿيڻ کان اڳ، عمرڪوٽ ۾ ٻيو اوپن عوامي تر سيمينار سڏرايائين. ڪافي ماڻهو شريڪ ٿيا. مقامي رانديون، اسٽال، راڳ رنگ وغيره ۾، خاص سان گڏ عام ماڻهن پڻ مزو ماڻيو.

ايم ڪيو ايم جو وزير رئوف صديقي هن سان ڪو نہ نهندو هو. رٽائر ٿيڻ کان پوءِ ”گورک هل“ اسٽيشن جو ڊائريڪٽر جنرل مقرر ٿيو. تيستائين عهدي تي ڪم ڪندو رهيو جيستائين سپريم ڪورٽ سال ٢٠١١ع ۾ رٽائر آفيسرن جو، ڏنل واڌ وارو مدو ختم ڪري، ڪين عهدن تان هٽائڻ جو آرڊر جاري نہ ڪيو.

ڪي ٽي بندر جي اوريان، روڊ جي لڳ، پنهنجي زرعي فارم تي پنهنجي پيءُ مرحوم جي نالي ”علي شير خان منگي“ ڳوٺ ٻڌرايو اٿائين. رهائش، بجلي، وٽراهہ فصل: چَڪوءَ ۽ ناريل جا وڻ، هاري ۽ سندن صلاحيتن ڪي ڏسي حيرت ۾ پوڻ لازمي آهي. چوڌاري ۽ وچ مان رستا جوڙايا اٿائين. فارم ڪي گهمي ۽ ڏسي، هارين ڪي صلاحون ڏيندو آهي. روايتي زميندار نہ آهي. هاري هن سان پيار ڪندا آهن، ڇو تہ هو هنن جي ضرورتن جو خيال رکندو آهي.

سال ٢٠١٤ع جي شروع ۾ فارم تي (ڳوٺ ۾) ہہ پرائمري استاد، تعليم کاتي کان مقرر ڪرايائين. اسڪول کولرايو اٿائين. هڪ سؤ کان وڌيڪ ٻار پڙهن ٿا.

سندس چوڻ آهي: ”ٽورڙن ماڻهن کي خبر آهي تہ خير جي ڪمن ۾ ڪيترو روحاني سُڪون ملي ٿو.“[1]

## قلم تازو:

ڏهہ اپريل ٢٠١٥ع تي منگي صاحب سان لاڙڪاڻي رهيل هيس. عنايت ميمڻ صاحب کي فون ڪري گذارش ڪئي تہ ڪچهريءَ لاءِ اچو. هُن مهرباني ڪئي. رات جو دير تائين ادبي، سياسي ۽ معاشرتي اورون اوريندا رهياسين. منگي صاحب خيرپور مان آيو هو ۽ بهتر موڊ ۾ هو. خيرپور ۾ قربان منگيءَ ”ٽر“ بابت منگي

---

[1] نوٽ: مٿيون آرٽيڪل ”سوجهرو“ نومبر ٢٠١٤ع ڌاري ”عبدالقادر منگي ڪارنر“ ۾ شايع ٿيل آهي.

صاحب جو مرتب ڪيل ڪتاب جو ٽيون ايڊيشن شايع ڪرايو هو. ان جي مهورت جو ساراهه جوڳو پروگرام ٿيو هو.

صبح جو تيار ٿي رتيديري لاءِ روانا ٿياسي. تقريباً ١١ وڳي ڌاري ”لطيف لئبريري“ رتيديري پهتاسين. محترم شمس الدين ڪلهوڙو (سر شاهنواز لائبريري لاڙڪاڻه جو اسسٽنٽ ڊائريڪٽر)، محمد يوسف چنه ۽ ٻين اسٽاف ميمبرن سان اچي مليو.

اصل ۾ منگي صاحب پنهنجا گڏ ڪيل نوان ۽ پراڻا ڪتاب، رسالا جيڪي هزارن ۾ ٿيندا، اُهي لطيف لئبريريءَ کي ڏنا آهن. گهٽ ۾ گهٽ ڇئن پنجن مهينن جي محنت سان، ڪلهوڙو صاحب، شيشن جا ڪٻٽ هٿ ڪري ”عبدالقادر منگي ڪارنر“ سجائي، منگي صاحب کان افتتاح ڪرايو. بلڪل سادي، مختصر ۽ منفرد تقريب هئي. سُٺي ريفريشمينٽ جو بندوبست ٿيل هو. مون کي ڏاڍي خوشي محسوس ٿي رهي هئي. ڪوٽ محمد حسن ڪٽپر جي محسوس ڪيم، خبر پئي ته اهو ڪراچيءَ ويل هو.

ڪلهوڙو صاحب ڏاڍو ذميوار ۽ منفرد آفيسر لڳو. منگي صاحب سان هلندي الائي ڪيترن ماڻهن سان ملڻ ٿيو آهي پر هِن جهڙو ماڻهو جيڪو ”سنڌ ڌرتيءَ جو ڪلهوڙو ۽ سنڌي هجڻ“ تي فخر ڪندو هجي، مون سان ڪو نه مليو آهي. مون کي لڳو، سنڌين ۽ ڌرتيءَ سان وابستگي، هن جي جهول ۾ هميشه عزت ۽ عافيت آڻيندي رهندي.

بعد ۾ مائٽن ۽ منگي صاحب جي دوستن سان وقت گذري ويو. رات جو ١١-اپريل ٢٠١٥ع تي ”سنڌي ادبي سنگت شاخ رتيديري“ جي پليٽفارم تان ”سيد وريل شاهه“ ايوارڊ ڏيڻ جي تقريب ۽ مشاعري جو بندوبست ٿيل هو. سائين ديدار حسين شاهه، ملهار سنڌي ۽ راجا شاهه جن پنهنجي ساٿ سان آيل مهمانن جي آجيان ڪئي. مهمان ماني ڪائڻ کان فارغ ٿيا ته جلسي جي ڪاروائي شروع ٿي. عبدالقادر منگي، جيئل اوڌ، بشير منگيءَ سان گڏ ٣٠-٤٠ اديبن، شاعرن، سماجي ورڪرن ۽ پريس وارن کي ”سيد وريل شاهه ايوارڊ“

ڏنا ويا. مرحوم وريل شاهه جي زندگيءَ جي سيني پاسن تي روشني وڌي وئي. ڊاڪٽر مشتاق ڦل، ناياب سرڪش سنڌي ۽ ٻيا ڪافي ٻاهران آيل مهمان هئا. مون کي رتيديري جو ادبي لڏو ڏاڍو وڻيو. نوجوانن جو وڏو تعداد ڏاڍو سنجيده لڳو. ٽيم ورڪ جو ڪم ساراهه جوڳو هو. منهنجي اندرِ جا آتش ماني تي ڇُڪي هئي، سالن کان پوءِ سُڪون سان ڪجهه ٻُڌو ۽ ڏٺو هيم. سائين ديدار حسين شاهه آخر تائين اسٽيج تي ويٺو رهيو. رات جو ٢ وڳي پروگرام پڄاڻيءَ تي پهتو. هر ڪنهن مسڪرايو. منگي صاحب، منظور علي سومري ۽ مون پوءِ به ڪافي ٽائيم ڪچهري ڪئي. اندر ۾ سُڪون آ ته پوءِ ننڊ ڇا جي؟

مهينن گذرڻ کان پوءِ احوال لکيو اٿم. اکيون ٻوٽي سڄي منظر کي Recall ڪيان ٿو ته سرتاج جاگيراڻيءَ جي ايندي شاعري کَرُ ڪڍي سامهون اچي ٿي. مان سوچيان ٿو: سرتاج وٽ ايڏو درد ڇو آهي؟ هي صرف بحر وزن جي هيرا-ڦيري آهي يا مرد ۽ انسانيت جي ازلي تذليل جو اولڙو. مون يڪدم چئي ڏنو، ”مصنوعيت“ کي ايڏو اثر نه هوندو آهي. سرتاج ڪير آهي؟ ادي ناياب کان پڇي سگهو ٿا. مون کي لڳي ٿو اجا ڪنهن جو حق رهي ٿو. معذرت! ڇو جو سَڀُ ڳالهيون سَلڻ جهڙيون به نه هونديون. پرين جي پيار جي به ڪا مَهل ٿيندي آهي. وري ٻئي دفعي اوري ونبي ڪا ڳالهه! ڪا ڳالهڙي!!

***

# قاضي مقصود ”گُل“

## (فقيرمنش ۽ ڏاهو انسان)

هر ماڻهوءَ جي زندگيءَ ۾ ڪي اهڙا ماڻهو ضرور ايندا آهن، جن جي ياد موسيقيءَ ۽ سنڌ جي لوڪ گيتن وانگر ڪنن ۾ ٻُرندي رهندي آهي. وڃڻ وارا وڃي ماڳ رسندا آهن پر سندن ڪي ڳالهيون ۽ خوبيون، ڪي وَڙَ ۽ پيغام، جيئرن لاءِ جيئرا مثال بڻجي پوندا آهن. پروفيسر نذير احمد سومري ۽ بزرگ دوست محمد ايوب قادريءَ کان پوءِ قاضي[1] مقصود ”گُل“ (١٩٥٠ع کان ٢٠١٥ع تائين) جو وڇڙي

---

1 **سنڌ جي قاضين جو مختصر ڪان مختصر تعارف:** سنہ ٧٥ هجري (٦٩٣ عيسوي) ۾ محمد علافي، پنهنجي ماڻهن سان ”عمان“ ڇڏي مڪران پهتو هو. اُتي جي گورنر ڪُلابيءَ کي قتل ڪري، پڄي اچي ڏاهر ڪان پناهہ ورتائين. خراسان ۽ مڪران حضرت عثمان غنيؓ جي وقت ۾ فتح ٿيو هو. ياد رهي تہ ”ايران“ حضرت عمرؓ جي دور ۾ فتح ٿيو هو.

ڪلابيءَ جي قتل ڪان پوءِ، مُجاءُ بن سعيد تميمي، مڪران جو گورنر ٿي آيو. سال ٧١٥ع ڌاري، محمد بن قاسم سنڌ کي تاراج ڪيو. پنڀور (ديبل)، اروڙ، بکر، سيوهڻ ۽ ملتان ۾ گورنر ۽ قاضي مقرر ٿيا. تميمي قبيلي کي اوليت ملي ۽ ٻين عرب قبيلن مان بہ انتظاميہ ۽ عدليہ لاءِ گورنر ۽ قاضي مقرر ڪيا ويا هئا. قاضي معنیٰ عدل ڏيندڙ. قاضي، شريعت جي علم و فقهہ جي ڄاڻ رکڻ وارا ۽ وڏي همت رکڻ وارا ماڻهو مقرر ٿيندا هئا. معاشري جو اهم سِتون ”انصاف“ سڏيو وڃي ٿو. اڄوڪي دور ۾ کين ”جج يا جسٽس“ سڏجي ٿو.

سنڌ اندر آباد فاروقي، صديقي، انصاري ۽ سيد وغيره سڀ عرب آهن. پاٽ جي قاضين مان علامہ آءِ آءِ قاضيءَ کي پلا ڪير وساري سگهي ٿو. هو اصل ۾ ذات جو انصاري هو. مختصر اهو چئبو تہ: قاضي، علم ۽ شريعت سان گڏ، بلند اخلاق جا مالڪ هوندا هئا. خانواهہ ۽ آباد جا قاضي بہ پڙهيل لکيل صديقي آهن.

نئين ديري ۾ قاضي قمر الدين وارن جو وڏو ويڙهو ۽ قاضي غلام حسين جن وارو ٻيو ويڙهو ۽ ٽيون مرحوم قاضي منظور وارن جو ڪٽنب آهي.

سائين عبدالحي ’قائل‘ صاحب اصل خيري ديري جو هو. سندس شادي مشهور ڳوٺ وارث ڏنو ماڇيءَ جي گراماڻي چانڊين مان ٿي هئي. قاضي مقصود گل ١٥-اپريل ١٩٥٠ع ۾ ڄائو، ١٩٦٦ع ۾ مئٽرڪ پاس ڪيائين. وفات فيبروري ٢٠١٥ع تي ڪراچيءَ ۾

وڃڻ، نہ صرف مون لاءِ ڏکوئيندڙ آهي پر علم ۽ ادب لاءِ بہ وڏو نقصان آهي.

قاضي صاحب مسلسل لکندو ۽ ڇپجندو رهندو هو. مان کيس عقيدت مان ”پورهيت اديب ۽ دانشور“ سڏيندو هوس. اتڻ ويهڻ ۾ ڊپلوميسي، مصنوعيت يا تيري ميري نہ هوندي هيس. معصوم ٻار جهڙو سياءُ هيس.

هاءِ اسڪول مان شاگردن سان مَتاڪُٽ (پڙهائي) ڪري محمد خان سيال ڪپڙي واري جي دوڪان (سوناري جَڳو مل، هاٽي ياڳچند) وٽان گذرندو هوس تہ دوڪان ۾ قاضي صاحب جي ”ادبي چوياري“ مَتل هوندي هئي. مرحوم **مختار گهمرو** هميشہ ساڻس گڏ هوندو هو. ٻہ-چار ٻيا شهر جا نوجوان محفل ۾ هوندا هئس. محمد خان سيال ۽ قاضي صاحب، شهر جي اديبن ۽ شاعرن جا استاد آهن. وٽائنن ئي

---

ڪيائين. ڪيس رتيديري ۾ دفن ڪيو ويو. (اڳئين صفحي تي هلندڙ)

هڪ دفعي قاضي صاحب کان سندس ذات بابت پڇيو هيم. ڏاڍو مزيدار جواب ڏنو هيائين. وڏا ٺهڪ ڏنا هئاسين. سنڌي ڪم ڪندڙ ۽ پورهيت ذاتين تي اهڙا غليظ ٽوٽڪا ۽ چوٽيون ناهي عام ڪيون ويون آهن جو الله ڏئي پناهہ. هتي ۽ هن ئي ڌرتيءَ ڌٽين کي لوئيو ويو آهي. دنيا جي هر حصي ۾ فاتحن، مفتوحن سان ڏاڍون جُنيون ڪيون آهن. ناقابلِ برداشت ٽوٽڪا ۽ چوٽيون مشهور ڪيون ويون آهن. پورهيت ذاتين، ڊپريشن کان بچڻ لاءِ ذاتيون مٽائڻ شروع ڪيون آهن. هنن بلوچ، عرب سڏائڻ شروع ڪيو آهي. ٿورا ماڻهو آهن جيڪي مايوس نہ ٿيندا آهن. ضرورت آهي تہ حجمن، ڍڪڻن، ڪٽين، ڪورين، ڪنيرن، داين، ميربحرن ۽ ماڇين وغيره کي پورهيت ۽ شريف هجڻ تي فخر ڪرڻ گهرجي ۽ وڏي آواز سان چوڻ گهرجي: ”هيءَ ڌرتي اسان جي آهي. اسان جي پورهئي ڪري هي وطن دائم ۽ قائم آهي ۽ رهندو. پورهيت کان وڌيڪ ٻيو ڪير عزت وارو آهي؟“

سرڪار، سيتا اسٽيشن واري شهر سيتا روڊ کي تہ ”رحماني نگر“ چئي، مشرف بہ اسلام ڪيو، پر وارث ڏنو ماڇي، جاڙي حجم جو ڳوٺ، ڪوري چاڻ، حجامڙو چاڻ، ٻانڀڻ ڳوٺ، راجپوت، ڪتري ڳوٺ ۽ ذاتين وارا ڏاهري (ڏاهر ڏانهن منسوب) ۽ مهتاٽي وغيره ذاتين ۽ ڳوٺن کي ڪيئن مسلمان ڪندا. هو سڀ مسلمان ۽ ڪلمو پڙهڻ وارا ئي تہ آهن. جڏهن تہ ڪنهن بہ صورت ۾، پنهنجن وڏڙن کان مسلسل ڪونجندڙ ذات مٽائڻ لاءِ تيار نہ آهن. حيدرآباد وارا قاضي، سڀ کان وڌيڪ مشهور آهن. جرنلزم، اخبارون ۽ ڪي ٽي اين، اسان سنڌ وارن لاءِ سندن ڏنل تحفا آهن.

هنن ”علم عروض“ يا شاعريءَ جو علم سکيو. منثار سولنگي مرحوم، منظور منگي، ابراهيم خليل ۽ اياز جاني مرحوم وغيره علم ادب جا مشهور نالا آهن. مون کي محبت ۽ جهيڙي کان سواءِ ڪجهه ڪو نه اچي، سو صرف ماستر ئي رهيس. شاعر ۽ دانشور ٿي نه سگهيس.

منجهند جي ماني کائي، ٿورو آرام ڪري، ڪڏهن ڪڏهن سائينءَ سان ڪچهريءَ لاءِ دوڪان تي اچي ويهندو هوس. سيال ۽ قاضي صاحب سان خوب رهاڻيون ٿينديون هيون. محمد خان جو دوڪان نه نالي ۾ هو، پر هيو ”علم ادب جي اوطاق“. وڃڻ ۾ ”ناغو“ ٿيندو هو ته محمد خان سيال چئي ڏيندو هو ته ”عاشق! محبوبن کي ته نه وسار!“

هڪ دفعي ”فاضل راهوءَ“ جي چاليهي تان، مقصود ”گُل“ قاضي صاحب واپس آيو ته ڪانئس حال احوال ورتم. سربستو احوال ڏنائين. هڪ ڏکوئيندڙ خبر ڏنائين ته ”شگرمل جو آفيسر آهيان، پنهنجي ٻولي ۽ علم ادب جي واڌاري لاءِ، پنهنجي دل ۽ دماغ جي هٿان مجبور ٿي، تڏڙو وڇائي، راهوڪيءَ ۾ پنڊال ۾ ٻئي چوڪري سان ڪتاب رکي، اسٽال هنيو. اسان کي ڪمائڻو ته ڪو نه هو پر اُتان جي شريڪ سنگت اجنبيت جو اظهار ڪيو. مون کيس عرض ڪيو ته: ”بس سائين! حضرت عشق، عاشقن سان ائين ڪندو آهي. وري اهڙو ڪم نه ڪجانءِ ۽ نه وري ڪنهن کي ٻُڌائجانءِ. اسان سڀ، ڳالهين جا ڳهير آهيون. هتي رُڳي رُج آهي، سائين رُج!“

”ها ادا سچ ٿو چوين، پڇتاءُ نه آهي. پنهنجو سفر جاري رهندو. مَنجھڻ ۽ اعتبار ڇڏڻ ٻه ڏاڍو ڏکيو آهي.“

سو سائين! سنڌي اهڙا عالم ۽ دانشور هجن پوءِ ڏسون ته ”سنڌي ٻولي، قومي ٻولي“ ڪيئن نه ٿي ٿئي؟ هتي اڪثريت بدبودار ڪردار، پاڻ پڏائڻ وارن ۽ گلاخور ڏاهن جي آهي. پوءِ سنڌي ٻوليءَ جا مسئلا ڇو حل ٿيندا؟ شگرمل نئون ديرو جي آفيسري تان

استعفيٰ ڏئي، پنهنجا پرائيويٽ اسڪول کوليائين. اغوا ٿيو، وري موٽي آيو. ساڳي طبيعت، ساڳي مرڪ، ساڳيو وهنوار. سائينءَ سان ڏيٺ ويٺ تہ تڏهن کان هئي جڏهن کان مان پرائمري اسڪول مسوديري ۾ پڙهندو هوس. سندس والد مرحوم ”سائين عبدالحي ’قائل‘ منهنجو اُستاد آهي.

سائين قاضي صاحب وڏو (عبدالحي قائل) منهنجن وڏڙن بزرگن سان واسطو رکندڙ هو. ٽانگي تي چڙهي مسوديري ايندو هو. هڪ دفعي اسان ٻارَ بينا هئاسون تہ سائينءَ پنهنجو لَڪڻ (Stick) اسان جي وڏي ڪي کولي ڏيکاريو هو. هٿ وجهڻ وارو ”مُنيو“ کوليائين تہ ان ۾ ”خنجر“ يا ”ننڍي تلوار يا نيزو“ لڳل هو. اسان سڀ ٻار حيرت ۾ پئجي وياسين. لڪڻ جو هيٺيون ڪاٺ جو حصو پورو هو.

سائين قاضي صاحب وڏو، رتيديري هاءِ اسڪول جو اُستاد، پر رتيديري سان ڳنڍ آسپاس جي شاگردن جو ”محسن“ هو. ڏاڍو سخت گير هو. اصل ۾ سنڌي چوٽي ”ٻار ۽ مُڇ جو وار“ ڪي مروڙيو نہ تہ اصل سِڌا نہ ٿيندا. مرحوم جمال ابڙي بہ پنهنجي سوانح حيات ۾ پڻ ٻارن ڪي پڙهائي ۽ اخلاق بابت ڪا رعايت ڏيڻ جي خلاف لکيو آهي. مهذب دنيا ۾ اڄ بہ اسڪولن ۽ هاسٽلن ۾ شاگردن جي سکيا لاءِ سخت ضابطا آهن. اصل ۾ ٢٤ ڪلاڪن جو شيڊول ڪنهن ڪيڊٽ ڪاليج جي شاگردن سان رهاڻ ڪري ڏسو.

اسان جي اسڪول پڙهڻ دوران، ميڊيڪل ۽ انجنيئرگ ۾ انٽر کان پوءِ سليڪٽ ٿيڻ، شاگردن لاءِ سُنو سنئون هوندو هو. والدين جي نيڪ-ناميءَ ۽ عزت جو سبب اهڙو اولاد ٻڌبا هئا. قاضي مقصود گل جو وڏو ڀاءُ قاضي اختر حيات ۽ سائين غلام الله لاشاري (لاشاري ڳوٺ) جو وڏو پٽ محمد صالح لاشاري ميڊيڪل ۾ سليڪٽ ٿيا هئا. مقصد آهي تہ: گهر جي تربيت، ذهانت ڪي هٿي ڏئي ٿي.

جڏهن مان ڏڪندڙ هٿن سان لکڻ شروع ڪيو تہ ٿورا ماڻهو هئا جن همٿايو هو. ”گُل“ صاحب انهن ۾ نمايان هو. هميشہ چوندو هو: ”لکندو رهہ! ڇپجڻ، بعد جو قصو آهي. جنون جَهڪو ٿيڻ کان اڳ،

لکي وَٽُ!“ منهنجين يادن جون بہ سيريز پڙهي، مفصل تبصرو ڪيائين. صلاحون ڏنائين. اخبارن ۾ ڪالم لکڻ لاءِ چيائين. پنهنجن دوستن (ايڊيٽرن) ڏانهن خط ۽ فون وغيره ڪرڻ لاءِ پڻ چيائين. مون پنهنجي زندگيءَ ۾ دوستن جو دوستن سان ورتاءُ ائين محسوس ڪيو آهي، جيئن مارٽي مينهن جو ڪاسائيءَ سان هجي. هُنن جا نفرت ڀريل نيڻ ڏنا آهن، ڏاڍا ڏکوئيندڙ جملا سَنا آهن. قاضي صاحب جي ايڏي پنهنجائپ، مون ڪي قبر تائين ياد رهندي. منهنجي هڪ دوست ”لارين“ آهي. هُن جو منهنجي لکڻين ۾ وڏو هٿ آهي. ان جو بہ مون تي حق آهي تہ هُنَ جي احسانن ڪي بہ عام ڪيان. احسان جو بدلو احسان ئي تہ آهي! پر بدلي ۾ جيڪو احسان ڪجي ٿو ان جي اهميت نہ آهي. بغير مفاد جي ”احسان“ جو هجڻ هميشہ مٿانهون رهي ٿو. ڏيندڙ هٿ مٿانهون ۽ وٺندڙ هٿ هميشہ هيٺانهون رهي ٿو.

تعزيتي ميڙاڪي ۾ جڏهن منظور منگيءَ ڳالهائڻ لاءِ سڏيو هو تہ مان پاڻ کي ضابطي اندر رکڻ ۾ ناڪام ٿيو هيس. پرائي محفل ۾ مان پنهنجو پاڻ لاءِ تماشو بڻجي پيو هوس. منهنجي اکين ڳوڙها ڏٺا ئي ڪو نہ آهن. اهڙي ڪيفيت زندگيءَ ۾ بہ چار دفعا پَسي اٿم. دنيا تي ڪنهن جو وَسُ ڪو نہ ٿو ٿئي، پر پنهنجو پاڻُ اوپرو ٿي وڃي تہ ٻين تي ميارون ڪهڙيون. ڪڏهن ڪڏهن پٿر بہ پاڻي ٿي پوندا آهن. اندرَ جِهجي پوندو آهي.

قاضي مقصود گل، بُلند اخلاق جو مالڪ هو. مون ڪيس سڀني جو همدرد ڏٺو. ڪنهن جي گلا ڪرڻ وارو نہ هو. بردبار ۽ سنجيده هو. سيد احمد شاھ عرف ”اُستاد“ بخاري، ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي ۽ عطا محمد ”حامي“ جو پروانو هو. دادوءَ ۾ استاد بخاريءَ سان رهاڻ هئي. پروفيسر نذير سومرو ۽ قاضي صاحب، ڳالهائڻ لاءِ چيو هيو پر مون پاڻ ۾ همت نہ پاتئي هئي.

مون ڪي سووينئر ۽ فوٽو اسٽيٽ مواد هميشہ موڪليندو رهندو هو. سڄيءَ سنڌ ۾ هلندو هو. ملندا هئاسون تہ سڀ احوال اوري

وٺندو هو. اسان جي وچ ۾ رابطي لاءِ خط، موبائيل ۽ قاضي خالد هوندو هو. خالد کي اسان محبت مان ”قاضي جاڙو“ سڏيندا آهيون.

هڪ دفعي قاضي صاحب فون ڪري چيو: ”فلاڻي ماڻهوءَ کي فلاڻو مئٽر ڏيو.“ مان ڪمري جي ريپيئر ڪرائي رهيو هيس، جنهنڪري سڀ ڪتاب ۽ فائيل مڪس ٿي ويا. يارهن مهينن ڪان پوءِ مئٽر مليو ته فوٽو اسٽيٽ ڪرائي ان دوست تائين پهچايا هيم. ائين پاڻ تان ذهني بوجهه هٽائي هلڪو ٿيو هيم. زندگيءَ ۾ ڪجهه گهريائين، سو به ٻئي ماڻهوءَ لاءِ. هو مون لاءِ شاهه جي ”جڪرو“ وانگر هو.

هڪ خط ۾ وڏي قاضي صاحب جي اسٽڪ جو ذڪر ڪيم. وڏيڪ ڪيس لکيو هيم ته اسان جي ويڙهي ۾ ادا بشير جن وٽ به تلوار هوندي هئي جيڪا ايوب خان جي مارشل لا ۾ گم ٿي وئي. جواب، خط ۾ ئي لکيائين. ان ۾ نشاندهي ڪيائين: ”اُها تلوار گم ٿيل نه آهي. بلڪ تنهنجي ويڙهي جي هڪ مرد هَٽان، فلاڻن ماڻهن تائين پهتل آهي.“ هُن اها معلومات ادا بشير ڪان ورتي هوندي. ان مان چٽائي ٿئي ته ڏاڍو سَپورنج ماڻهو هيو.

سال ٢٠١٥ع، شروع ڪان ئي سنڌ لاءِ ڏاڍو ڳرو سال ثابت ٿيو آهي. خالد محمود سومري جي شهادت، ڪامريڊ سوڀي گيانچنداڻي جي موڪلاڻي (ديهانت)، نئين ديري جي ڪامريڊ عبدالحميد سومري جي وفات ۽ قاضي مقصود جو وڇوڙو. رڳو تعزيتي پروگرام ٿيا آهن. اللهﷻ رهندن جو خير ڪري.

قاضي مقصود گل جي وفات سندس خاندان ۽ دوستن، سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌي ادب لاءِ وڏو نقصان آهي. شاعريءَ ۽ نثر ۾، وڏو مطالعو هيس. بين الاقوامي مزاحمتي ادب مان ”محمود درويش“ تي آرٽيڪل ٽه-ماهي ”مهراڻ“ ۾ شايع ڪرايو هيائين. مون اهو پڙهي، ڪيس داد ڏنو هو. پاڻ انهن ڪتابن جا نالا لکرايا هئائين.

هو ڏاڍو ذميوار ماڻهو هو، ڊپريشن هوندي به مسلسل پڙهندو ۽ لکندو رهندو هو. هميشه ٢٤ ڪلاڪن جي شيڊول تي ڪاربند رهيو.

آرام وقت فون ڪندو هيومانس ته اتڻ ڪان پوءِ پاڻ بيڪ رنگ ڪندو هو. اهڙو وفادار انسان هليو ويو.

”گل“ مرحوم، نئين ديري ۽ رتيديري ۾ ڪافي ادب دوست شاعر ۽ اديب پيدا ڪيا. پنهنجين لکڻين ۾ هو هميشه ياد رهندو.

فارسي شعر جو مفهوم آهي: ”گل کي ڪنهن چيو ته تنهنجو حُسن ۽ خوشبو ڪمال جي آهي.“

گل جواب ۾ چيو هيس: ”اِهو ڪمال ته هُن مِٽيءَ جو آهي، جنهن مون کي ساراهه جوڳو بڻايو آهي.“

”او ڏرتي! مان تنهنجي رکت ڏيندي ڏيندي، رهندو مان قرضي ٿيندو وڃان.“ (تبسم)

قاضي ”گُل“ جي سنڌ ۽ سنڌ جي پورهيت ماڻهن سان وابستگيءَ کيس نرم دل، ذميوار ۽ اڻ ٿڪ ليکڪ، شاعر ۽ دانشور بڻايو. تقريرن ڪرڻ سان گڏ، عملي زندگيءَ کي پڻ، ادب لاءِ وقف ڪري ڇڏيو هيائين.

آخر کيس ميجتا ڏيڻ لاءِ شاهه جو شعر عرض رکندس:

”ڪرڪٽا لاهي، سُک نه سُتا ڪڏهين،
اوسيئڙو آهي، ڪاهوڙين کي پنڌ جو.“
(مرشد لطيف ؒ)

”هُن جي مِٽي، مِٽيءَ سان ملي، پرين پسڻ لاءِ.“

اجا به پنڌ ۾ هوندي، هو ٿڪجڻ ۽ آرام ڪرڻ وارن مان نه هو.

***

## ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي قنبر پاران ڇپرايل ڪتاب

١. انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا ...................................... ڊاڪٽر محبت ٻرڙو (ختم)
٢. ماٺهو ۽ ماٺهپو ................................................ ڊاڪٽر محبت ٻرڙو (ختم)
٣. آبشار ............. جبران خليل جبران/انجنيئر شفقت حسين وڏو (ختم)
٤. يادون ۽ سُڪونُ ................................................ ڊاڪٽر محبت ٻرڙو (ختم)
٥. ٻوليءَ جو ٻڻ ...................................................... ڊاڪٽر محبت ٻرڙو (ختم)
٦. سائنسي ڄاڻ ..................................................................... اجمل هديٰ پٽو (ختم)
٧. ڪامياب زندگي ڪيئن گذارجي؟ .......................... شفقت حسين وڏو (ختم)
٨. سنڌي ٻولي: لفظ، لغت ۽ لکيت ........................ ڊاڪٽر محبت ٻرڙو (-/٥٠)
٩. رانديڪو ........................................................................ ملهار سنڌي (ختم)
١٠. ٻه ٽي جام پيئڻ کان پوءِ ...................... عمر خيام/ شفقت حسين وڏو (ختم)
١١. گريٽر ٿل ڪئنال ۽ ڪالا باغ ڊيم ......................... محمد ادريس راجپوت (ختم)
١٢. شعور ................................................................... ڊاڪٽر محبت ٻرڙو (ختم)
١٣. شام جي هوا ............................................................... رياضت ٻرڙو (ختم)
١٤. هوا ۾ ٻرياسين ............................................................ بيخود بلوچ (ختم)
١٥. تقريرون ...................................................................... غلام علي چنه (ختم)
١٦. موسيٰ کان مارڪس تائين ............ سِبطِ حسن/ڊاڪٽر محبت ٻرڙو (-/١٠٠)
١٧. پنج ڏينهن ................................................ سعادت حسن منٽو/رضوان گل (ختم)
١٨. وکر ڏارو ڏار ............................................................. غلام علي چنه (ختم)
١٩. ڪونج ......................................................................... غلام علي چنه (ختم)
٢٠. ديوانِ رياضت .............................................................. رياضت ٻرڙو (-/٦٠)
٢١. تحفو .................................................................... حسن علي هڪڙو (-/٤٠)
٢٢. جيون تنهنجي نانءِ ....................................................... وفا اسلم شيخ (-/٥٠)
٢٣. ساحل ۽ سمنڊ ............. جبران خليل جبران/پروفيسر عطاءُ الله ابڙو (-/٤٠)
٢٤. سنڌ: حڪمران، ايم ڪيو ايم ۽ سنڌي عوام .... ڊاڪٽر محبت ٻرڙو (-/٩٠)
٢٥. قنبر: هڪ اڀياس ....................... ايڊيٽر ۽ سهيڙيندڙ: رياضت ٻرڙو (ختم)
٢٦. قنبر تعلقو: مختصر ڄاڻ سڄاڻ ............. مرتب: دين محمد ڪلهوڙو (ختم)
٢٧. گرهن جي ڪوجنا ......................... جيڦئلن مٿن/ جاويد حسين وڏو (ختم)

۲۸. ٻول جو ٻڻ ................ ڊاڪٽر محبت ٻرڙو (۱۰۰/-)
۲۹. ڳولا ................ ٽيلر ڪالڊويل/ شفقت حسين وڏو (۸۰/-)
۳۰. چانڊوڪا چمڪن ................ مرتب: رياضت ٻرڙو (ختم)
۳۱. سڄڻ ماڪيءَ ميٺ ................ اسد چاچڙ (۴۰/-)
۳۲. ڌرتي: منهنجو گهر ................ ڊاڪٽر محبت ٻرڙو (۴۰/-)
۳۳. آڳاٽي سنڌ ۽ سنڌي ٻولي ................ ايم ايچ پنهور/ڊاڪٽر محبت ٻرڙو (۱۲۰/-)
۳۴. فلسفو: هڪ مطالعو ................ ڊاڪٽر محبت ٻرڙو (۱۰۰/-)
۳۵. ضميري پڇاڙيون ................ ڊاڪٽر محبت ٻرڙو (۱۰۰/-)
۳۶. سنڌي ٻوليءَ جون حسناڪيون ................ ڊاڪٽر بشير احمد شاد (۱۲۰/-)
۳۷. پيرل قنبر ................ ڪوڙل قربدار (۱٦۰/-)
۳۸. اهنجي ڌرتي ................ ڊاڪٽر محبت ٻرڙو (۱۳۰/-)
۳۹. ڊاڪٽر محبت ٻرڙو (شخصيت، فڪر ۽ فن) ................ رياضت ٻرڙو (۲۰۰/-)
۴۰. ابتدائي سائنس (ٽئين درجي لاءِ) ................ جاويد حسين وڏو (ختم)
۴۱. ابتدائي سائنس (چوٿين درجي لاءِ) ................ جاويد حسين وڏو (ختم)
۴۲. ابتدائي سائنس (پنجين درجي لاءِ) ................ جاويد حسين وڏو (ختم)
۴۳. فطرت، سائنس ۽ سماج ................ ڊاڪٽر محبت ٻرڙو (۱۵۰/-)
۴۴. پهاڪن ۽ چوڻين بابت تنقيدي مقالا ................ انجنيئر عبدالوهاب سهتو (۱۲۰/-)
۴۵. لاڙي پهاڪا ۽ چوڻيون ................ انجنيئر عبدالوهاب سهتو (۱۲۰/-)
۴۶. ڳوناٽو ڳُٽ ................ چاچي لال ڏي آهوجا ۽ انجنيئر عبدالوهاب سهتو (۱۴۰/-)
۴۷. محبت جا خط ................ ڊاڪٽر محبت ٻرڙو (۲۰۰/-)
۴۸. ماڳن مڪانن جي نالن تي مشتمل پهاڪا ۽ چوڻيون...انجنيئر عبدالوهاب سهتو (۱۵۰/-)
۴۹. طبي پهاڪا ۽ چوڻيون ................ انجنيئر عبدالوهاب سهتو (۱۲۰/-)
۵۰. معلوماتي مالها ................ واحد بخش تونيه ۽ عابد حسين تونيه (۲۰۰/-)
۵۱. چونڊ سنڌي چوڻيون ... ڪيرت مهرچنداڻي ۽ انجنيئر عبدالوهاب سهتو (۱۴۰/-)
۵۲. معلوماتي مالها (ٻيو ڇاپو) ................ واحد بخش تونيه ۽ عابد حسين تونيه (۲۲۰/-)
۵۳. ٽري پهاڪا ۽ چوڻيون ................ انجنيئر عبدالوهاب سهتو (٦۰۰/-)
۵۴. محبت جن جي من ................ ترتيب ۽ تدوين: رياضت ٻرڙو (۴۰۰/-)
۵۵. ڌرتي: منهنجو گهر (ٻيو ڇاپو) ................ ڊاڪٽر محبت ٻرڙو (۱۰۰/-)
۵٦. اڪئين ڏٺم جو ................ عاشق منگي (۱۴۰/-)

***



عاشق منگي، منظور ڪوهيار، عباس چنو، رشيد ڪٽپر ۽ وهاب سهتو

عاشق، حد ڪان وڌيڪ محبت ۽ پيار ڪندڙ، خدا ترس، حق جو متلاشي، محبت الاهيءَ ۾ غرق، قدرتي نظارن سان پيار ڪندڙ ۽ سيلاني طبيعت رکندڙ آهي.

دل جي سچائيءَ ۽ ايمانداريءَ سان لکان ٿو ته جڏهن به منهنجي ملاقات، سائين عاشق منگي صاحب سان ٿيندي آهي ته آءٌ ائين محسوس ڪندو آهيان جڻ ڪنهن ڏاهي، بزرگ ۽ استاد سان مليو آهيان. سندن گفتگوءَ ۾، وڏو درد ۽ گهرائي سمايل آهي. سندن تحقيق ۾، وڏي سوچ لوچ ۽ توازن موجود آهي.

هن جا ڪردار، جڻ منهنجي اندر جا ڪردار آهن. جنهن وات جا اهي مسافر آهن، آءٌ به انهن ادبي پيچرن جو پراڻو پيرادو آهيان. جنهن دل ۾ پريم جو واسو ڪونهي، سا مردهه دل آهي.

عاشق جن ڪي اسين مجاز يا روپ جا قائل سڏيون ٿا، سي حقيقت ۾ سچا سورهيه ۽ انسان ذات جا خدمتگار آهن، ڇو جو اُهي مايا جي موهَ ۽ دنيا جي ڪوڙي مانداڻ کان سخت نفرت ڪندڙ آهن. عاشق منگي به اهڙن سچن عاشقن جي سٽ جو ساٿاري آهي.

دعا آهي ته سندس ادبي خدمتون ۽ صلاحيتون، پتڪڙن ٻارڙن جيان ڪرندي، وري اٿندي، منزل طرف وڌنديون رهنديون.

**جيئل اوڏ**

ايوب ڪالوني، لاڙڪاڻو

۹ جون ۲۰۱۷ع